# سَرَ ۾ سانجهيءَ ويرَ

عبدالواحد آريسر

ڪمپوزنگ:

شاهنواز سومرو

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net

# ٻهَ اکر

قومن جي بقاءَ ۽ واڌاري جو دارومدار سندن ادبي اوسر تي هوندو آهي. ان ڪري ئي چيو ويندو آهي ته ”سا قوم ئي زنده رهي جنهنجي زبان زنده رهي.“ زبان زنده رهڻ منجهان اهائي مراد آهي ته ان زبان ۾ مختلف قسمن جا گهڻي کان گهڻا ڪتاب شايع ٿيندا رهن.

انهيءَ خيال سان سنڌي زبان وڏي شاهوڪار ۽ علمي ذخيري سان مالا مال آهي. ان سلسلي ۾ ڪافي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ۽ خانگي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن. هر اداري جو پنهنجو پروگرام آهي. جنهن تحت مختلف ڪتاب شايع ڪري ادبي ذخيري ۾ واڌارو ڪيو پيو وڃي. پر اسانجا مسئلا ۽ گهرجون ڪهڙيون آهن. ان کي سمجهڻ ضروري آهي، ڇوته جيستائين صحيح راه مُتعيُن نٿي ڪئي وڃي ۽ ان تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ ڪارگر طريقا استعمال نه ٿا ڪيا وڃن تيستائين مقصد جو ماڻڻ نهايت اوکو بلڪ ناممڪن آهي.

ان مقصد کي نظر ۾ رکندي رنيڪوٽ پبليڪيشن جو بنياد وڌو ويو آهي. جنهن طرفان مختلف وقتن تي تاريخي، تحقيقي ۽ ادبي مواد پيش ڪيو ويندو.

اسانجي اداري کي ان ڳالهه تي فخر آهي ته هن اداري جي شروعات ڇوٽين دنيا جي مفڪر نوجوان تاريخدان عبدالواحد آريسر جي ڪتاب سان ٿي آهي. اميد ته سجڻن جي ساٿ سان اشاعت جو سلسلو جاري رهندو.

- ادارو

جنوري ***1981***ع

# انتساب

اُنهن جي ناليءَ جي واٽن ۾ ويهي رهيا.

پنڌ ڏاڍو پريءَ آهه پانڌيئڙا!

# پيش لفظ

ارغونن ۽ مغلن جي زماني ۾، سنڌين جي ويڙهه جي هڪ حڪمت عملي هيءَ به هئي، جڏهن هنن ڏٺو ته سندن رهيل سهيل قوت به مغليه قهر جي ڪري تباهيءَ جي ڪناري تي اچي پهتي آهي ته اُن وقت هنن هڪدم هيٺاهينءَ وارو رستو اختيار ڪري، معافيون وٺي، وري به ڪنهن آئينده جنگ جي تياري ڪئي. جيتوڻيڪ اها حڪمت عملي، وقتي طرح هنن جي اخلاقي شڪست هئي، پر هنن پنهنجيءَ اُنهيءَ اخلاقي شڪست ڪي مادي فتح ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هر اپاءُ اختيار ڪيو. اُن وقت جي سنڌ جي تاريخ جي هِنن مَردن مثيرن، پنهنجن پيارن جي هزارها لاشن جي پُلين تان نئين فتح لاءِ پنهنجا لشڪر روانا ڪيا. شڪست ڪاڌل سنڌين جي ڳچين ۾ جيتوڻيڪ ذِلت ۽ رُسوائيءَ طور پَٽڪا پيل هوندا هئا، پر اُن وقت به هنن جي مادر وطن جي حُب سان ٽمٽار دلين ۾ ظالمن ۽ ڦورن جا جگر پنهنجي فولادي هٿن سان ڪڍي اڇلائڻ جا جذبا جوان هئا. اُن دور ۾ اگرچه بيشمار سنڌي مادر وطن جي حُب ۾ قتل ٿيا، ليڪن سنڌ جي چپي چپي تي مغل سپاهين جي لاشن ڪي ڪُتن جو کاڄ بڻائي ڇڏيائون. مغليه دور حڪومت ۾ سنڌين جي اها شاندار، بهادرانه ۽ حبِ وطن سان معمور جنگ، دُنيا جي تاريخ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي؛ جيڪا بنا ڪنهن مرڪزي قيادت ۽ بنا ڪنهن بادشاهه، حڪمران، سلطان يا ڄام جي اڳواڻيءَ ۾ وڙهي ويئي. اُن وقت ٺٽي، سيوهڻ ۽ بکر تي جيتوڻيڪ مغلن جا نواب قابض هئا، پر سرزمينِ سنڌ جا هزارين ميلن ۾ پکڙيل ميدان ۽ صحرا، درياهه ۽ ٻيلا، کيٽ ۽ ترايون، ڍنڍون ۽ ڍورا، واهڻ ۽ وستيون، ڀٽ ۽ پيچرا، مادر وطن جي لاکيڻن فرزندن جي جدوجهد ۽ جهاد جا جولان گاهه بڻيل هئا. اُنهن محاذن ۽ معرڪن ۾ ديس واسي آزاديءَ جون آذانون ڏيندا، وڙهندا ۽ جهيڙيندا رهيا ٿي. شڪست کائڻ ۽ شڪست ڏيڻ، مرڻ ۽ مارڻ، پيش پوڻ ۽ بغاوت ڪرڻ، ڌوڪا کائڻ ۽ ڏمرجي اُٿڻ، ملڪيتون ڦرائڻ ۽ مغلن جي لشڪر، ماڻهن ۽ دلالن کي ڦُري پنهنجي کوٽ پوري ڪرڻ، سنڌي عوام جي روزمره جو دستور هو. هنن جو ايمانُ هو ته جنگ ۾ شڪست کائڻ ذلت ناهي. پر شڪست کي تقدير جو لکيو سمجهي، راضي ٿي، حاڪمن جي اقتدار کي هميشه لاءِ تسليم ڪري، مادر وطن تان هميشه لاءِ دستبردار ٿيڻ ئي اصلي، حقيقي ۽ دائمي ذلت آهي؛ جيڪا قومن کي سدائين پنهنجي ماتر يوميءَ ۾ اڇوت ٿي رهڻ تي مجبور ڪندي آهي.

## حِسام الدين راشدي، سنڌين جي انهيءَ حڪمت عمليءَ متعلق لکي ٿو:

”خون ڪرڻ ۽ خون ٿيڻ، مارڻ ۽ مارجڻ،
شڪست کائي توبهه ڪرڻ ۽ اُن بعد وري شورش
برپا ڪرڻ، سميجن (سنڌين) جو
رات ڏينهن جو دستور هو.“

اِن عبارت ۾ پير صاحب، پنهنجي هيرو، مير ابوالبقا جي شان کي بُلند رکڻ لاءِ سنڌين جي آزاديءَ جي تڙپ کي يوسف ميرڪ (مصنف مظهر شاهجهاني) جي پيرويءَ ۾ ”شورش“ برپا ڪرڻ لکيو آهي. پر يوسف ميرڪ کي ڪهڙي خبر ته اينڊڙ وقت ۾ اَهڙيون دِليون به پيدا ٿينديون، جيڪي اُنهن شورشن جي عظمتن محرابن ۾ سجدا ڪنديون؛ ۽ اهڙيون اکيون به هونديون، جيڪي اُنهن ڳسن جي مِٽيءَ کي پنهنجي لاءِ سُرمو ڪنديون!

سنڌ ۾ ڪنهن مرڪزي حڪومت نه هئڻ سبب، سنڌي عوام جنگ جي باقائدي صِفبنديءَ واري صورت ڇڏي، ڇڙوڇڙ جنگ ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪيو. اهڙي قسم جي جنگ کي اسان موجوده دور جي **”گوريلا جنگ“** سان ڪنهن حد تائين ڀيٽي سگهون ٿا؛ پر گوريلا جنگ ۾ جنهن ترتيب، تنظيم ۽ منصوبي بنديءَ کي مدنظر رکيو ويندو آهي، سا ترتيب، تنظيم ۽ منصوبي بندي، منتشر جنگ ۾ نه هوندي آهي. هن جنگ جو نه ڪو هيڊ ڪوارٽر هوندو آهي، نه هڪ سربراهه ۽ نه ئي هڪ تنظيم. مُلڪ جو هر محب وطن ماڻهو وٽس موجود معمولي هٿيار به دشمن جي خلاف استعمال ڪرڻ جو موقعو هٿان نه وڃائيندو آهي. مُلڪ جي وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل هزارين لکين ڳوٺ، اُنهيءَ جنگ جا مرڪز ۽ هيڊڪوارٽر هوندا آهن- ۽ لکين عوام مان هر هڪ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي مڪمل مورچو ۽ سپهه سالار هوندو آهي. اهڙي قسم جي جنگ، جيڪا ڇڙوڇڙ صورت ۾ وڙهي ويندي آهي، سا ڪامل فتح جا نتيجا پيدا ڪري نٿي سگهي، پر اُن جنگ سان حاڪم ٽولن کي آرام سان حڪومت ڪرڻ ۽ مفتوح مُلڪ جي دولت محفوظ جاين ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ سخت دشواريون پيش اينديون آهن ۽ هو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ڪمزور ٿيندو رهندو آهي. سنڌين به مخالف حاڪمن خلاف اهڙي ئي جنگ وڙهي. اِها سنڌي عوام جي ڇڙوڇڙ جنگ ئي هئي، جنهن مغل شاهيءَ کي ايترو ته ڪمزور ڪري ڇڏيو، جو اُن ڪمزوريءَ مان فائدو وٺي، نه صرف سنڌي عوام ڪلهوڙن جي دور ۾ آزادي حاصل ڪئي؛ پر پنجاب، بنگال، دکن ۽ ميسور جي عوام به مغل آقائيت کان پنهنجي جانِ آزاد ڪرائي ورتي. اِها آزادي اَگرچي هلڪي، مختصر ثابت ٿي، پوءِ به آزاديءَ جو هڪ ڏينهن، غُلاميءَ جي سؤ ساله خوشحاليءَ کان بهتر آهي. اِن ڪري اِهو چوڻ ته مغلن جي خلاف سنڌين جي ڇڙوڇڙ جنگ ڪوبه نتيجو پيدا نه ڪيو، سو غلط آهي.

تاريخ ۾ **سنڌ** ڪئين دفعا غلام ٿي آهي ۽ ڪيترا ڀيرا سنڌي عوام انتهائي بهادريءَ سان وڙهي آزادي پڻ حاصل ڪئي آهي، ته ڪڏهن وري ڪنهن حڪمت عمليءَ جي ذريعي سنڌ جي خودمختياريءَ جو جهنڊو بُلند ٿيندو رهيو آهي. تاريخ ۾ سنڌ جي سرسبزي ۽ شادابي، بي پناهه دولت ۽ زراعت، ڌارين قومن جي حملي جو باعث رهي آهي ۽ سنڌين ۾ ڪنهن مرڪزي قوت جو موجود نه هئڻ، سندن غلاميءَ جو سبب ٿيندو رهيو آهي. سنڌي، بنيادي طرح قبائلي نظام تحت ڇڙوڇڙ ڳوٺن ۾ رهندا هئا. وقتي ڪن ڳوٺن ۾ سَون ميلن جو مفاصلو به هوندو هو. وڏن ۽ پَڪن شهرن ۾ ڳڌجي نه وهڻ جو سبب هيءُ هو ته مُلڪ زرعي هو ۽ ماڻهو مالوند هئا. اُن ڪري، جتي چراگاهه ۽ پوک لائق زمين نظر آئي، اُتي ويهي رهندا رهندا هئا. اِهي پڻ شيون، شهري زندگيءَ جي اُبتڙ هيون. اُن ڪانسواءِ سنڌو درياهه به ڳاهي بگاهي وهڪرو بدلائي،، شهرن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻبو هو. ان ڪري، سنڌي عام طرح شهرن ۾ گهٽ ويهندا هئا. شهر گهڻو ڪري سنڌو درياهه جي ڪناري، هِن ڪري آباد ڪيا ويندا هئا، جو اتي پاڻيءَ جي سهولت سان گڏ ٻيڙين رستي واپار ۽ اچ وڃ ۾ آساني هئي. اِهي سبب هئا، جنهنڪري سنڌين ۾ مرڪزيت ۽ اجتمائيت پيدا ٿي نه سگهي ۽ هُو ڇڙوڇڙ پنهنجي جدوجهد ڪندا رهيا. اِها جدوجهد ارغونن جي اچڻ کان وٺي مغلن جي خاتمي تائين جنهن ڍنگ ۽ رنگ سان هلندي رهي، سو بجاءِ خُود سنڌ جي تاريخ ۾ بي مثال ڪيڏارو آهي. هڪ طرف فاتح جو ظلم ۽ غارتگري، پنهنجي اوج ۽ عروج تي آهي، ته ٻئي پاسي هِن ڌرتيءَ جي ڌڻين جو جوش ۽ خروش به پنهنجو مُٽ پاڻ آهي. هيءُ دور، جيڪو اٽڪل رُوءِ هڪ صديءَ تي پکڙيو پيو آهي، سو سنڌين جي سنئين سِڌي ۽ واضح جدوجهد جو ڏکهو داستان آهي. هيءُ اُهو دور آهي، جنهن ۾ سنڌي قومَ پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهڻ جو حق، پنهنجي هٿ ڪرڻ لاءِ هڪ تاريخ کي جنم ڏنو. اُن تاريخ ۾ رتُ آهي، باهه آهي، آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ ماڻڻ جا جذبا آهن. بيوسيءَ ۽ ڌارين جي طاقت تي جَڪَ آهن. ڪٿي ديس واسين ۽ ڪٿي ديس دروهين جي لاشن جا ڍير آهن. هر چوواٽي تي ڦاسين جا ٿياس آهن، جن تي اهڙا ماڻهو زبانون ٻاهر نڪتل لٽڪيا پيا آهن، جيڪي حڪومت ۽ تخت جا حقدار هئا. جن جي سدا ملوڪ ۽ باهمت مهانڊن تي موت کان پوءِ به ديس- دروهين لاءِ حقارت ۽ نفرت جي ڇپين سان گڏ عقابِي اکين ۾ آخري ۽ دائمي فتح جي اُميد جا ڪرڻا، موتئي جي مُرڪ وانگر ٻکي رهيا هئا.

اِنهيءَ دور ۾ سنڌي محب وطن ماڻهن، سنڌ جي پوري سرزمين کي جنگي ميدانن ۽ مورچن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. سنڌ جي سرزمين جو هڪڙو انچ به اهڙو نه هو، جتي فاتح يا مفتوح، پر آزاديءَ لاءِ وڙهندڙن جو رتُ نه وهيو هجي. اهو سارو دور، هن سرزمين تي آزاديءَ ۽ غلاميءَ، موت ۽ زندگيءَ جو ڊيڄاريندڙ پر روح ريجهائيندڙ ناچ جاري رهيو، جنهن ۾

جيتوڻيڪ وقتي طرح غلاميءَ ۽ موتَ جو ديوُ سوپارو ٿيندو رهيو، پر اُن ناچ ۾ آزادي ۽ زندگيءَ جي روشنيءَ جا جهَڪا ۽ جهيٽا ڪرٽا، جيڪي اُپريا، سي ئي تاريخ جي اصلي روشنيءَ ۽ سچائيءَ جا منارا آهن. جن جي بُلندي ۽ دِلڪشي وقت گذرڻ سان گڏ پائيدار ۽ دائمي ٿيندي ويندي، جنهن کي وقت جي ڪابه لهر ۽ ڪوبه لوڏو، مِٽائي ۽ ، ميساري نٿو سگهي. اهڙن محب وطن ماڻهن جا جيتوڻيڪ زمين تي يادگار نه به نهن، پر وقت جي دز هٽڻ وقت اُنهن جا يادگار انساني ذهنن ۾ نهندا آهن.

ارغونن، ترخانن ۽ مغلن خلاف سنڌين جي ويڙهه، نافرمانيءَ، سرڪشيءَ، حملن ۽ هلائن کي فاتحن جي نمڪ حلال تاريخ لکندڙن، هر جاءِ تي چورين، ڌاڙن ۽ ڦُرن جي نالي سان لکيو آهي. جنهن جو مقصد، سنڌي محب وطن ماڻهن کي بدنام ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. اِن سڀ لکڻ سان گڏ اِهو به لکيو اٿن ته اُنهن ڌاڙيلن وٽ اٺ هزار ماڻهن جو لشڪر آهي، ڪٿي ڏهن هزارن جي فوجِ آهي، ته ڪٿي ٽي هزار سپاهه. مثال طور مغل دور ۾، حاڪمن سان وڙهندڙ سنڌين جو تعداد سرسري طور هن ريت معلوم ٿئي ٿو.

***1021***ع ڌاري چاڪر هالا پرڳڻي ۾ مغلن سان وڙهندڙ سنڌ جي ٽِن قبيلن؛ ٻَبرن، دَلن ۽ شورن جي لشڪر جو تعداد ڏهه هزار هو. اِنهيءَ عرصي دوران ساڪري واري حصي ۾ مُغلن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ ڪرمتين ۽ جوکين جو تعداد ٽي هزار هو. اُنڙن جي هڪڙي شاخ سارين وٽ پنج هزار سپاهي وڙهڻ جهڙا موجود هئا. جن ۾ هڪ هزار سوار ۽ چار هزار پيادا هئا. چانڊين جي مُجاهدن جو تعداد ٻه هزار هو، جنهن ۾ هڪ هزار ٽي سؤ سوار ۽ ست سؤ پيادا هئا. نُومڙيا به پنهنجي فوج رکندا هئا، جيڪا پندرهن سؤ سوارن ۽ ساڍن چئن هزار پيادن تي مشتمل هئي. پنهورن وٽ ٻه هزار پيادا ۽ هڪ هزار سوار سپاهي هوندا هئا. باقي سنڌ جي مشهور ويڙهاڪ قبيلي اُنڙن ۽ سميجن جي ٻين مختلف شاخن وٽ اَٺ هزار جنگي جُوانَ موجود هئا.

هاڻي سُوال ٿو پيدا ٿئي ته دُنيا جو ڪهڙو مشهور ڌاڙيل ٿي گذريو آهي، يا هن وقت موجود آهي، جنهن جي ٽوليءَ ۾ ايترا هزار ماڻهو هڪ ئي وقت موجود هجن- جن جا گهر گهاٽ، ٻنيون ٻارا ۽ راڄ ڀاڳ به موجود هجن! پر حقيقت ۾ ائين نه آهي. اُهي سنڌي، محب وطن ۽ آزاديءَ جا متوالا هئا. اُهي اهڙا ئي ڌاڙيل هئا، جهڙا ڌاڙيل چي گويرا ۽ سندس ساٿي. اُهي وطن دوست سنڌي اهڙا ئي رهزن هئا، جهڙا لين پيائو ۽ سندس سُرخ سپاهي. اُهي مادر وطن جا لاڪيڻا پُٽ اِهڙائي ئي ڦورو هئا، جهڙا ڪبرال

جي ڪمان ۾ وڙهندڙ آفرڪي حُريت پسند. اُهي آزاديءَ جا ڪوڏيا اهڙا ئي فسادي هئا، جهڙا سامورا ماشيل جا جانثار دوست. اُهي اهڙا ئي لُٽيرا هئا، جهڙا جنرل گياپ جا ويٽ نامي؛ - ۽ اُهي اهڙا ئي فسادي هئا، جهڙا فسادي ڀڳت سنگهه ۽ دت!

انهن سڀني عظيم محب وطن ماڻهن کي به ته پنهنجي دور ۾ قابض قُوتن ۽ سندن دلال دانشورن، صحافين ۽ ڏاهن، چور، رهزن ۽ قاتل پئي سڏيو آهي. اُن ڪري اسان کي اِن ڳالهه تي حيرت يا اچرج ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه آهي.

اُنهيءَ ساڳئي دور ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙا به هئا، جن کي درباري مورخن طرفان امن پسند ۽ وفادار شهرين جا لقب مليل هئا. سامراج ۽ اُن جا دلالَ، اهڙا سُهڻا لقب، اُنهن ماڻهن کي ڏيندا آهن، جن جي وطني غيرت مري ويندي آهي. جن جي دلين مان آزاديءَ جو احساس اِئين ختم ٿي ويندو آهي، جيئن هڪ وئشيا جي ذِهن مان حياءَ جو تصور. قومن جون ايندڙ پيڙهيون، پهرئين قسم جي فسادين جي پيرن جي مِٽيءَ کي پنهنجي پيشانيءَ تي تِلڪ طور لڳائينديون آهن، ۽ ڏارين جي دلالن جي شرافت ۽ اَمن پسنديءَ تي لعنت وجهنديون آهن؛- ڇو ته اِها شرافت ۽ اَمن پسندي جي سَندَ مادر وطن جي وِڪري ۽ نيلام جي قيمت هوندي آهي- ۽ هر باغيرت پيڙهي، پنهنجيءَ ڌرتيءَ جو ڪنهن کي دانُ به نه ڏيندي آهي. حالانڪ اُنهن شريف ۽ پُر امن شهرين ته پنهنجي مُلڪ جي تباهيءَ بربادي لاءِ آقائن کي پنهنجي رضامنديءَ جا دستاويز لکي ڏنا هئا- ۽ اُهي ڏُور ڏيهي آقا، جيڪي ڪجهه هتي ڪندا رهيا، سو انسانيت جي نالي تي هڪ شرمناڪ داغ ۽ پوري انساني تاريخ تي ڪوڙهه جو ڇُٽو آهي. هنن سنڌين تي اُهي اُهي ظلم ڪيا، جن کي ڏسي هلاڪو ۽ چنگيز به پنهنجي فرشتي هجڻ جي دعويٰ ڪن ته مٿن ڪابه ميار ڪانه آهي. وري ظُلم ته اِهو جو اِهي وحشيانه حرڪتون ڪندڙ حاڪم ۽ آقا، مذهب جا ٺيڪيدار ۽ اسلام جا سپاهي هجڻ جا دعويدار هئا. مثال طور شاهه بيگ ارغون ۽ سندس پُٽ شاهه حسن کي سڀني تاريخ لکندڙن، نماز روزي جا پابند، خير خيرات جا شوقين ۽ پرهيزگار لکيو آهي. پر هنن هتي (سنڌ ۾) ڪيو ڇا، تنهن جو مختصر قِصو هن ريت آهي- جيتوڻيڪ اُن وقت جي تاريخ لکندڙن، اُنهن ظالم بادشاهن جي قهري ڪاروائين جو پورو تفصيل نه ڏنو آهي:

***1***. تاريخ سنڌ ۾ آهي ته شاهه بيگ ارغون، ***11***-محرم ***927***هه جو ٺٽي ۾ تباهي ۽ موت جي ديو جي صورت ۾ داخل ٿيو. ارغون ۽ تُرخان سپاهي، قرون وسطيٰ جي وحشي درندن ۽ آفريڪا جي آدم خور قبيلن جو روپ وٺي، موت، قتل ۽ غارتگريءَ جو مقدس ناچ ڪرڻ لڳا. هنن جون ڏاڙهيون ڪندريل، ڇهرا جنن جهڙا، اکين ۾ نشي، شهوت ۽ لُٽ مار جي هَوَس جي وحشانيت. هُو ***20*** محرم

تائين ٺٽي کي نڌڻڪو سمجهي لُٽ مار ڪندا رهيا. هنن سنڌ جي ماڻهن کي هر طرح ذليل ڪيو، ڪيترن ماڻهن جي ٻارن ٻچن کي قيد ڪيو ۽ بيشمار قتل ۽ خونريزي ڪئي. تاريخ طاهريءَ ۾ لکيل آهي ته جيڪي هولناڪ تباهيون، ٺٽي وارن تي شاهه بيگ ارغون هٿان نازل ٿيون، اُهي ٺٽي وارن جي خواب خيال ۾ ڪين هيون.

**2.** هن ٺٽيءَ جي جنگ کٽڻ بعد پوري ٺٽيءَ جي شهر کي نه صرف لُٽيو ۽ ڦُريو، پر سوڍن، سهتن ۽ سمن جي محب وطن لشڪر جي بچيل سپاهين سان اُها ڪار ڪئي، جيڪا سڪندر يونانيءَ سانگلا ۽ مينا نگر کي فتح ڪرڻ کان پوءِ ڪئي. شاهه بيگ آخر ۾ سڄي ٺٽي شهر کي باهه ڏياري ڇڏي.

**3.** باغبان پرڳڻي جي ماڇين، جن شاهه بيگ جي غاصبانه فتح کي سنڌ جي جائز قانوني حڪومت طور تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، تن کي شاهه بيگ نه صرف قتل ڪيو، پر اُنهن جا گهر ۽ قلعا ڍهرائڻ ڪانپوءِ، هن سرسبز ۽ شاداب زرعي پرڳڻي کي ڀڙڀانگ بڻائڻ لاءِ نارَن ۾ وهندڙ هڪ هزار اُٺ به ڪاهي ويو.

**4.** ارغونن، ڏاريجي قبيلي جي **47** سردارن کي گجر مُوريءَ وانگر وڍائي، بکر جي بدنام زمانه خوني بُرج تان هيٺ اُڇلائي ڇڏيو.

**5.** هن جتوئي بلوچن جي **42** ڳوٺن جي سڀني مَردن، عورتن، ٻارن ۽ ٻُڍن کي نه صرف قتل ڪيو، پر اُنهن ڳوٺن کي باهه ڏيئي ساڙائي ڇڏيو.

**6.** ارغونن، وطن دوستيءَ ۽ قوم پرستيءَ جي ڏوهه ۾ مخدوم بلاول جهڙي ولي اللهؒ ۽ عظيم محب کي گهاڻي ۾ پيڙائي ڇڏيو. عام طرح چيو ويندو آهي ته مخدوم بلاول جي گهاڻي ۾ پيڙجڻ واري روايت جو ڪوبه ثبوت نه ٿو ملي. اِهو تاثر غلط آهي. سڀ کان پهريائين رڪيل شاهه جي هڪ ڪلام ۾ مخدوم صاحب جي گهاڻي ۾ پيڙجڻ جو ذڪر ٿيل آهي. جيئن چوي ٿو: (شاهه بلاول گهاڻي پيڙايو.) "اُن کان سواءِ سنڌ جي هڪ ٻرک تاريخدان، رحيم داد مولائي شيدائيءَ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب " جنة سنڌ " ۾ اِهو واقعو تفصيل سان لکيو آهي.

**7.** مرزا شاهه حسن تخت تي ويهڻ شرط ٺٽي تي حملو ڪرايو. اِن حملي جي ڪيفيت، تاريخ طاهريءَ ۾ هن ريت آئي آهي: ٺٽي ۾

شاهه حسن ايتري قدر قتل ۽ غارت ڪيو، جو حامله عورتن جي پيٽن مان ٻار ڪڍي، اُنهن کي نيزن جي اَڻين ۾ ٽُنبيو ويو. نالي ماتر ٻه ڪو ماڻهو ارغونن کي مليو ٿي ته اُن کي قتل ڪرڻ ۾ ارغونن دير ڪانه ٿي ڪئي. شاهي خاندان جون عورتون ۽ ٻار گهٽي پاڳي مُغلن جي ڊپ کان درياهه ۾ ٻُڏي مئا ۽ رهيلن کي قيد ۽ بند ۾ تڪليفن جا اُهي ڏينهن ڏسڻا پيا، جو خُدا اهڙا ڏينهن ڪنهن ڪافر يا مسلمان کي نه ڏيکاري. نه رڳو ٺٽي شهر جو اهو حال ٿيو، پر پوري مُلڪ جي اَڳوڻي آبادي ۽ شادابي، تباهي ۽ بربادي‌ءَ ۾ بدلجي ويئي. اُن ڏانهن کان ”خرابيءَ سنڌ“ هن مُلڪ جي تاريخ ٿي.

8. شير شاهه سُوريءَ کان شڪست کائي، همايون جڏهن سنڌ ۾ آيو، اُن وقت مرزا شاهه حسن ارغون، سنڌ جي غاصب حاڪم، سڄي سنڌ مُلڪ جي عوام کي مُلڪ جي ويرانيءَ جو حُڪم ڏنو. اُنهيءَ حڪم تي ايتري سختيءَ سان عمل ڪرايو ويندو هو، جو جيڪڏهن ڪوبه هاري ڪنهن به قسم جي اَنَ جي پوک ڪرائيندو هو ته ارغون بادشاهه اُن هاريءَ جي جيئري کَلَ لهرائي، اُن ۾ ٻُهه ڀرائي چڙهيندو هو. اهڙي قهري حڪم سبب سڄو زرعي مُلڪ ويران ٿي ويو. هولناڪ ڏُڪار اچي مُنهن ڪڍيو، ۽ هزارين ماڻهو مري ويا.

اِهو هو ارغونن جي اوج ۽ عروج جو زمانو، جنهن ۾ هنن هتي جي عوام کي ظلم ۽ ستم جي گهاڻي ۾ پيڙيو. هنن جو اِهو عروج جلد ئي ختم ٿي ويو. مرزا شاهه حسن، پڇاڙيءَ عمر ۾ صفا چريو ٿي ويو ۽ بنا ڪنهن نرينه اولاد جي خارش زده ڪُتي وانگر پونڪندو مري ويو. ڪانئس پوءِ سنڌ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي. اپر سنڌ تي سلطان محمود ڪوڪلتاش قبضو ڪيو ۽ ڏکڻ سنڌ تي مرزا عيسيٰ ترخان قبضو جمائي ورتو. هاڻي وقت اچي ويو هو، جو ارغونن کان تاريخ جو وهڪرو پورو پورو حساب وٺي ۽ اها محشر واري گهڙي، سڄيءَ سنڌ تي مرزا باقيءَ جي روپ ۾ اچي نازل ٿي. مرزا باقيءَ سنڌي عوام سان جيڪي ڪلور ڪيا، سو پنهنجي جاءِ تي جُدا موضوع آهي. پر هتي صرف مرزا باقيءَ جو ارغونن سان سُلوڪ وارو واقعو نقل ڪجي ٿو، جيئن خبر پوي ته اُنهن ظالمن سان تاريخ ڪهڙو سلوڪ ڪيو، ۽ سنڌي عوام جو خون چوسيندڙ رهزنن جو ڪهڙو حشر ٿيو.

تاريخ طاهريءَ ۾ آهي ته: ”جڏهن مرزا باقي سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو، تڏهن ارغون اميرن هڪ لشڪر گڏ ڪري، مرزا باقيءَ کان مطالبو ڪيو ته مرزا شاهه حسن جو خزانو اسان جي حوالي ڪر، ٻيءَ صورت ۾ توکي مٽيءَ ۾ ملايو ويندو. مرزا باقيءَ کي جڏهن ارغونن جي انهيءَ شورش جي خبر پئي ته هن فيصلو ڪيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي،

جو حڪمت عمليءَ جي ڳالهين ڪي ڇڏي ڏجي، ڇوته اُنهن سان ڪم نه هلندو. اُن ڪري هاڻ اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن سان ارغونن جي فتني جو هميشه لاءِ خاتمو ٿي وڃي. اُن ڪري هن ارغونن کي گهرائي چيو ته توهان گهبرايو نه، آءٌ فلاڻي ڏينهن خزاني کي تقسيم ڪندس. پوءِ هن پنهنجي خاص چمچن حبش خان، شبرنگ خان، مُلا صالح کي گهُرائي، ڳُجهه ڳوهه ۾ حڪم ڏنو ته: آءٌ جڏهن فلاڻي ڏينهن ارغونن کي خزاني جي ورهاست لاءِ گهرايان، تڏهن توهان مان هر هڪ ڪجهه سپاهين سان ديوان خاني جي فلاڻن فلاڻن ڪمرن ۾ لڪي ويهي رهي ۽ تيار هجي، جو موقعو ملندي ئي ارغونن تي حملو ڪري ڏئي. مرزا باقيءَ جي اِنهيءَ هدايت موجب مُلا خميسو ۽ ٻيا اُهي ماڻهو جن کي حڪم مليل هو، سي مقرر ڏينهن تي ڏَسيل جاين تي لڪي ويهي رهيا. مرزا باقي سلاميءَ واري جهروڪي ۾ اچي ويٺو ۽ خزانچين کي حُڪم ڏنائين ته خزاني جون پيٽيون کڻي ڏير ڪري ڇڏيو ۽ عام خاص ارغونن کي دعوت ڏني ويئي ته ننڍا وڏا سڀ اچي حاضر ٿين. جيئن اُن جهيڙي جو هميشه لاءِ خاتمو ڪيو وڃي، جيڪو اسان ۽ توهان جي وچ ۾ گهڻي وقت کان هلندو پيو اچي. بيخبر ارغون اِنهيءَ خوشخبريءَ کي ٻُڌي، خوشيءَ ۾ سرشار ٿي، روپين جي حاصلات لاءِ ڪچي گهوڙن تي چڙهي، سهڻا وڳا پائي، ديوان خاني ۾ قاضي خميسي وٽ اچي گڏ ٿيا. جڏهن سڀ ارغون گڏ ٿي ويا تڏهن مرزا باقيءَ انهن کي چوائي موڪليو ته ”آءٌ اوهان جي ڏسڻ جو مشتاق آهيان، اُن ڪري ٻه جو اچ توهان سڀ گڏ آهيو. آءٌ هن وقت اڪيلو ٻنا هٿيارن جي بالاخاني تي ويٺو آهيان. توهان بِنا ڳُتڪي جي مُون وٽ هليا اچو، ڇوته توهان منهنجا پائر آهيو.“

پئسن جي لالچ ۾ انڌا ارغون، بي خوف ٿي، ٻنا هٿيارن جي وٽس هليا ويا ۽ قطار ڪري، مرزا باقيءَ جي سامهون ويهي رهيا. جڏهن سڀ ويٺا، تڏهن هِن ڪين مخاطب ٿيندي چيو: ” اي عزيزو! آءٌ هن خزاني تان هٿ کڻي چُڪو آهيان. آءٌ هيءُ خزانو توهان ۾ برابر ورهائي، توهان سڀني کي پنهنجو عزيز بڻائڻ گهران ٿو. هاڻي پئسن ورهائڻ جو وقت ويجهو آهي. توهان کي خبر آهي ته هيءُ عجيب ڏينهن آهي، ۽ پئسو اهڙي شيءِ آهي، جيڪو پيءُ کي پُٽ جو، ۽ پاءُ کي پاءُ جو دشمن بڻائي ڇڏي ٿو. مُون کي فِڪر رڳو هيءُ آهي ته ورهاست جي وقت جڏهن عام طرح گوڙ، گهمسان ۽ جهيڙو ٿيندو آهي ته انهيءَ گڙ ٻڙ ۾ ڪٿي مون کي نقصان نه پهچي، اُن ڪري آءٌ پري ٿي ويهان. “

اِهو چئي، هُو پري وڃي ويٺو ۽ پنهنجي پُٽ کي حڪم ڏنائين ته ”تون پئسا تقسيم ڪر.“ اجا پيٽين جا تالا ئي نه کُليا هئا ته لِڪي ويٺل سپاهي مورچن مان نڪتا. اُنهن کي پهرئين ئي اشارو ملي چُڪو هو ته روپين تورڻ واري ساهميءَ ۾ پئسن بجاءِ هر ارغون جي سِسي توري وڃي، ۽ ڪنهن ٻه ارغون کي جيئرو واپس وڃڻ نه ڏنو وڃي. مرزا باقيءَ جي سپاهين اهڙو ته زورائتو حملو ارغونن تي ڪيو ۽ اهڙو ته ارغونن جو قتلام ڪيو، جو هڪ ٻه ارغون جيئرو نه بچيو. پوءِ اُنهن جون سِسيون وڍي، ديوان خاني جي درين مان ٻاهر اڇلايون ويون. باقي عام ارغون خلق، جيڪا قاضي خميسي وٽ ويٺي هئي، تن جي قتلام ۾ قاضي خميسي ٻه ڪا ڪَسر ڪانه ڇڏي. ايتري قدر جو هڪ ٻه ارغون قلعي

مان سلامت ٻاهر نه ويو. اُن ڪاروائيءَ ڪانپوءِ مرزا باقيءَ پنهنجي خاص چمچن کي حُڪم ڏنو ته اوهين ارغونن جي حويلين ۾ وڃو ۽ اُتي قتلام ڪريو، ۽ هڪ ڏينهن جو تازو ناول پار ملي ته اُن کي به جيئرو نه ڇڏيو وڃي. مرزا باقيءَ جي حڪم تي هڪ جماعت، ارغونن جي حويلين ۾ ڪاهي پئي ۽ جيڪو ارغون مليو، اُن کي بيدرديءَ سان ڪُٺو ويو. انهيءَ قتلام مان جيڪي ارغون بچي سگهيا، سي ڀڄي گجرات هليا ويا. دريائي ارغون ولد شير علي ارغون، اُن واقعي ڪانپوءِ چوندو هو ته اُنهيءَ حادثي ڪانپوءِ ارغونن جو هيءُ حال ٿيو، جو هنن کي کائڻ لاءِ ماني ۽ پائڻ لاءِ ڪپڙو نه هو. جيڪڏهن ڪنهن وٽ گهوڙو هو ته اُهو ٻُڪ سان ٻاهه تي ويو هو. پراڻي تلوار ۽ ٽُٽل ڪمان کان سواءِ ارغونن وٽ ڪي ڪين رهيو هو. شڪار تي هنن جو گذارو هو، ۽ اهڙي بدقسمتيءَ وارو وقت هنن تي آيو، جو پيءُ پُٽ کان ۽ پُٽ پيءُ کان وچڙجي ڏولائي جا ڏينهن گذارڻ لڳو.

اِن حالت ۾ خبرناهي ته ارغون ڪيترو وقت رهيا، پر اڄ هِن سر زمين تي ”ارغون“ نالي ڪابه ذات موجود نه آهي. اُها ذات، جنهن هِن سرزمين تي **32** سالن تائين، هتي جي عوام جي رت سان راند ڪئي ۽ گهرن کي باهيون ڏيئي ساڙيو هو!

ارغونن ڪانپوءِ ڪافي عرصو سنڌ جي ڏکڻ واري حصي تي ترخانن جي حڪومت رهي. ترخان هتي جي مقامي قبيلن سان مِلي هڪ ٿي ويا هئا. هنن سميجن ۽ سوڍن سان مِٽيون مائٽيون ڪيون. اُن جي باوجود، هِنن ۾ حاڪمن واري برتري ۽ پنهنجي نسلي اهميت قائم رهي. مرزا باقيءَ جو دور، هن سرزمين جي عوام لاءِ الاهي قهر کان گهٽ ڪونه هو. اُهي ترخان حاڪم به پنهنجي حڪومت بچائڻ لاءِ پنهنجي ڌيئرن ۽ ڀينرن کي ڍال طور استعمال ڪندا هئا. مرزا باقيءَ، اڪبري حملي کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڌيءُ، حرم ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ڏياري موڪلي، پر اڪبر اُن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ساڳيءَ ريت مرزا جاني بيگ به اِئين ڪيو. پر مرزا جاني بيگ، پنهنجي ذاتي بُراين جي باوجود ترخانن ۾ چڱو ماڻهو هو. هن جي وڏي خوبي سندس ذاتي بهادري هئي. هن جي جهنڊي هيٺ ويهه هزار سنڌي ۽ پندرهن هزار ترخان، هڪ سال تائين مغل فوجن جو وڏي دليريءَ سان مقابلو ڪندا رهيا. سندس پُٽ غازي بيگ، انتهائي نا اهل ۽ عياش هو. سندس باري ۾ تاريخن لکيو آهي: ”هُو رات جو ٻارهن سالن جي ڪنواري ٻاڪره ڇوڪريءَ سان همبستري ڪندو هو. هڪ رات اُن کي استعمال ڪرڻ ڪانپوءِ وري اُن جو منهن به ڪونه ڏسندو هو. هن مُلڪ جي مختلف حصن ۾ پنهنجا دلال ڇڏي ڏنا هئا، جيڪي هر رات ڪيس ٻارهن سالن جي ڇوڪري آڻي ڏيندا هئا.“ شيخ فريد بکريءَ لکيو آهي ته: ”جڏهن غازي بيگ قنڌار جو گورنر ٿي ويو، تڏهن سندس ماءُ ٺٽي مان ٻارهن سؤ خوبصورت ڪنواريون ڇوڪريون اهڙيون وٺي وئي هئي، جن جي عمر ٻارهن سالن کان گهٽ هئي. اهي ڇوڪريون، هن قنڌار ۾ پنهنجي پٽ کي عياشيءَ لاءِ تحفي طور ڏنيون. جن سيني کي غازي بيگ پنهنجي بستري جي زينت بڻايو. ياد رهي ته مرزا جاني بيگ اغلام باز هو ۽ هن پنهنجي محل ۾ ڪيترن خوبصورت ڇوڪرن کي زنانا ڪپڙا پارائي، ويهاري ڇڏيو هو.“

ترخانن کان پوءِ هتي مغل تسلط جو دور شروع ٿيو. ان دور ۾ مغلن جا ظلم پنهنجي انتها تي هئا ته سنڌين جون بغاوتون، اڙدايون، سرڪشيون ۽ آزاديءَ لاءِ ڪوششون به پنهنجي جوش ۽ جولان تي هيون. مغل هن سون ورني سرزمين جي دولت تان ڪنهن به صورت ۾ هٿ کڻڻ لاءِ تيار نه هئا. ان لاءِ هنن هتي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ سنڌين جي سِسين جا لابارا ڪرايا. مَردن سان گڏ عورتن ۽ ٻارن کي نه صرف قيد ڪيو، پر انهن کي گجرن ۽ بصرن وانگر مارڪيٽن ۾ وِڪيو. انهيءَ دور تي ”تاريخ مظهرشاهه جهاني“ سُٺو دستاويز آهي. انهي دستاويز جي فاضل سنڌيڪار، نياز همايونيءَ، مصنف جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته: ”اسان هن مورخ (يوسف ميرڪ) جا ٿورائتا آهيون، جو هن ”مغل شاهي“ جي ٻهاڙ سان ٽڪرائيندڙ غيرتمند، بهادر ۽ وطن دوست سنڌين جو طويل تر داستان ڪنهن به ريت قلمند ڪيو آهي.“

وطن دوست سنڌين جي انهيءَ طويل تر داستان جي ترتيب ۽ تنظيم ۾ گهڻو ڪري سنڌ جي هر قبيلي، پاڙي ۽ ذات حصو ورتو آهي.ان داستان جي رنگيني ۽ سنگينيءَ ۾ پوري سنڌ شريڪ رهي آهي. ان سان گڏ سنڌين تي ظلم ڪرڻ ۾ به هر ٻاهريون حاڪم، ان جو جاگيردار ۽ گورنر، عالم ۽ دانشور ۽ به هڪجيترو ڪوشان رهيو آهي- پوءِ ذاتي طرح اهو کٽي ڪيترو نمازي، حاجي ۽ ديندار، خان يا سيد، قاضي ۽ مورخ چونه هجي. تاهم ان داستان جي پوري زينت ۽ زيبائش تي انڙ سميجا، شورا، ٻبر، دل، نومڙيا ۽ چانديا چانيا پيا آهن. ان داستانِ آزاديءَ جو جرتمندانه داستان سميجا ئي آهن. جن پوري مغل شاهي دور ۾ هڪ ڏينهن لاءِ به دستبرداريءَ جو تصور ئي نه ڪيو. ٻئي طرف چانڊيا آهن، جن مغل شاهيءَ سان اهي ساڳيا نمونا اختيار ڪيا، جيڪي مغلن سنڌي ماڻهن سان اختيار ڪيا. مغلن سنڌي ماڻهن کي غُلام ڪري وڪيو، ته چانڊين وري مغلن ۽ انهن جي وفادارن کي قيد ڪري نيلام ڪيو. ان ڪري، مغل تاريخ لکندڙن، چانڊين کي ”حُر فروش“- يعني آزاد ماڻهن کي وڪڻندڙ- جو لقب ڏنو. ڇو ته آزاد صرف مغل ۽ سندس دلال هئا، باقي سنڌي ماڻهو پيدائشي غلام هئا، جن جو وڪرو شريعت محمديءَ مطابق جائز هو.

مظهر شاهجهانيءَ جي مصنف، يوسف ميرڪ، جيتوڻيڪ سنڌين تي ٿيل ظلم جو داستان انتهائيءَ هوشياريءَ سان قلمبند ڪيو آهي، پَر هو پاڻ ڪيترين جاين تي سنڌين کي قتل ڪرائڻ ۾ شريڪ به رهيو آهي- ۽ ڪتاب ۾ جتي به سنڌي ماڻهن جي ڪنهن بغاوت جو ذڪر ٿو ڪري، اتي هن کي انهن بغاوت ڪندڙن سان رتيءَ برابر به همدردي ڪانه ٿي ڏسجي، الٽو مغلن جي طرفداري ڪندي انهن باغين کي گار گند ڪندو رهيو آهي. ڪٿي ڪٿي هِن هر انهيءَ مغل نواب کي ساراهيو آهي، جنهن سنڌين کي وڏ کان وڏ قتل ڪيو هو. انهيءَ سلسلي ۾ هُو پنهنجي پيءُ مير ابوالبقا جي سيوهڻ ۽ ٺٽي واريءَ نوابيءَ جي دور کي سنڌ جي تاريخ جو سونهري دور ٿو سڏي. حالانڪ، پاڻس سنڌين سان جيڪي پال پَلايا، تن جو تمام هلڪو ۽ مختصر خاڪو هن ريت آهي:

1. هن، جاگير داروبند جبل وٽ **322** دَل قتل ڪيا.

2. هن اَميرءِ شاهه ڳڙهه قلعي ۾ **1200** اُنڙن کي سندن سردار طالب اُنڙ سميت قتل ڪري ڇڏيو.
3. هن ويرا ون ۾ **500** سميجن کي قتل ڪيو ۽ ڪيترن کي قيدي بڻايو.
4. هن اميرَ اوچتو حملو ڪري، ٻُگهين جو پورو قبيلو ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
5. مغلن جي هِن نوابَ: هڪ پيرو چاندين جو قتلام ڪيو، جيتوڻيڪ قتل ٿيل چاندين جو تعداد نہ ٻُڌايو ويو آهي.
6. نصرپور جي پسگردائيءَ ۾ هن اميرَ اُنڙن جون **3000** هزار ڍڳيون تلوارن سان ڳترا ڳترا ڪرائي ڇڏيون.
7. ڪاڏوهر ڍَنڍ وارن ڳوٺن تي حملو ڪري، مير ابوالبقا منگواڻن ۽ راهوجن جا **22** ماڻهو قتل ڪيا.
8. سميجن جي ڳوٺن مان مير صاحب، **3000** هزار ڍڳيون اُن وقت ڦُريون، جڏُن پاڻ بدلي ٿي وڃي رهيو هو.
9. هالن ۾ مير صاحب ڪيترن سميجن کي قتل ڪيو ۽ سندس پُٽ وري دربيلي ۾ بيشمار سميجن کي ڪُٺو.

يوسف ميرڪ جو ٻئي نمبر تي ساراهيل، نواب شمشير بيگ آهي. اهو نواب ”مظهر شاهجهاني“ جي مصنف جو ذاتي دوست هو، ۽ هرڪو حملو ميرڪ جي صلاح سان ڪندو هو. يوسف ميرڪ، سنڌين کي قتل ڪرڻ لاءِ صلاحون ۽ مشورا ڏيڻ وقت، هڪ عالمءِ اديب، شاعر ۽ مصنف جي بدران اول درجي جو جلاد ۽ سفاڪ نظر ٿو اچي. اِنهيءَ جلاد صفت عالم جي صلاح ۽ مشوري سان مغل فوج ڳوٺ ويراون تي اوچتو حملو ڪري، هڪ هزار سميجا ماريا ۽ ست سؤ هڪ ئي ڌڪ سان گرفتار ڪيا. وڏي ڳالهه انهن سيني مغل صوبيدار شمشير بيگ کي بيڏوهي ٿي سمجهيو. انهيءَ ساڳئي معرڪي ۾ يوسف ميرڪ ۽ شمشير بيگ هڪ هفتو وينجهري واري قلعي ۾ ترسيا پيا هئا، ۽ روزانو ڇهه سؤ سميجن جون سِسيون وڍائيندا رهيا. اِن حساب سان اِنهيءَ رتوچاڻ ۾ پنج هزار ٻہ سؤ سميجا ماريا ويا، ۽ هڪ سؤ هوسڙن ملاحن کي لڪات پرسان ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. سنڌ جي هن ”درد مند ۽ معصوم مورخ“ اجا ٻہ ٻہ مهينا اِنهيءَ جاءِ تي ترسي، سميجن جي قتلام جاري رکڻ تي زور ڀريو. پر مغل صوبيدار اها ڳالهه نہ مڃي، جنهنڪري سنڌ جي هن قاضي قادن کي ان جو افسوس سڄي عمر رهيو. انهيءَ مورخ جي چُرچ تي شمشير بيگ، باريجن تي حملو ڪرايو، جنهن ۾ سوين باريجا، سندن بهادر سردار قاسم باريجي ۽ سندس پُٽن سميت وڙهندي شهيد ٿي ويا.

اِهو تہ آهي هلڪو ۽ مختصر خاڪو، پر هُونئن بہ جتي ڪنهن معرڪي ۾ سنڌي قتل ٿيا آهن، تہ ”پرهيزگار مصنف“ ان تي خوشيءَ وچان ڪڳيون هنيون

آهن- ۽ جتي به سنڌي بچي ويا آهن، اتي هن مغل فوجن جي ناهلي تي ڪٽڪيون ڪائي، پنهنجي پياري پاءُ جي خونخواريءَ ۽ درندگيءَ کي ياد ڪري، ٿڌا ساهه پريا آهن: ته ڪاش! اُهو هجي ها ته اِهي حملي آور ائين نه پڇي وڃن ها، چو ته سرڪش سنڌين کي نيست ۽ نابود ڪرڻ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ نجات آهي!

جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته محب وطن سنڌين، مغل دور حڪومت ۾ جيڪو بهادريءَ ۽ قومي غيرت جو طويل داستان ترتيب ڏنو، تنهن ۾ سنڌ جي هر قبيلي ۽ ذات حصو ورتو؛ پر انهيءَ داستان جي اصلي زينت ۽ زيبائش سميجن جي ئي غيرت مند خُون سان ٿي آهي. ان ڪري، يوسف ميرڪ انهيءَ قبيلي کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪتاب ۾ شاهجهان بادشاهه کي خاص مشورا ۽ هدايتون ڏنيون آهن. اِهو چڱو ٿيو، جو هُو پنهنجو ڪتاب بادشاهه جي خدمت ۾ پيش نه ڪري سگهيو. ٻي صورت ۾ خبر ناهي ته هن دور ۾ چاندين، سميجن ۽ نومڙين جو ٻڙ ٻٽياد هجي ها الائي نه- هن جي مشورن مان اسان کي هڪ طرف سميجن جي طاقت جي خبر پوي ٿي، ته ٻئي طرف اُنهيءَ عظيم وطن دوست طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ يوسف ميرڪ جي بيرحميءَ ۽ سفاڪيءَ جو پڻ پتو پوي ٿو. چنانچه هُو سميجن جي باري ۾ لکي ٿو:

”جيڪڏهن چاندين ۽ سميجن جي اڳيي پوءِ پاڙ پٽڻي آهي ته هڪ سمجهدار ۽ اثر رسوخ واري ماڻهوءَ کي پنهنجي پاسي ڪري، ڪيس ڳاهن ۽ جوٽيجن واري آباد علائقي سان گڏ خطي ۽ لاڪات پرڳڻي جون غير آباد ايراضيون به جاگير ۾ ڏيئي، مٿس اِهو ڪم رکيو وڃي ته هُو پنهي قومن سان پوريءَ طرح پُڇي اچي ۽ ڪانئس ڪابه مُنهن موڙ ڪن ته انهن کي ٻن طريقن سان ٺيڪ ڪري سگهي. (**1**) شاهي فوجن کي حُڪم ڏنو وڃي ته چئن ئي پاسن کان هنن بدبختن تي گهيرو ڪري وڃن. سرڪاري وصولي ڪنڌ ٻي ڊپا ماڻهو بکر واري جاگيردار جا سپاهي ساڻ ڪري، در ٻيلي پرڳڻي جي ڳوٺ ڳڙنگ ۾ اچي پڙاءُ ڪن. هوڏانهن ٺٽي مان سپاهه گهرائي، هالا ڪنديءَ جي پرڳڻي واري ڳوٺ ابڙيجن ۾ ٺمائي، جيسلمير جي راجا کي تاڪيد ڪيو وڃي ته هڪدم پنهنجا ماڻهو وٺي اچي هنن فسادن جي انهن ٽاڪن ۾ بيهاري ڇڏي، جيڪي جيسلمير جي پٽن ۾ ڪين پاجر دوران ڪم اچن ٿا. اهڙي طرح سيوهڻ جي جاگيردار تي اهو ڪم رکجي ته هُو پنهنجي سپاهه کي خطي پرڳڻي جي ڳوٺ ڪاڪي ۾ جائيتو ڪري، جيئن چئن ئي پاسن کان هنن رهزنن کي اَن جو داڻو به نصيب نه ٿئي ۽ سندن راهون اهڙي طرح رد ٿي وڃن، جو پنهنجا ڊور ڍڳا توڙي ٻار ڪڍي نه سگهن. (**2**) جن به وڏيرن هنن هنگامن ۾ انهن جو پاسو ورتو، ساڻن رشتا ناتا ڪيا آهن، تن کي ڪانئن الڳ ڪيو وڃي. اُن لاءِ هر هنڌ پڙهو ڏياري ماڻهن کي چتاءُ ڏجي ته: ”جنهن به ڳوٺ يا گهر ۾ سميجا

اُنڙ پناهي هوندا يا سندن مال، عيال، يا ٻيو سامان ڪنهن وٽ به موجود هوندو، ته خبر پوڻ شرط اُن ڳوٺاٽي يا گهر جي مالڪ کي به اُنهن رهزنن وانگر ڦاهيءَ چاڙهيو، سندن مال اسباب ضبط ڪيو ويندو. هن باري ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ جو لحاظ نه رکيو ويندو.“ انهيءَ ڍنڍوري وسيلي سنڌ جا وڏيرا، سرڪاري دٻاءَ ۾ اچي، ذڪر ڪيل رهزنن سان رشتا ناتا توڙي ڇڏيندا، جيڪي هن ڪان اڳ ساڻن ڳنڍيل چڪا هئا. ۽ پوءِ اُهي وانگي ڪين اک ۾ رکي، سندن بچڙاين جو ڪتو جواب ڏيڻ لڳندا. جيڪڏهن هڪ هزار بهادر سوار پلن گهوڙن ۽ پنج سؤ پاٽيءَ پريل اُنن سان سميجن تي چاڙهي موڪليا وڃن ته هي نامُراد مُنجهي مَرن، ۽ ڪين پتو پئجي وڃي ته بدمعاشيءَ جي ڪهڙي سزا آهي. پنج ڇهه هزار پاڻ، سندن زالون ۽ ٻار ڪُل ويهن هزارن تائين ٿيندا، سي آخر ڪيڏانهن ڀڄي سگهندا؟ ليڪن شرط هيءُ آهي ته سندن واهون بند ڪيون وڃن. ان ڪانسواءِ، ڪين لِڪڻ لاءِ به ڪا جاءِ ڪانه آهي، ڇو ته هُو گهٽو ڪري پوک ۽ پاٽيءَ واري هنڌ تي رهن ٿا؛ جنهن ڪري هر هنڌ آسانيءَ سان هٿ اچي سگهن ٿا. شاهي لشڪر جڏهن به مٿن ڪڙڪيو ته هي ٻارين ٻچين موت جي مُنهن ۾ اچي ويندا. ڪيترن کي قيد به ڪري سگهجي ٿو. سندن مال مڏي تاراج ٿيڻ ڪان پوءِ جيڪي چڙوچڙ ٿين، تن کي ڇئن ئي پاسن ڪان فوجي گهيري ۾ آڻي، ٻَڌي قابو ڪيو وڃي. اجا به هيڪڙ ٻيڪڙ ڪو هٿان نڪري ويو ته آخرڪار ڪڏهن ته ڦاسندو- ملڪ ۾ پڙهو گهمايو وڃي ته ڪوبه سميجو، سندس زال يا مالُ، جنهن کي به هٿ اچي ته اُنهن تي قبضو ڪري ۽ نه ڇڏي. ان لاءِ رعيت ۽ سپاهه کي اهڙو حڪم ڏنو وڃي.

مذڪور مصنف، اهو مشورو صرف سميجن لاءِ نه ڏنو آهي، پر سنڌ جي هر باغي ۽ محب وطن قبيلي ۽ ذات لاءِ اهڙا رايا ۽ صلاحون، سندس زرخيز ذهن ۾ بيشمار موجود هيون؛ جيڪي هر سرڪش قبيلي جي ذڪر ڪانپوءِ مناسب موقعي ۽ محل تي ڏيندو رهيو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته دنيا جي هر مهذب يا وحشي فاتح جي وڏي ۾ وڏي خواهش اِها هوندي آهي ته ڪيس صرف مفتوح مُلڪ جي سر زمين، پنهنجي تمام پيداواري سميت گهرجي. باقي ماڻهن سان هن کي ايتري حد تائين دلچسپي هوندي آهي، جيسين تائين اهي بهترين فرمانبردار غلام ۽ مزدور ٿي، اُن سر زمين جي پيدائش کي فاتح جي خزاني ۾ منتقل ڪن. جڏهن به ڪنهن ديس واسيءَ ۾ فرمانبردار غلام ۽ مزدور جي بجاءِ پاڻ مالڪ ٿيڻ جي خواهش پيدا ٿي، ته پوءِ ان جي اهميت هڪ ماڻهوءَ واري حيثيت سان فاتح وٽ ختم ٿي ويندي آهي. اِن سلسلي ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هڪ فاتح کي به مفتوح مُلڪ جي سر زمين پياري هوندي آهي. پر اُهو پيار اهڙو هوندو آهي، جهڙو هڪ

عياش ماڻهوءَ ڪي پنهنجي سُريت سان هجي. اهو پيار ان وقت تائين هلندو، جيسين تائين اُن عورت جي جسم ۾ جسماني ڪشش ۽ سونهن هوندي؛ ۽ جڏهن به اُهي شيون ختم ٿيون ته هُو وري ڪنهن ٻيءَ کي تاڙيندو. اُن جي ابتڙ هڪ محب وطن ماڻهوءَ کي پنهنجي سر زمين سان اهڙو پيار هوندو آهي، جهڙو هڪ سُلڇڻي ۽ سدوري پُٽ کي پنهنجيءَ ماءُ سان هوندو آهي.

ارغونن، ترخانن ۽ مغلن، سنڌ کي هڪ سُريت جي روپ ۾ رکڻ پئي چاهيو. هنن کي صرف سنڌ جي دولت، زراعت ۽ پيدائش سان واسطو هو ۽ هنن اُنهن سنڌين کي پسند ٿي ڪيو، جيڪي سندن فرمانبردار غلام ۽ بهترين مزدور واري حيثيت ۾ رهڻ لاءِ تيار هئا. باقي جن به ان حيثيت ۾ رهڻ کان انڪار ٿي ڪيو، سي فسادي، عوام دشمن ۽ قتل لائق هئا.

جهڙيءَ ريت، يوسف ميرڪ مشورا پئي ڏنا، اهڙا مشورا سنڌين کي تباهه ڪرڻ جا ڪانئس اڳ ۾ بيا عالم فاضل ۽ دانشور به ڏيندا پئي رهيا. جيئن تاريخ سنڌ ۾ آهي ته: مرزا شاهه بيگ ارغون، جڏهن سلطان محمود کي بکر جو حاڪم مقرر ڪيو ته اتان جي مَهم مقامي سيدن کي سونپيائين. اُن سان گڏ ڌاريجن جي ڪن پڳدارن کي حڪم ڪيو ويو ته هُو پڻ بکر جي قلعي ۾ اچي رهن، پر محب وطن ڌاريجن انهيءَ حڪم جي پوئواري نه ڪئي ۽ پنهنجي مُنهن ماڻهو ميڙي، جنگ جوٽڻ جا سانباها ڪرڻ لڳا. سندن ڪوشش اِها هئي ته ڪيئن به ڪري سلطان محمود جي مغز مان هوا ڪڍي وڃي. جيئن هُو سنڌ جا وڻ ڇڏي ويندو رهي. انهيءَ ارادي سان هنن ارغونن کي مالي طور ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڍل ڏيڻ کان انڪار ڪيو. نه رڳو اهو، پر ٻين ڪيترن معاملن ۾ هنن وطن دوست ماڻهن ارغونن سان عدم تعاون وارو رويو اختيار ڪيو. سلطان محمود جا جيڪي به گُماشتا وٽن ٿي ويا، ته انهن جي مٿي ۾ ڌوڙ وجهي واپس ٿي ڪيائون. پڇاڙيءَ ۾ پنهنجا ڪٽڪ سنبرائي، سلطان محمود جيڪو اجا ٻارهن ورهين جو مَس هو(*) سو تِيسي ۾ اچي، ڏند ڪرٽي، ڌاريجن سان وڙهڻ لاءِ وَٽ ڪائيندو رهيو، پر سيد سگُورا ڪيس اوپاريون لهواريون ڏئي روڪيندا پئي آيا. هوڏانهن ڌاريجن به پيرا سِٽ ڪئي ته درياءُ اُڪري، قلعي ۾ داخل ٿي، سطان محمود کي گِٽڙ کان جهلي اچن، پر ايتري ۾ بکر جي سيدن کي ڪُڙڪ پئجي ويئي، جن قلعي جا سڀ گهٽ سوگها ڪري، ڌاريجن کي مُنجهائي ڇڏيو، ۽ هُو سيدن کي سامهون ڏسي مُڙي ويا.

(*) هِتي سلطان محمود جي عُمر **12** سال غلط ڏيکاريل آهي. سلطان محمود جي ڄمڻ جو سال حسام الدين راشديءَ **898**هه لکيو آهي، ۽ جنهن واقعي جو ذڪر هلي رهيو آهي، سو **927**هه

۾ پيش آيو آهي. ان صورت ۾ اِن واقعي وقت سلطان محمود جي عمر **29** سال هئڻ گهرجي، نه ڪي ٻارهن سال. اها ساڳي حالت فاتح سنڌ ابن قاسم جي عُمر جي باري ۾ آهي. رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت سنڌ“ ۾ سندس ڄمڻ جو سال **24** هجري لکيو آهي، ان حالت ۾ سنڌ تي حملي وقت ابن قاسم پوڙهو هئڻ گهرجي.

هوڏانهن شاهه بيگ هاٽي سنڌ ۾ پهچي چڪو هو. سلطان محمود، جيڪو انهيءَ اوسيئڙي ۾ هو، تنهن پنهنجي هڪ ساٿيءَ جوجڪ بابا کي پيءُ ڏانهن موڪليو ته وڃي ڪيس سڄي واردات کان واقف ڪري. پڻس مير فاضل اهو احوال جيئن جو تيئن شاهه بيگ جي ڏيان تي آندو- ۽ ڪانئس موڪل وٺي، ڏهه ويهه سوار ساڻ ڪري، چاندڪا وٽان پاٽي جهاڳي، پنهنجي سردارن ۽ مقدمن جي دل پڌرائيندو، منزلون هڻندو، جڏهن بکر جي پسگردائيءَ ۾ پهتو، تڏهن لالو مهر، هڪ وڏيرو پنهنجي برادريءَ سوڌو سندس قدمن ۾ اچي ڪريو. هن جي معرفت ڌاريجن جي پرين مُڙسن کي صلح جي بهاني جتان ڪٿان گهُرائي، پاڻ سان ڪٺندو ويو. نيٺ ڌاريجن جا **47** سرڪردا ماڻهو ساڻ ڪري بکر پيڙو اچي ٿيو. اُتي سلطان محمود، هنبوشيون هڻندو، اچي پيءُ جا پيرَ چمڻ لڳو.

شاهه بيگ ارغون کي جڏهن خبر پيئي ته مير فاضل سلامتيءَ سان بکر پهچي چُڪو آهي، ته جتي هو، اُتان راتو واهه بکر ڏانهن لُوهه ڪيائين ۽ اچي واٽ تي سکر ۾ ساهي پٽيائين. سلطان محمود هڪدم بکر مان وٽس پهچي، سندس قدم بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيو. ڪيس انعامن اڪرامن سان نوازيو ويو. اُنهيءَ موقعي تي هن ڌاريجن خلاف شاهه بيگ جا چڱيءَ طرح ڪَن ڀريا. هوڏانهن ڌاريجا صُلحَ جي انتظار ۾ ويٺا هئا، ته ڪڏهن ٿي ڳالهه ٻولهه شروع ٿئي. شاهه بيگ سڄي روئداد ٻڌڻ کان پوءِ مجلس ۾ موجود سنڌ جي بزرگ، قاضي قادن ڏانهن ڪنڌ ورائي، اِنهيءَ خيال سان ڏٺو ته هن باري ۾ سندس صلاح ڪهڙي آهي. قاضي قادن جهڙي چڱي مُڙس هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته:

”قبلا سائين! سنڌ جي سرزمين سيلابي آهي. هتي جيئن ته ڪانڊيرا گهڻا ٿا پيدا ٿين، تنهنڪري ضروري آهي ته کهيڙو هميشه هٿ ۾ هئڻ گهرجي.“ شاهه بيگ تَتو ته اَڳ ۾ ئي ويٺو هو، سو قاضي قادن جي چُرچ تي ڌاريجن جي قتلام جو حڪم ڏئي ڇڏيائين. سلطان محمود حڪم جي تعميل ۾ هڪدم دوزڙي شهر پهتو ۽ اوڏيءَ مهل بنا ڪنهن ويرم جي صلح جي انتظار ۾ ويٺل ڌاريجن سِسيون ڌڙ کان ڌار ڪرائي، اُنهن کي هڪ مٿاهين ٽُل تان هيٺ اُڇلرائي ڇڏيائين، جيڪو اجا تائين خوني بُرج جي نالي سان مشهور آهي. سنڌ جي محب وطن ماڻهن جو اهو قتلام، ربيع الاول **927**هه ۾ ٿيو.

ارغون حڪومت ۾ اِنهيءَ واقعي ڪان وڌيڪ مڪر ۽ فريب سان ڀرپور هڪ ٻيو واقعو به ٿيو، جنهن ارغون حُڪمرانن جي ديناريءَ، مسلمانيءَ ۽ شرافت جا سڀ پڙدا ڦاڙي، ڪين اصلي وحشي صورت ۾ اُگهاڙو ڪري، تاريخ جي مُجرمن واري ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهاريو آهي. اِهو واقعو آهي سنڌي بلوچن جو قتل عام--- جنهن جو سرسري ذڪر ارغونن جي ظلمن جي فهرست ۾ ڪيو ويو آهي. پر هِتي اُن ڪي پوري تفصيل سان ان ڪري نقل ڪري رهيو آهيان ته جيئن خبر پوي ته مير معصوم بکري توڙي يوسف ميرڪ جهڙن مؤرخن، اهو واقعو نقل ڪندي به ارغون فاتح جي لاءِ پنهنجيءَ دل ۾ ذرو به ڪاوڙ يا نفرت محسوس نه ڪئي. الٽو ميرڪ صاحب ته انهيءَ واقعي تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي، باقي رهيل ٻروچن جو صفايو ڪرڻ جا قيمتي مشورا ڏنا آهن:

سنڌ جي مغل ۽ ارغون دور جي انتظامي تقسيم مطابق هاٽوڪي جيڪب آباد ضلعي جو ڪافي حصو جتوئي پرڳڻي جي نالي سان سڏبو هو. اِنهيءَ پرڳڻي جا رهاڪو توڙي سردار، بلوچ هئا: جن ۾ جتوئي، ٻڙدي، ڪورائي، داردشت، لولئي، شَر ۽ ٻيا شامل هئا. اُهي هميشه ڪان وٺي محب وطن ۽ دلير رهيا هئا. هنن جي رڳن ۾ رَتَ جي بدران ڏارين ۽ غاصبن خلاف باهه جون چڻيون ڊوڙيون ٿي. هر دور جي ڌارين ۽ غاصب حاڪمن جي خلاف آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ جو جهنڊو، هنن جي هٿن مان ڪڏهن به نه ڪريو. هنن هميشه هن اُصول تي عمل ڪيو ته:

## ڪنڌ مَ جهُڪائج ڪڏهين، سِر ويو سَهساءَ!

جڏهن شاهه بيگ ارغون بکر تي قبضو ڪيو ته هن ڪي جتوئي پرڳڻي جي ٻروچن پنهنجو حاڪم ۽ بادشاهه مڃڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ سندس خلاف بغاوت جون رٿون رٿڻ لڳا.

شاهه بيگ بکر جي قلعي جي اڏاوت وقت راڃن جي چڱن مڙسن ڪي ڪوٺائي، هيڪاندا ڪري، ڪانئن اُنهن بلوچن جي باري ۾ صلاح ورتي، جن ڪڏهن به آڻ نٿي مڃي. سيني جي صلاح (قاضي قادن ضرور هوندو) ڪان پوءِ اِهو فيصلو ٿيو ته انهيءَ قوم جي باهه ڪي ترار جي پاڻيءَ سان اُجهائي ڇڏڻ گهرجي. آخر ڳالهه اچي اتي بيٺي ته هنن جي هر وسنديءَ ۾ ڪافي ماڻهو تيزي پڪيڙي ڇڏجن، جيڪي سدائين لهه وچڙ ۾ ايندا رهن: اُن ڪان پوءِ عين موقعي تي اشاري ملڻ شرط اُنهن جو ٻوتوگار ڪرائي ڇڏجي. اهڙيءَ ريت هر هنڌ ماڻهن جي مقرريءَ بعد وقت جو انتظار ڪيو ويو ۽ موقعي ملڻ تي هڪ ئي ڌڪ سان ڪيترن جون سِسيون ڌڙ ڪان ڌار ٿي ويون ۽ اِئين اِڪ ڇنيءَ مَ ٻروچن جي ٻائيتاليهه ڳوٺن جا ماڻهو موت جي ٻوهي ۾ اچي ختم ٿي ويا.

اهو واقعو لکڻ کان پوءِ ميرک صاحب فرمائي ٿو، ”اِنهيءَ واردات کان پوءِ اُتان جي بين ماڻهن ته مڙئي لُٽ گوڙ ڇڏي ڏنو آهي ۽ پابندي سان سرڪاري ڍل پُڄائيندا رهن ٿا، پر بڙدي بلوچن جو اجا ڪروڙ ۾ مُنهن آهي. اُهي دريءَ نالي قلعي ۾ رهن ٿا ۽ جاگيردار جي هلڪي ڪَن مهٽ سان هيڪر سڌا ٿي وڃن ٿا.“

ڏنو اوهان، ته محب وطن عوام جي ايتري قتل کان پوءِ به ميرک صاحب اجا ڌارين آقائن کي مشورا ڏيئي رهيو آهي ته اجا به انهيءَ عوام جي ڪَن مهٽ ٿيڻ گهرجي! هِن جي اها روش، هر اُنهيءَ جاءِ تي نظر اچي ٿي، جتي سنڌي عوام فاتحن سان ڪا مزاحمت ۽ مخالفت ڪئي آهي. مثال طور، آءٌ هتي ڪڪڙي، درٻيلي، چانڊڪا ۽ ٺڪر پرڳڻي جي عوام جو سرسري ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان:

برِصغير جي هاڪاري حاڪم اڪبر جي فوجن جڏهن **982**ھ ۾ ٻکر تي قبضو ڪيو، اُن وقت باوجود مغلن جي دهشت، خونريزيءَ ۽ سفاڪيءَ جي مشهوريءَ جي، (جيڪا اِن حد تائين پهتل هئي، جو فاتح مغلَ، مفتوح ماڻهن جون سِسيون لاهي، اُنهن جا منارا ٺهرائيندا هئا. انهيءَ چنگيزي سُنت تي اڪبر پاڻ به شوق سان عمل ڪندو هو) سنڌي ماڻهن سِر تان آهو پلي، فاتح مغل سان مهاڏو اتڪائڻ پنهنجو قومي ۽ وطني فرض سمجهيو. اڪبري دربار طرفان مير عدل، ***11***- رمضان، ***983***ھ تي ٻکر ۾ گورنر ٿي آيو.

اُن وقت سنڌ جي مڱڻيجا قبيلي، مغل حاڪم جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ کان انڪار ڪيو. تاريخ معصوميءَ لکيو آهي ته: ’مير عدل ٻکر پهچڻ شرط رعيت سان ڏاڍيون سختيون ڪرڻ لڳو. ايتري قدر جو هن داڻيبنديءَ جو بهانو ڪري، پنهنجي اُرهه زورائيءَ سان هڪ جريب پٺيان پنج مڻ محصول مڙهي ڇڏيو، ۽ پوکي راهيءَ تي اهڙا ماڻهو مقرر ڪيائين، جن ماڻهن جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي. ان ڪري، مڱڻيجا مچرجي پيا، ۽ اُنهن قهري حڪمن کان مُنهن موڙي، اڳو پوءِ جهيڙي جا جتن ڪرڻ لڳا. مير عدل جي ڪارندن جڏهن ڏٺو ته ڳالهه زور وٺي ويئي آهي، تڏهن گنبذ ۽ پچراهه نالي ٻن ڳوٺن جي وچ ۾ هڪ قلعي ۾ وڃي مورچا ٻڌي ويهي رهيا. ٻئي پاسي مڱڻيجا به لاهي پاهي مٿن تِيرن جو وسڪارو ڪرڻ لڳا. اُنهيءَ مارا ماريءَ ۾ مير عدل جا ڏاڍا ماڻهو مئا، جن کي مڱڻيجا تنگن کان جهلي، قلعي واري ڪِني کوهه ۾ ڦٽو ڪندا ويا. پڇاڙيءَ ۾ هڙيئي ڪافر مومن کوهه ۾ ٽانيڪا ڪري، اُن کي لَٽي ڇڏيائون. مير عدل کي جڏهن خبر پئي ته سندس سوهين اها کيپ کٽي آهي ته هڪدم پنهنجي پُٽ سيد ابوالفضل کي لشڪر سان گڏي، ويرَ وٺڻ لاءِ ڊوڙايائين. هوڏانهن مڱڻيجن کي جيئن ئي خبر پئي ته اوسي

پاسي ٽڙي پکڙي ويا. سيد ابوالفضل لاچار ٿي، سندن پيڇو ڇڏي، بکر جي قلعي ۾ موٽي آيو.'

اُنهيءَ ڪڪڙي پرڳڻي سان لڳ دربيلي جو پرڳڻو هو، جتي سهتن ۽ راڄپرن جا راڄ رهندا هئا. اُهي راڄ به پنهنجي پيدائشي حق خاطر ڌارين جي غلبي کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. بکر جي مغل نواب جي اطاعت هنن جي قومي غيرت واري مذهب ۾ حرام هئي. انهيءَ سلسلي ۾ هُو هميشه بکر جي مغل نواب سان مُهاڏو اٽڪائيندا آيا. **1025**ھ جڏهين سيد بايزيد بخاري، بکر جو فوجدار ٿي آيو، تڏهن پنهنجي اصلي ديناريءَ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ هن پنهنجن پُٽن کي عيد جي ڏينهن سهتن ۽ راڄپرن تي حملي جو حڪم ڏنو. اُن نيت سان ته سنڌي ماڻهو عيد نماز ۾ مشغول هوندا، ۽ کين قتل ۽ گرفتار ڪرڻ صفا آسان ٿيندو. سيد زادا، يزيدي سُنت تي عمل ڪندي، عيد جي موقعي جو فائدو وٺي، بکر مان ڪٽڪ ڪاهي، اچي سنڌين تي ڪڙڪيا. نماز ۾ مشغول ڪيترن سنڌين کي قتل ڪري، رهيل مرد ۽ ٻار ٻچا قيد ڪري، وٺي وڃي بکر جي قلعي ۾ بند ڪيائون.

اهي ٻئي واقعا لکڻ کان پوءِ، مغل حاڪمن جي مؤرخن انهن ٻنهي هنڌن تي سخت چوڪسيءَ جا مشورا ڏنا آهن؛ ۽ پوئين واقعي ۾ سنڌين جي بيدردانه قتلام تي مغل فوجدار جي مذمت ته نهيو، پر الٽو سندس ڪارنامي کي ساراهيو آهي.

چانڊڪا ۽ تکر پرڳڻن جي باري ۾، آءٌ هتي تاريخ "مظهر شاهجهانيءَ" مان هوبهو ٽُڪرو ڏئي رهيو آهيان، جنهن مان هن مورخ (ميرڪ) جي سنڌين ڏانهن روش جي پوريءَ ريت خبر پئجي سگهي ٿي. هُو لکي ٿو:

"چانڊڪا پرڳڻو، گهڻو ڪري وڏو پرڳڻو ليکيو وڃي ٿو. هتي سميجا، ٻُگهيا، سانگي ۽ ابڙا رهن ٿا، جيڪي سڀ طاقتور قبيلا آهن. هن پرڳڻي جا ماڻهو، ٿوري گهڻي نافرماني ڪندا رهن ٿا. جيڪڏهن بکر طاقتور آهي ته هتي جي ماڻهن کي فصل لهڻ تي زير ڪري سگهجي ٿو، پر جي لشڪر ۾ ايترو زور ڪونهي ته انهن ماڻهن جو مَن وڏي وڃي ٿو ۽ هي بيرخيءَ جي روش اختيار ڪرڻ لڳن ٿا. چاڪاڻ ته ڪيترين ڳالهين جي ڪري هنن جي پُٺ مضبوط آهي: (**1**) هي گهٽائيءَ ۾ آهن؛ (**2**) ته سندن ايراضيءَ ۾ جهنگل گهڻو آهي، جنهن ڪري ساڻن مُنهن ڏيڻ وقت جهنگ ۾ اچ وڃ ڏکي ٿي لڳي؛ (**3**) ته هي ماڻهو عام طرح جهنگلي ۽ جابلو قسم جا آهن، جن ۾ بلوچ، مگسي، لاشاري، داردشت، ديناري، رند، ڊومڪي، ڪٺوهڙ ۽ ٻڙدي اچي وڃن ٿا. اُنهن جو لاڳاپو سبيءَ علائقي سان آهي. هن ۾

چانديا نيپاڳا به آهن، جيڪي وري سيوهڻ واري پاسي سان تعلق رکن ٿا. اُهي جڏهن به پنهنجيءَ تي اچن ته پنهنجا ڊور ڊيگا ۽ بار ٻچا جبل ڏانهن اُماڻي، پاڻ جهنگ ۾ گهٽ تاڙي ٿا ويهن ۽ جيئن لشڪر اُتان لانگهائو ٿئي ٿو ته هي اوچتو اُن تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ٿا وڃن. تکر پرڳڻي ۾ سميجن، ٻُگهين ۽ لڪيرن جا راڄ ٿا رهن. هي به پين سميجن وانگر رکي رکي بگڙي ٿا پون. ڪڏهن ته هي ڏاڍا اَرڏا هئا، پر هاڻ منجهن اُها ڏِنگائي نه رهي آهي ۽ واجبي واجبي طرح ڊل پريندا ٿا رهن. چاندين جي ڪئونس هتي به جاري آهي. اُهي ڏاڍا نامُراد آهن، ايتري قدر جو ملهڻن (مغلن) جا پارڪٽي وجي وڪڻن ٿا ۽ سندن مال ملڪيت هڙپ ٿا ڪريو ڇڏين.“

سنڌ ۾ مُغل شاهيءَ سان واسطو رکندڙ هر عامل، جاگيردار، فوجدار، گورنر، عالم، اديب ۽ تاريخدان اهڙي هوشياريءَ ۽ ڏاهپ سان سنڌين کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جا گُرَ ۽ هُنر بڌائڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳرو هو. اُن جي باوجود سنڌي عوام پنهنجي ڌرتيءَ، اُن جي وسيلن ۽ روايتن تي سِر ڏيندو رهيو ۽ هن کي پنهنجي وقتي مالي مفاد کان پنهنجي روايتن تي سِر ڏيڻ وڌيڪ مانائتو ۽ شانائتو ٿي لڳو.

سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي ته ’تڏي آيل کي خون به معاف ٿي ويندا آهن.‘ اُن جو سنئون سڌو مطلب هيءُ آهي ته ڪيترو به ڪنهن جو ڪو جاني دشمن هجي، پر سنڌيءَ وٽ مهمان ٿي آيو ته اِهو وقتي طرح سندن عزيزن کان به وڌيڪ اَجهي ۽ اَمن جو حقدار ٿي ويندو آهي. سام تي سِر ڏيڻ ۽ مهمان کي مانُ ڏيڻ، سنڌين جي قومي روايت رهي آهي. ابڙي سمي، سومرين کي بچائيندي، پُورو خاندان تباهه ڪرائي ڇڏيو هو. سنڌ ۾ مُغل دور ۾ به اهڙا ڪيترا واقعا ٿي گذريا آهن، جن ۾ سنڌين پنهنجي اُنهيءَ قومي روايت جي بچاءَ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون. اِنهيءَ سلسلي جا ٻه واقعا، تاريخن مان هتي نقل ڪري رهيو آهيان:

(**1**) سنڌ ۾ مُغل دور جي تاريخ پڙهندڙن کي چڱي ريت خبر هوندي ته پنهورن جي سردار بهاءُالدين، سنڌين بجاءِ مُغلن جي طرفداري ڀُئي ڪئي ۽ هُو محب وطن سنڌين جي هڪ لڙائيءَ جي اڳواڻ پريي اُنڙ جي شهادت ۾ مُغلن سان گڏ شريڪ هو. اُن جي باوجود مغلن ٻه دفعا پنهورن جي سردارن کي گرفتار ڪيو ۽ هڪ دفعو حملو مير پنهور تي به ڪيائون، جنهن ۾ مير پنهور شهيد ٿي ويو. تنهن هوندي به پنهورَ مغلن جي مخالف قوتن جي طرفداري گهٽ ڪندا هئا- پر هڪڙو اهڙو اتفاق ٿيو، جنهن پنهورن کي مغلن جي صفا مخالف صِف ۾ بيهاري ڇڏيو، ۽ اهو اتفاق، سنڌين جي روايتي مهمان نوازيءَ جي نتيجي طور

وجود ۾ آيو. ٿيو هيئن، جو جڏهن شمس الدين نالي هڪ مغل سردار، سيوهڻ جو عملدار ٿي آيو ته هن پنهنجي هڪ عزيز خواجه عارف کي فوج ڏيئي، باغبان پرڳڻي ۾ ٿيٻن تي ڪاهڻ لاءِ موڪليو. اِهو خواجه عارف، ٿيٻن تي حملي ۾ ناڪام ٿي، اڪبر آباد نالي ڳوٺ ۾ اچي پهتو. اهو ڳوٺ پنهورن جو هو. جتي پنهورن وٽ ٻه ٿيٻا **مهمان** ٿي ترسيل هئا. خواجه عارف اُنهن ٿيٻن کي گرفتار ڪرائي، سيوهڻ روانو ٿيو. پنهورن مهمانن جي گرفتاريءَ جو ٻُڌي، خواجه عارف سان وڙهڻ لاءِ پڙهو گهُمايو. نتيجي طور ڏُريون پاڻ ۾ اٽڪي پيئون. جنهن ۾ مغلن جا ٻارنهن ماڻهو قتل ٿيا ۽ خواجه عارف شڪست کائي پڇي ويو. انهيءَ وچ ۾ خواجه عارف ٻنهي قيدين کي قتل ڪري چڪو هو- اهڙيءَ ريت پنهورن پنهنجي هڪ ثقافتي روايت کي پاڙي ڏيڻ خاطر مُغل شاهيءَ سان تصادم شروع ڪري ڏنو.

**(2)** پيو واقعو هن ريت آهي ته: ماٽيلي پرڳڻي جو ارباب عبدالواحد، ٽڪر پرڳڻي جي لاکيرن وٽ مهمان ٿي ٽڪيل هو. ماٽيلي جي سنڌي ماڻهن تي ٻکر جي نواب حڪيم صالح کي ڪتڪيون هيون، جو اتي جي ابڙن، پن مغل گماشتن کي سنڌن ساٿين سميت قتل ڪري وڌو هو. جڏهن ٽڪر پرڳڻي جي جاگيردار طاهر محمد کي خبر پئي ته ٻکر جي نواب جو هڪ وڏو لاکيرن ۾ آيل آهي ته هُو اَسي فوجين جو جٿو وٺي، عبدالواحد کي قيد ڪرڻ لاءِ لاکيرن جي ڳوٺ پهتو. جڏهن لاکيرن کي خبر پئي ته سندن مهمان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ مُغل فوج پهچي وئي آهي ته هنن چا ڪيو جو وچ ۾ آيل پاڙيءَ جو بند پڇي، لشڪر جي چوڌاري گهيرو ڪري، مغل لشڪر تي تيرن جو وسڪارو لائي ڏنائون. اِنهيءَ ويڙهه ۾ لاکيرن مغل جاگيردار سميت سڄي آيل فوج کي قتل ڪري، سڀني جو سامان ۽ گهوڙا به پنهنجي قبضي ۾ ڪيائون.

مغل دور حڪومت اندر، سنڌين ۾ هڪ خاص روايت جنم ورتو، جا روايت آهي **ڏُکهي خُوش خير عافيت**. اسان جي زماني جا ڪجهه نون خيالن جا ماڻهو، انهيءَ ڏکهي خوش خير عافيت کي اسان جي وڏن جي بيوقوفيءَ واري روايت سمجهندا آهن. پر حقيقت ۾ ائين نه آهي. اُن دور ۾ مغلن جي ايڏي ته دهشت هئي، جو عام ڳوناٽو ماڻهو سنئين سڌي سياسي ڳالهه ڪري نه ٿي سگهيو ۽ نه وري وڙهندڙ سنڌين جي باري ۾ ڪا خبر چار ئي وٺي ٿي سگهيو. اُن صورت ۾ هُو ايندڙ مهمان کان سندس، سندس اوڙي پاڙي، مال ملڪيت، سنگت ساٿ ۽ دين ايمان جي باري ۾ پُڇندو هو. جنهن جو مقصد اهو هو ته مسافر جِتان جِتان سفر ڪيو آهي، اُتي امن امان جي صورتحال ڪيئن هئي؟

مُغلن جي قرلٽ ڪان اڃا ماڻهن جو مال سلامت هو يا نه؟ مغلن جي حملن ۽ سنڌين جي مقابلي جي ڪيفيت ڇا هئي؟ اهو پارُ جنهن پرڳڻي جو رهاڪو آهي، اُن جي اوڙي پاڙي وارن پرڳڻن جي عوام جي ڪهڙي حالت هئي؟ ماڻهن جو قومي غيرت تي ايمان پَڪو هو يا بيغيرتيءَ ۽ بزدليءَ تي لهي آيا هئا؟ اهڙيءَ ريت اُهو مسافر جوابي طرح اهڙي خبر چار وٺندو هو- ۽ اِن نموني، سنڌي اِن مخصوص خوش خير عافيت ذريعي پُوري ملڪي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهندا هئا.

سنڌي عوام هر طريقي سان پنهنجي قومي وجود کي سلامت رکڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي، ۽ ڪنهن به صورت ۾ مُغلن جي بالادستيءَ کي دل سان تسليم نه تي ڪيو. هنن جي دلين ۾ غير ملڪي تسلط خلاف هڪ قسم جي شديد نفرت هئي ۽ اُن نفرت جو اظهار هر موقعي تي ويڙهه جي صورت ۾ ظاهر ڪندا هئا. اُن دور ۾ سنڌين جي مُغلن جي باري ۾ روش، اسان هنن ٻن بلوچي شاعرن جي شعرن ۾ سموئي سگهون ٿا:

بلوچ شاعر نور محمد چوي ٿو:

توسان منهنجو صُلح اُن وقت ٿيندو:
جڏهن گدڙُ ڪُڪڙَ ۽ ڪبوتر جو رکوال ٿيندو؛
جڏهن شڪاري چيتو، اُٺ جو محافظ ٿيندو؛
جڏهن باهه ۽ ڪپهه ۾ آتشي ٿيندي،
جڏهن بگهڙ رڍن جو ڏنار تي ويندو،
جڏهن هاٿيءَ جو قد، اُهُر جي داڻي جيڏو ٿي ويندو،
جڏهن مڇيون سُڪل زمين تي زنده رهنديون.

ساڳيءَ ريت بلوچ شاعر بالاچ خان، دشمن سان صلح ڪرڻ جي باري ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار هن ريت ڪري ٿو.

دُشمن سان منهنجو صلح اُن وقت ٿيندو:
جڏهن گز (وڻ) ۾ ڪنڊا ڄمندا؛
جڏهن نانگن کي پير نڪري ايندا؛
جڏهن ڪانوَ کيرُ ڏيڻ شروع ڪندا؛
جڏهن جهنگلي شينهن گهريلو ٻڪِري ويندا؛
جڏهن پيڙيون ميدانن تي هلڻ لڳنديون؛
۽ جڏهن (هٿ جي) ترِيءَ تي وار ڄمندا.

اِنهيءَ مسلڪ ۽ عقيدي تي هلندڙ ڪن سنڌين جو داستان، مُون مختلف تاريخي ڪتابن مان هٿ ڪري، هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي. هن دفعي جيل جي ماحول ۾ طبيعت اُچاميل رهي، اُن ڪري طبيعت جي پُوري جوش ۽ جولان سان لکي نه سگهيو آهيان. هر وقت گهربل ڪتاب به ملي نه ٿي سگهيا، اُنڪري ذهني پريشانيءَ جي عالم ۾ منهنجي

عبارت ۾ ربط به نه رهيو آهي. ان جي باوجود، مُون هي جڏو ڦڏو ڪتاب لکڻ ضروري سمجهيو. مون هتي جيڪي ڪجهه لکيو آهي، سو هڪ ساز آهي، جنهن جي هر تار مان اسان جي شڪست جو آواز ٿو اچي. هڪ اهڙو چَمن آهي، جنهن جو هر ٻُوٽو لتاڙيل آهي. هڪ اهڙيءَ ڇوڪريءَ جي تصوير آهي، جنهن جي عصمت جو دامن تار تار ٿيل آهي. تاهم مون ڪي پنهنجي شڪست جي اُنهيءَ ساز جي هر تارَ سان پيار آهي. اُنهيءَ اُجڙيل چمن جي هر ڪُومايل گل جي اهميت مون وٽ جنتِ فردوس جي گُلن کان وڌيڪ آهي- ۽ مُون ان لَڄ لُٽيل ڇوڪريءَ جو دامنُ، اُن لائق سمجهيو آهي، جنهن ڪي هوند حورون به سجدا ڪري پنهنجو مرتبو وڌائين.

قومون پنهنجي شڪستن سان ان ڪري پيار ڪنديون آهن، جو اُهي انهن شڪستن جي کنڊرن تي پنهنجي شاندار، آخري ۽ دائمي فتحيابيءَ جا بيمثال رني ڪوٽ تعمير ڪنديون آهن. اهي پنهنجين ويرانين وارن هنڌن تي نئينءَ دنيا، نئينءَ ڪائنات ۽ نئينءَ جنت جا شاندار محل تعمير ڪنديون آهن.

اسان ڪي پنهنجي انهن شڪستن سان اُن ڪري پيار آهي، جو انهن شڪستن ۾ اسان جو سرڪش ۽ باغي عزم، ڪنهن الهڙ جوانڙيءَ جي ڇاتين وانگر تازو، توانو ۽ نئون نڪور ٿي، هر پيري اُپرندو رهيو آهي. انهن شڪستن اسان جي تاريخ ڪي لال ڪنوار بڻايو آهي ۽ اسان جي سائي ستابي مُلڪ ڪي اجرڪ، ڪهنيي ۽ ڳاڙهي گهوٽ جو زنده جاويد روپ ڏنو آهي.

آءٌ سمجهان ٿو ته ڪنهن قوم جو آزاد روح مري نٿو سگهي، پر اُهو هر پيري جُوڻ مٽائيندو، پيڙهي در پيڙهي هلندو ٿو رهي ۽ آءٌ اُنهيءَ روح ڪي نياز جي لفظن ۾ هيئَن دعا ٿو ڪريان:

شل! اُتاهو رهين، اُپ جي نيراڻ جيان،
شل! ستارا ڪرين، سانت چانڊاڻ جان،
شل! ڏئين ساءُ، موتئي جي سُرهاڻ جان.

19- ڊسمبر 1979ع عبدالواحد آريسر

# ٺٽي تي قبضي کان پوءِ آزاديءَ لاءِ سنڌين جي پهرين ڪوشش

سيوهڻ فتح ڪرڻ کان پوءِ شاهه بيگ ارغون، سنڌ جي عظيم محب وطن، دولهه دريا خان جي پُٽن ڏانهن سنڌ جي شاعر قاضي قادن کي موڪليو ته هُو دولهه جي پٽن محمود ۽ مٺڻ کي شاهه بيگ جي اطاعت لاءِ آماده ڪري. پر محب وطن پيءُ جي سورهيه پُٽن قاضي قادن سان مِلڻ کان ئي انڪار ڪيو. شاهه بيگ سيوهڻ کان ٺٽيءَ ويجهو پهتو، ته جاسوسن ڪيس خبر ڏني ته محمود، مٺڻ، ڄام سارنگ سهتو ۽ رڻمل سوڍو، اوهان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهن، پر مخدوم بلاول انهن کي نه صرف ملڻ کان روڪيو ويٺو آهي، پر جنگ ڪرڻ لاءِ نصيحت ڪري رهيو آهي. اها خبر ٻڌي، شاهه بيگ ٻيڙين جي رستي درياهه پار ڪيو. ٺٽيءَ جي سنڌين شهر کان ٻاهر نڪري، جوڌا سنگهه سوڍي جي پاءُ رڻمل سوڍي کي لشڪر جو مهندار مقرر ڪري، لڙائيءَ جي تياري ڪئي. مير فاضل، شاهه بيگ جي لشڪر جي اڳئين حصي جو مهندار ٿي ميدان ۾ آيو. گهمسان جي جنگ شروع ٿي ويئي. اڃا جنگ جاري هئي ته شاهه بيگ خود فوج وٺي پهتو. انهيءَ تازه دم فوج پهچڻ سان ارغون فوج جو حوصلو وڌي ويو ۽ انهيءَ فوج انتهائي تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي، شهر جي دروازي تي قبضو ڪيو. سنڌين جو ڪافي لشڪر ميدان جنگ ۾ ڪم آيو، باقي ميدان ڇڏي، ڪنهن نئين مورچي ۽ ميدان جي تلاش ۾ نڪري ويو. شاهه بيگ فاتحانه شان سان شهر ۾ داخل ٿيو، پر سندس اُميدن جي اُبتڙ شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ارغون لشڪر کي سخت مزاحمت سان منهن ڏيڻو پيو. شهر جو هر مرد، عورت، ٻڍو، ٻار، ڪاريگر، هنرمند، عالم، خطابي ۽ شاعر، مغل فوجين لاءِ هڪ جانٺي جوان جو روپ اختيار ڪري ويو. پورا ٽي ڏينهن ٺٽيءَ جي شهر ۾ لڙائي، قتل، خونريزي ۽ باهه جو ناچ ٿيندو رهيو. سنڌي، پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي محبت ۾ قتل ٿيندا رهيا. ٺٽيءَ جو شهر، ماڻهن ۽ سامان کان بلڪل خالي ۽ تباهه ٿي ويو. اُنهيءَ جنگ ۾ رڻمل سوڍو، ڄام سارنگ سهتو، مِٺڻ ۽ محمود، مادر وطن جي حفاظت جو فرض پورو ڪندي شهيد ٿي ويا.

هن جنگ جي خاص اهميت اُن ڪري به آهي، جو اُن ۾ تخت ۽ تاج جي حاصلات جي بجاءِ حب الوطنيءَ جو خاص جذبو ڪم ڪري رهيو هو ۽ سنڌ جا ماڻهو ديس جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي پوري قوت ۽ طاقت سان هڪ ڌاريئن قورو، غاصب ۽ اهڙي ڌاڙيل سان ٽڪرائجي ويا، جيڪو پنهنجو مُلڪ ۽ عورتون رضا خوشيءَ سان بابر جي حوالي ڪري، سنڌ تي قيامت وانگر اچي ڪڙڪيو. ٻي وڏي ڳالهه ته هيءَ جنگ، مذهب ۽ ويڇن کان بلند ٿي، خالص قومي بنيادن تي وڙهي ويئي؛ جنهن ۾ هندو مسلم، پنڊت، مولوي،

صوفي، جوڳي، جاگيردار ۽ هاريءَ جو شاندار اتحاد ۽ اتفاق نظر اچي ٿو. جنگ جي سپهه سالار رتمل سوڍي جي ڪمان ۾ مخدوم بلاول جهڙي ولي اللهؒ جا خليفا ۽ شاگرد به مادر وطن جا نعرا هڻندي شهيد ٿيا. پر وڏي افسوس جي ڳالهه آهي ته هن جنگ ۾ سنڌين جي لشڪر جو تعداد معلوم نه ٿي سگهيو.

***

# آزاديءَ لاءِ سنڌين جي جدوجهد

شاهه بيگ ارغون سيوهڻ واري ٿي طرف هو، ته سنڌ جي تخت ۽ تاج جي پراڻي دعويدار، جام صلاح الدين (جنهن کي جام فيروز جي ايامڪاريءَ ۾ دريا خان جي حڪمت عمليءَ ڪري ٺٽي جي تخت کان محروم ٿيڻو پيو هو ۽ گجرات ۾ هو) کي سنڌ جي غلاميءَ، جام فيروز جي نا اهليءَ ۽ ارغون فاتحن جي وحشت ۽ درندگيءَ جون خبرون پهتيون ۽ هن ٺٽي جي تخت ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وري ڪوششون شروع ڪيون. جاڙيجن، سوڍن، سَمن ۽ ڪنگهارن جو ڏهه هزار لشڪر گڏ ڪري، سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. جام صلاح الدين جي هن ڪوشش جي باري ۾ ”تاريخ سنڌ“ جو مصنف، اعجازالحق قدوسي لکي ٿو ته: ”سنڌ جي اُنهن قبيلن جام صلاح الدين کي ان ڪري پنهنجي اميدن جو مرڪز بڻايو، جو هُو سما خاندان جو فرد هو. جيسين تائين هن ۽ جام فيروز جي ويڙهه هلندي رهي، تيسين تائين هي قبيلا دريا خان جهڙي محب وطن جي ڪري جام فيروز جي طرف هئا. پر دريا خان جي شهادت ۽ جام فيروز جو سنڌ جي غلاميءَ تي راضي ٿي ويهڻ اُنهن قبيلن کي نه آئڙيو. هاڻي انهن قبيلن چاهيو ٿي ته ڪهڙي به نموني ملڪ کي غيرن جي غلاميءَ کان آزادي نصيب ٿئي.“

حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ جي محب وطن عوام سمجهيو ٿي ته آزاد سنڌ جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جو ڳٽ وجهڻ جا ذميدار شاهه بيگ ارغون ۽ جام فيروز هئا. هن وقت جيتوڻيڪ نالي ماتر ٺٽي تي جام فيروز جي حڪومت هئي، پر حقيقت ۾ جام ارغونن جو دلال ۽ ڳڙو هو. ان ڪري، سنڌي عوام جام فيروز ۽ شاهه بيگ ارغون جو دشمن ٿي پيو. اهو ئي سبب هو جو جڏهن جام صلاح الدين، جام فيروز جي غلامانه حڪومت جي خلاف آزاديءَ ۽ حُريت جو جهنڊو بلند ڪيو، تڏهن اهي سڀ قبيلا جن کي سنڌ جي آزاديءَ ۾ ايمان هو، سي هِن خيال سان جام صلاح الدين سان گڏجي ويا ته شايد ان جي ذريعي مُلڪ کي غيرن جي غلاميءَ کان آزادي نصيب ٿئي. هنن جي خيال ۾ جام فيروز جي خلاف جنگ، حقيقت ۾ ارغون تسلط ۽ غلبي خلاف آزاديءَ ۽ استقلال جي جنگ آهي، ۽ جڏهن جام فيروز کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ جام صلاح الدين جي حڪومت قائم ٿي ته اها هڪ آزاد، خود مختيار ۽ سنڌين جي پنهنجي پائيدار حڪومت لاءِ پيڙهه وارو پٿر ثابت ٿيندي.

جام صلاح الدين جي انهيءَ تياريءَ کي ڏسي، جام فيروز پنهنجي آقائن سان صلاحون مشورا شروع ڪيا. فاتح ارغون ۽ جام فيروز جي وچ ۾ سفارت جا فرائض قاضي قادن سر انجام ڏيڻ شروع ڪيا. نيٺ قاضي قادن جي گهٽي ٻُڪ دوڙ کان پوءِ جام فيروز ۽ فاتح ارغون جي صلاح سان مرزا شاهه حسن کي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڪاهي ايندڙ جام صلاح الدين جي لشڪر سان مقابلو ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. آخرڪار، جهالار جي پَٽَ ۾ ٻنهي فوجن ۾ قيامت خيز جنگ لڳي. سنڌين انتهائي بهادري، بي جگري، همت ۽ حُب الوطنيءَ جي جذبي سان سرشار ٿي جنگ ڪئي. انهيءَ جنگ ۾ جام صلاح الدين خود، امر

امراڻي ۾ ڄام صلاح الدين جو پُٽ هيبت خان، (جيڪو سلطان مظفر گجراتيءَ جو ناٺي هو) ٿيئي شهيد ٿي ويا. وقتي طرح سنڌين کي شڪست آئي. گهڻو سنڌي لشڪر جنگ جي ميدان ۾ ڪم آيو، باقي ٿورو رهيل سنڌي لشڪر ڪڇ ۽ گجرات ڏانهن ڪنهن نئين جنگ جي تياريءَ روانو ٿي ويو.

***

# سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ٽين ويڙهه

جام فيروز، پنهنجي نا عاقبت انديش ماءُ مرينا ماڇياڻيءَ جي ڳالهين تي لڳي، ارغونن کي گهرايو ته اُن لاءِ هو ته، اُهي اچي درياخان جو زور ٽوڙين، مگر دريا خان جي شهادت کان پوءِ ارغونن جام فيروز سان جيڪا روش اختيار ڪئي، تنهن مان هن جون اکيون چڱيءَ طرح کُلي پيئون، پر هاٿي ڦاٽي کان پوءِ ڦٽڪڻ اجايو. پوءِ به هن پنهنجي بيوسي ۽ ذلت ڏسي پڇتايو. بقول نياز همايوني:

انت پڇتايو پٽر دل، نيٺ ته سنڌ جي مِٽي هئي!

هن سوچيو ته ’ڪڇ ۽ سنڌ جي سرحد تي اهي سنڌي جانباز اچا به واچوڙي وانگر دوڙي ۽ نانگ وانگر وٽ ڪائي رهيا آهن، جن کي مون پنهنجي هٿن سان تباهه ڪرايو آهي، مونکي انهن وٽ وڃي پنهنجي غلطين، ڪوتاهين ۽ غدارين تي پڇتاءُ ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جانبازن جي مدد سان ارغونن کي ٽوٽا چٻاڙڻ گهرجن‘- اهو ارادو ڪري، هُو بدين ۽ رحمڪي بازار وارو ترڳهميو. اتي جو محب وطن عوام ارغونن تي اڳيئي تتو ويٺو هو ۽ ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هو، تنهن جام فيروز جي اهڙي ارادي کي ڏسي، اڳيون سڀ وساري، سندس جهنڊي هيٺ وڙهڻ قبوليو. آخر ته هو پنهنجي سيني ڪوتاهين هوندي، سندن محبوب بادشاهه جام نندي جو پُٽ هو. ٿوري وقت اندر جام فيروز جي جهنڊي هيٺ سنڌ ديس جي آزاديءَ جا پنجاهه هزار پروانا گڏ ٿي ويا. انهن سيني جي هڪ ئي تمنا هئي، ”آزادي يا موت!“ پوري نٿي ۾ جام فيروز جي فوج جي گهٽائيءَ جو هُل هنگامو ٿي ويو.

هيڏانهن مرزا شاهه حسن، ڪجهه ماڻهو نٿي جي حفاظت لاءِ ڇڏي، پاڻ جام فيروز سان مقابلي لاءِ روانو ٿي ويو. سنڌو نديءَ جي ڪاٻي ڪپ تي جُوڻ ۾ ٻئي لشڪر هڪٻئي جي سامُهون ٿيا. جام فيروز سان ايندڙ سنڌي لشڪر، ارغون لشڪر کي ڏسي، گهوڙن تان لهي، مٿن تان پٽڪا لاهي، پٽڪن جي چيڙن سان هڪٻئي کي ٻڌي، خوفناڪ جنگ شروع ڪري ڏني. ان زماني ۾ هند ۽ سنڌ ۾ رواج هو ته جڏهن هندي ۽ سنڌي مرڻ گهڙيءَ تائين وڙهڻ جو ارادو ڪندا هئا ته گهوڙن تان لهي، مٿو اگهاڙو ڪري پٽڪن سان هڪٻئي جي چيلهن کي ٻڌي وڙهندا هئا. مرزا شاهه حسن جڏهن سنڌين جي هيءَ حالت ڏٺي، تڏهن پنهنجن اميرن کي چوڻ لڳو ته ”اها فتح جي خوشخبري آهي. تِيرن سان حملو ڪريو!“ ارغونن طرفان انهيءَ حملي ڪري جنگ پوري جوش ۽ خروش سان شروع ٿي. صبح کان شام تائين لڙائي ٿيندي رهي. ويهه هزار ماڻهو پنهي

طرفن جا قتل ٿيا. جام فيروز ٻئي ڏينهن وڙهڻ جي بجاءِ رات وچ ۾ رهيل سپاهه ساڻ ڪري گجرات هليو ويو. ارغون فاتح وحشت ۽ خونريزيءَ جو طوفان مچائيندو ٺٽي موٽي آيو. هاڻي پوريءَ سنڌ تي ارغونن جو مڪمل قبضو ٿي ويو ۽ ائين نظر اچي رهيو هو ته آزادي ۽ حريت جي ڪابہ چڻنگ هن سر زمين جي چُلهي ۾ رهي ئي ڪانهي ۽ سنڌ غلامن جو ئي مُلڪ آهي.

***

# آزاديءَ لاءِ سنڌين جي چوٿين جدوجهد

چام فيروز ۽ شاهه حسن ارغون وچ ۾ ٿيل جنگ ۾ سنڌين جي شڪست کان پوءِ ائين پئي سمجهيو ويو ته هاڻي هن سرزمين ۾ آزاديءَ جي ڪابه چڻنگ ڪانه دکندي ۽ ملڪ تي غاصبن جي قبضي خلاف ڪوبه پارٽ مورهين ڪونه پرندو. پر اها سوچ، سنڌين جي تاريخي حب الوطنيءَ ۽ آزاديءَ جي تڙپ کان اڻڄاڻائيءَ تي ٻڌل هئي. هن سرزمين ۾ اجا به اهڙيون سِسيون هيون، جن پنهنجي مادر وطن جي چوٽڪاري لاءِ رت وهائڻ ۽ سنڌ جي سيني تي لال لهوءَ ۾ ليٽڙجڻ تي گهريو- ۽ اُهو موقعو نيٺ اچي ويو.

چام صلاح الدين ۽ مرزا شاهه حسن جي وچ ۾ لڳل **جنگ جهالار** ۾ چام ڪنگهار جو پاءُ امر امراڻي به شهيد ٿي ويو ۽ انهيءَ جنگ جو محرڪ به اهو ئي هو. چام فيروز واري شڪست کان پوءِ به سنڌي مات ڪري نه ويٺا، پر هنن توڙ تائين وڙهڻ جو فيصلو ڪيو هو. اُن ڪري، هو وري به چام ڪنگهار جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا. چام ڪنگهار لشڪر گڏ ڪري، مرزا شاهه حسن کي هيٺ ڄاڻايل خط لکيو، جنهن خط ۾ هڪ سنڌيءَ جي شرافت ۽ بهادري پوريءَ ريت جهلڪي رهي آهي:

”سنڌ جي غاصب مرزا شاهه حسن ڏانهن! جيئن ته تو منهنجي پاءُ امر کي شهيد ڪيو آهي. اُن جي خون جو بدلو وٺڻ لاءِ ماڻهو منهنجي چوڌاري گڏ ٿيا آهن. پر جيئن ته تون ملتان ويل هئين، اُن ڪري مون اخلاقي طرح تنهنجي غير حاضريءَ ۾ تنهنجي اهل عيال تي حملو نه ڪيو. هاڻي جيئن تون موٽي آيو آهين، اُن صورت ۾ يا ته اسان سان صلح ڪري سنڌ جو علائقو اسان جي حوالي ڪري، ڪيڏانهن هليو وڃ يا جنگ لاءِ تيار ٿيءُ!“

چام ڪنگهار جي اُنهيءَ خط جي جواب ۾ مرزا شاهه حسن هن ريت جواب ڏنو:

”اسان جنگ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڄاڻون ئي ڪين. امر امراڻيءَ جي رَت سان اسان جنهن ميدان کي رنگين ڪيو هو، سو ميدان اجا وڏيڪ رت جو مطالبو ڪري رهيو آهي. ان کان اڳ جو تون هيڏانهن اچين، آءٌ پاڻ تنهنجي مقابلي لاءِ اچي رهيو آهيان.“

بهرحال ٻئي فوجون سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد تي مقابلي لاءِ گڏيون. رڻ گجيو، راڙو ٿيو. بهادر گڏيا، سر ڏڏيا، لوٿون لُڇيون. سخت مقابلي کان پوءِ سنڌين جي هيءَ جدوجهد به ناڪام ويئي. چام ڪنگهار رهيل سپاهين سان واپس موٽي ويو. ارغونن انتهائي بيدرديءَ

سان قتل ۽ خونريزي ڪئي. بيشمار اُٺ، گهوڙا، رڍون، ٻڪريون، ڍڳيون ۽ ٻيو سامان لُٽي ڦري ٺٽي موٽي آيا. چاڪر ڪنگهار پوءِ به ارغونن جي خاتمي لاءِ سوچيندو رهيو. جڏهن مرزا باقيءَ ڪي مرزا صالح جلاوطن ڪيو، تڏهن چاڪر ڪنگهار نه صرف مرزا باقيءَ ڪي پناهه ڏني، پر پنهنجي ڌيءُ جاڙيجيءَ جي ساڻس شادي به ڪرائي. مرزا باقي جن مصيبتن ۾ گرفتار هو، تن مان نجات صرف مائي جاڙيجيءَ جي ڏاج ڏياري. مرزا باقيءَ ڪي انهيءَ مائيءَ پيٽان مرزا مظفر نالي پُٽ به ڄائو هو، جنهن بدين تي حڪومت ڪئي، ۽ سندس قبر قادريءَ جي قبرستان ۾ آهي. مرزا باقيءَ جنهن نموني ارغونن جو خاتمو ڪرايو، اُن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اُنهيءَ واقعي جي پس منظر ۾ چاڪر ڪنگهار ۽ سندس ڌي جاڙيجيءَ جو هٿ ڪار فرما هو. جيتوڻيڪ مرزا باقي اڳتي هلي انتهائي ڪميڻو، ڪنجوس ۽ ظالم ثابت ٿيو، پر اهي خصلتون منجهس اُن وقت موجود ڪين هيون، جڏهن چاڪر ڪنگهار ڪيس ارغونن لاءِ موت جي فرشتي جي صورت ۾ تربيت ڏيئي رهيو هو. هاڻي سنڌين هن جنگ جي ناڪاميءَ ڪان پوءِ ڪليل صف بنديءَ واريءَ جنگ ڪي ڇڏي، جنگ جي هڪ نئين صورت ۽ حڪمت عملي اختيار ڪئي، جنهن ڪي اڳ پيش لفظ ۾ ڇڙو ڇڙ جنگ يا منتشر لڙائيءَ جي نالي سان متعارف ڪرائي آيو آهيان. اهڙي قسم جي جنگ، ارغون دور ڪان وٺي مغلن جي خاتمي تائين ۽ اُن ڪان پوءِ ڪافي وقت تائين جاري رهي. وينديءَ نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ جي حملن وقت جڏهن سنڌ جون سرڪاري فوجون شڪست ڪائي چُڪيون هيون، تڏهن به سنڌي عوام انهن ٻنهي حملي آورن جي لشڪر جي خلاف ڇڙو ڇڙ جنگ ڪئي آهي، جنهن جا صرف اشارا مختلف ڪتابن ۾ ملن ٿا.

***

# راجا سامبس

هن ڪتاب ۾ جن شخصيتن تي لکيو ويو آهي، سي گهڻو ڪري ارغون، ترخان ۽ مغل دور سان واسطو رکن ٿيون- ۽ گهڻو ڪري اُهي شخصيتون اهڙيون آهن، جن کي تاريخ ۾ سواءِ گمناميءَ جي گوشي ۾ رکڻ جي تاريخ لکندڙن بي ڪابه اهميت ڪانه ڏني آهي. پر سنڌ جي تاريخ ۾ اهي شخصيتون، هيرن جو درجو رکن ٿيون، چوته اُنهن انتهائي بي سرو سامانيءَ ۽ ڪمزوريءَ جي باوجود به فاتح طاقتن سان ٽڪر کائڻ پنهنجو قومي ۽ وطني فرض سمجهيو. نه رڳو ايترو پر اهو فرض ايمانداريءَ سان ادا به ڪيو. انهن شخصيتن تي لکندي، مونکي سنڌ جي هڪ اهڙي شخصيت نظر آئي، جيڪا تاريخ ۾ نمايان نه آهي: جيتوڻيڪ سندس حب الوطنيءَ ۽ قربانيءَ جي تقاضا اِها هئي ته ڪيس نمايان مقام ملڻ کپندو هو. ان ڪري، مون **سنڌي سورمن** جي هن داستان جي بسم اللّٰہ طور اُن شخصيت جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهيو. اها شخصيت آهي راجا سامبس جي!

جنهن دور ۾ سڪندر يوناني، تباهي ۽ هلاڪت جو راڪاس بڻجي، ايشيا تي ڪڙڪيو ۽ اربيلا جي خونريز جنگ ۾ دارا کي شڪست ڏيئي، وچ ايشيا ۽ ڪابل تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ هندوستان ڏانهن مُڙيو، اُن وقت سنڌ جي مختلف علائقن تي ڏار ڏار راجا حڪومت ڪندا هئا. هاڻوڪي ٺٽي واري علائقي تي راجا سامبس حڪومت ڪندو هو.

سڪندر جي لشڪر ۾ ايراني، يوناني ۽ وچ ايشيا جا سپاهي هئا. سن **327**ق- م ۾ يوناني فاتح ڪابل ۽ سوات مان ٿيندو، پنجاب ۾ داخل ٿيو، جتي هن راجا پورس کي شڪست ڏني، پوءِ سنڌونديءَ جي ذريعي ملتان پهچي، هن ملتان جي مالي راجا کي شڪست ڏني. اُڳتي ايندي هن سانگلا شهر ۾ مقامي ماڻهن جي سخت مقابلي ۽ مزاحمت جو منهن ڏٺو. سانگلا شهر جا ستر هزار ماڻهو سڪندر يونانيءَ جي فوجن هٿان مارجي ويا. فاتح يوناني اڳتي وڌيو. ٺٽي واري علائقي ۾ پهچڻ کان پوءِ سما نگر يا مينا نگر جي حڪمران راجا سامبس، سڪندر کي ايذو ته پريشان ڪيو، جو سڪندر مٿس فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ڦاسي ڏيئي، سندس لاش شهر کان ٻاهر وڻ سان لٽڪائي ڇڏيو. يوناني فاتح، جيڪو يونان جي مفڪرن ۽ فلاسافرن جي بهترين تعليم سان سينگاريل هو، تنهن نه رڳو راجا کي ڦاسي ڏئي وڻ سان لٽڪائي ڇڏيو، پر اُن سان گڏ سما نگر جي سپني مَردن، عورتن ۽ ٻارن کي ڪُهائي، انهن جا لاش پڻ رستن، چوواٽن ۽ گهٽين ۾ اڇلرائي، پنهنجي بهترين تهذيب ۽ تمدن جو پورو پورو ثبوت هِتي ڇڏي ويو. راجا سامبس، سڪندر يونانيءَ سان وڙهندي، **323** ق- م ۾ شهيد ٿي ويو.

***

# ڄام صلاح الدين

سنڌ جي هن شخصيت جي باري ۾ تاريخدانن عجيب رَوش اختيار ڪئي آهي. سڀ تاريخ لکندڙ سندس نالو سرسري نموني وٺنداءِ اڳتي وڌندا ويا آهن. هن جو ڏوهه رڳو هيءُ هو ته هن ڄام نظام الدين جي وفات کان پوءِ تخت جي تخت لاءِ دعويٰ ڪندي ڄام فيروز تي لشڪر ڪشي ڪئي هئي، ۽ نيٺ دولهه دريان خان جي سياست ۽ تدبر جو شڪار ٿي ويو هو. ايتريءَ حد تائين جو سنڌ جو مشهور مورخ مولائي شيدائي، هن جي پيءُ جي نالي جي به وضاحت ڪونه ٿو ڪري. البت تاريخدانن ايترو لکيو آهي ته هُو ڄام سنجر جو پوٽو هو. ڄام سنجر سنڌ جو انتهائي خوبصورت ۽ ذهين بادشاهه هو. چون ٿا ته سندس حُسن تي هڪ الله لوڪ فقير عاشق هو، جنهن جي دعا سان هو بادشاهه ٿيو هو. هن گجرات جي سلطان محمود بيگڙي سان سڱاوتي ڪئي هئي. هو انتهائي ڏاهو، محب وطن ۽ عوام دوست هو. هن سنڌ مان رشوت جي پاڙ پٽڻ لاءِ سرڪاري عملدارن جا پگهار وڌائي مٿن سخت نظرداريءَ جو حڪم ڏنو هو. هن سنڌ تي ڪُل اٺ ورهيه آزادي ۽ خودمختياريءَ سان حڪومت ڪئي. ڄام سنجر جو دور امن ۽ اطمينان جي ڪري سنڌ ۾ مثالي دور ليکيو ويندو هو. سندس دور حڪومت جو دائرو ملتان تائين هو ۽ سندس خوشحال دور جي باري ۾ ملتانيءَ ۾ لوڪ گيت چيل آهن. ڄام صلاح الدين، اهڙين وصفن واري حاڪم جو پوٽو هو. ڄام نندي جي وفات کانپوءِ جڏهن هن ڄام فيروز جي مقابلي ۾ تخت جي تخت لاءِ دعويٰ ڪئي، تڏهن دولهه دريا خان ۽ ٻين وزيرن ڄام نظام الدين جي احسانن سبب ڄام صلاح الدين کي بيدخل ڪري، ڄام نندي جي پُٽ ڄام فيروز کي تخت تي ويهاريو؛ ڄام صلاح الدين پنهنجيءَ پيڻ وٽ گجرات هليو ويو. ڄام فيروز تخت تي ويهڻ شرط دريا خان کي پنهنجو بد خواهه سمجهي، دربار مان ڪڍي، مغلن سان دوستي وڌائڻ لڳو. اُهي مغل ڌارين حڪومتن جا جاسوس هئا. جن مان خاص ڪري مير قاسم ڪيبڪي، دربار جون سموريون ڳجهيون خبرون ڳجهه ڳوهه ۾ اُن شاهه بيگ ارغون کي پهچائڻ لڳو، جنهن کي ڄام نندي جي زندگيءَ ۾ دولهه دريا خان ذلت آميز شڪست ڏيئي چُڪو هو. ڄام فيروز سارو ڏينهن محل ۾ گذاريندو هو. ڪڏهن ورلي ٻاهر نڪرندو هو. جڏهن ٻاهر ايندو هو ته خوبصورت ڇوڪرين جي ناچ ۽ مسخرن جي مسخري ڏسڻ ۾ مصروف رهندو هو. ڄام فيروز جون اهڙي قسم جون الغرضايون ۽ عياشيون سنڌ کي تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃي رهيون هيون. دريا خان ٺٽو ڇڏي وڃي ” ڳاهن “ ۾ پنهنجون زمينون سنڀالڻ لڳو هو. اهي خبرون جڏهن ڄام صلاح الدين کي پهتيون، تڏهن هن مظفر گجراتيءَ جي مدد سان وڏو لشڪر تيار ڪري، سنڌ جي دارالحڪومت تي حملو ڪيو. ڄام فيروز بنا ڪنهن جنگ ڪرڻ جي ٺٽو ڇڏي ڀڄي ويو. سنڌ جي گاديءَ واري شهر تي ڄام صلاح الدين جو قبضو ٿي ويو. ڄام فيروز جي ماءُ مرينا

ماڇياڻيءَ پنهنجي نا اهل ۽ نالائق پُٽ کي لڪائي وجي دريا خان جي دَر تي پهتي. ڄام نندي جي شخصيت جا واسطا ڏيئي، پُٽس جي نالائقين جي معافي وٺي، دريا خان کي وري سنڌ جي سياست ۾ گهلِي آئي. سنڌ جي سدوري، سُلڇڻي ۽ عظيم محب وطن فرزند دريا خان، هن خاندان جون گذريل مهربانيون ياد ڪري، بنا وقت وڃائڻ جي لشڪر گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. بکر ۽ سيوهڻ جا سماٽ ۽ بلوچ قبيلا، دريا خان جي جهنڊي هيٺ اچي گڏ ٿيا. جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ سنڌ جي پنهي محب وطنن يعني دريا خان ۽ ڄام صلاح الدين پاڻ ۾ ملاقات ڪئي ۽ سنڌي عوام جي خونريزي کان بچڻ جي اُپائن تي ويچاريو. ٻئي ڄڻا سنڌ جي مفاد خاطر ٺهي ويا، پر بدقسمتيءَ سان ڄام صلاح الدين جي مُک صلاحڪار ”حاجيءَ“ انهيءَ صلح جي سخت مخالفت ڪئي. جنهنجي نتيجي ۾ پنهي ڌرين ۾ سخت جنگ لڳي. جيئن ته ماڻهن جي اڪثريت ڄام فيروز کان بيزار هئي، اُن ڪري جنگ جي ميدان ۾ دريا خان جو لشڪر بيهي نه سگهيو ۽ شڪست کاڌائين. دريا خان انهيءَ شڪست کي فتح ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجي روايتي دانائيءَ کان ڪم ورتو. ٿيو هيئن جو ڄام صلاح الدين جي فوج جي سپهه سالار حاجيءَ دريا خان جي فوج جي شڪست جي پوري خبر هڪ قاصد هٿان ڄام صلاح الدين کي ڏياري موڪلي. اتفاق سان اهو قاصد دريا خان جي وَر چڙهي ويو. دريا خان ڇا ڪيو جو حاجيءَ وارو خط لڪائي، اُن جي بدران ٻيو جڙتو خط حاجيءَ پاران ڄام صلاح الدين کي لکيو. جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته: ”دريا خان جي لشڪر پنهنجيءَ فوج کي شڪست ڏني آهي. سهڻي صلاح هيءَ آهي ته تون پنهنجي عيال سميت ٺٽو ڇڏي وڃ. آءٌ توکي ڇاڇڪان ڳوٺ ۾ اچي گڏبس.“ خط پهچڻ شرط ڄام صلاح الدين بنا ڪجهه سوچڻ جي ٻار ٻچا وٺي، **9**- رمضان تي ٺٽي مان نڪري ويو. حاجيءَ کي جڏهن ڄام صلاح الدين جي انهيءَ قدم جي خبر پئي، تڏهن کيس ڏاڍو ڏُک ٿيو. پر هاڻي وقت هٿن مان نڪري چڪو هو، تنهنڪري ٻئي گجرات هليا ويا.

انهيءَ واقعي کان پوءِ ڄام فيروز سمجهيو ته هاڻي مون کي دريا خان مان خطرو آهي، اُن ڪري هن پنهنجي آنڌل مغلن جي چُرچ تي هڪ دفعو وري دريا خان سان اڏنگي روش اختيار ڪئي. اهي مغل، ڄام فيروز قنڌار مان گهرائي، هڪ خاص محلي ”مغل واڙي“ ۾ ورسايا هئا. انهن مغلن تي اهو ڪم رکيو ويو هو ته هو ڄام فيروز کي دريا خان کان بدظن ڪري، دريا خان کي سنڌ جي سياست مان بيدخل ڪرائين. مغلن دريا خان کي دربار مان ڪڍائي، شاهه بيگ ارغون کي خط لکي سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ گهرايو. ارغونن جي حملي جو ٻُڌي، سنڌ جو عظيم محب وطن دريا خان، هڪ دفعو وري ٺٽي جي ڇپن تي مُرڪ برقرار رکڻ لاءِ ميدان ۾ آيو ۽ وڙهندي شهيد ٿي ويو. سنڌ، ارغونن جي غلاميءَ جي پنجوڙ ۾ ڦاسي پيئي. اهي خبرون جڏهن ڄام صلاح الدين کي پهتيون، تڏهن هو سنڌ تان ارغونن جو تسلط ختم ڪرائڻ ۽ سنڌ کي وري آزاد ڪرائڻ لاءِ ڏهه هزارن سوڍن ۽ ڄاڙيجن جو لشڪر وٺي، ارغون تي حملي آور ٿيو. جهالار جي ميدان ۾ ***1520***ع ڌاري خونخوار جنگ لڳي. جنهن ۾ سنڌ جو هيءُ لافاني محب وطن ڄام

صلاح الدين، پنهنجي پُٽ ۽ ساٿين سميت شهيد ٿي ويو. ڄام صلاح الدين آخري وقت تائين سنڌ لاءِ زنده رهيو ۽ سنڌ تي ئي قربان ٿيو.

***

# چام هيبت خان

ٽلٽيءَ جي جنگ آزاديءَ کان پوءِ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ **سنڌين** ٻي ويڙهه ارغون لشڪر سان جهالار جي ميدان ۾ مچائي. انهيءَ ويڙهه ۾ سنڌين جي لشڪر جي اڳئين حصي جي اڳواڻي چام هيبت خان ڪئي. چام هيبت خان، چام صلاح الدين جو پُٽ، سلطان مظفر گجراتيءَ جو ناٺي ۽ سنڌ جي خوبصورت حاڪم، چام سنجر جو پڙ پوٽو هو.

گجرات جي حاڪمن سان سنڌ جي سمن جي سڱاوتي اڳاتي هئي. هي ٻئي خاندان، اصل ۾ راجپوت هئا. جيڪي پوءِ مسلمان ٿيا. فرق رڳو هيءُ آهي ته سَماءُ چندر ونشي راجپوت هئا ۽ گجرات جا مظفريه حاڪم، سورج ونشي راجپوتن مان هئا.

ٻهريون سَمون حاڪم چام جوڻو هو، جنهن مظفريه بادشاهن سان مٽيءَ مائٽيءَ وارو رستو رکيو. چام جوڻي جي هڪ ڌيءُ سان گجرات جي حاڪم محمد شاهه شادي ڪئي. اُنهيءَ مائٽيءَ پيٽان گجرات جو ناميارو حاڪم محمود بيگڙو پيدا ٿيو. اُنهيءَ بادشاهه پنهنجي والدهه جي يادگار طور ننگر پارڪر ۾ هڪڙي مسجد ٺهرائي، جنهن جا آثار اجا تائين موجود آهن. اُنهيءَ سڱاوتيءَ کان پوءِ گجرات ۽ سنڌ جا حاڪم پيا هڪ ٻئي سان مِٽيون مائٽيون ڪندا هئا. جڏهن به ڪو سنڌي ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿيندو هو ته گجرات هليو ويندو هو.

جنگ جهالار جي محرڪ چام صلاح الدين جي پيرڻ، گجرات جي شاهي خاندان ۾ پرڻايل هئي ۽ سندس پُٽ هيبت خان يا فتح خان جي گهر ۾ گجرات جي بادشاهه جي ڌيءُ هئي.

نوجوان هيبت خان، انتهائي بهادر، دلير ۽ محب وطن هو. جنگ جهالار ۾ جڏهن جنگ لاءِ صِفن جي ترتيب شروع ڪئي ويئي ته ڪيس مقدمة الجيش (مُهاڙي دستي) جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو هو. اِنهيءَ جنگ ۾ هُو انتهائي بهادريءَ، دليريءَ ۽ حُب الوطنيءَ سان وڙهندي، سر زمين سنڌ کي سِر ڏيئي سرهو ٿيو. اها جنگ ***1520***ع ۾ لڳي هئي.

***

# مريد جت

مرزا شاھ حسن ارغون، اٽڪل **34** سال مسلسل آزاديءَ جي ويڙھ کي مُنهن ڏيندي، **1555**ع ۾ بنا ڪنهن نرينه اولاد جي مري ويو. سندس موت کان پوءِ اُنهيءَ ساڳئي سال سنڌ جي سياسي تقسيم ٿي، جنهن موجب سيوهڻ کان مٿي وارو پرڳڻو ارغونن جي هڪ پراڻي نمڪ خوار سلطان محمود پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ سيوهڻ کان هيٺ واري حصي جو مالڪ مرزا عيسيٰ خان ترخان بڻيو.

مرزا عيسيٰ جي حياتيءَ ۾ ئي سندس پُٽن مرزا صالح، مرزا باقي ۽ مرزا جان بابا ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا. مرزا صالح پڻس جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي، اقتدار ۽ اختيار جو مالڪ بڻجي ويو. مرزا صالح جي ڪميڻپ ۽ ڪنورتا کان ڊڄي، مرزا جان بابا پنهنجي ناناڻن سميجن ۾ وڃي ويهي رهيو. مرزا باقي چاچڪان پرڳڻو ٽپي ڪَڇ ڏانهن ڀڄي ويو. انهيءَ سفر ۾ مرزا باقيءَ پنهنجي نوڪر قاضي خميسي سان گڏ بيشمار تڪليفون ڏٺيون. ايتري قدر جو هڪ دفعي انهن ٻنهي ڪتي جي الٿيءَ مان نڪتل چانور ميڙي صاف ڪري کاڌا. نيٺ مرزا باقي چام ڪنگهار جي ڌيءُ سان شادي ڪري، ان جي مدد سان ٻڪر ڀهتو.

هاڻي سنڌ جي هن خطي جي بدنصيب ماڻهن جي تقدير جو مالڪ ۽ مختيار ٿي مرزا صالح جهڙو ڪنور، ڪميڻو، ڪُپتيو، ظالم، خر دماغ ۽ سڏڙيو بڻجي ويو. هن سنڌي عوام تي طرح طرح جا ظلم ڪيا. ماڻهن کي بي گناھ قتل ڪرڻ، قيد ۾ وجهڻ ۽ هر خوبصورت ڇوڪريءَ کي پنهنجي حرم ۾ داخل ڪرڻ جو ڪيس جُنون هو. انهيءَ جُنون ۾ هن هڪ سنڌي خاندان جي فردن کي قتل ڪيو ۽ ڪن کي جيلن ۾ وڌو. هن اهو اُن ڪري ڪيو، جو انهيءَ خاندان پنهنجي خوبصورت ڇوڪريءَ جو سَڱ کيس ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. مريد جت، انهيءَ ستايل خاندان جو فرد هو. جنهن وقت اهو دردناڪ واقعو ٿيو، انهي وقت مريد واپار سانگي گجرات ويل هو. هن کي اُتي اها خبر پئي ته مرزا صالح سندس خاندان سان کهڙي ويڌن ڪئي آهي. اها خبر ٻڌڻ شرط هو پنهنجو سمورو ڪم اڌ ۾ ڇڏي، هڪدم ٺٽي پهتو. ٺٽي پهچڻ کان پوءِ واري سندس حالت ”تاريخ طاهري“ ۾ هن ريت لکيل آهي:

مريد جت، مرزا صالح سان سخت دشمني ۽ ويرُ رکڻ شروع ڪيو. هو کلمکلا پنهنجي قبيلي ۾ چوندو وتندو هو ته ”جيسين تائين آءٌ مرزا صالح کي پريل دربار ۾ قتل نه ڪندس، اُن وقت تائين مٿي تي پٽڪو نه ٻڌندس.“ انهيءَ ڏون ۾ هو شهر جي هر گهٽيءَ ۽ چوَنڪ، هر محلي ۽ بازار ۾ چرين وانگر چاقوءَ کي روهيءَ تي تکو ڪري چوندو هو: ”اي چاقو! تون ڪم ڪندين يا نه؟ اي دل! تون مضبوط ٿجانءِ، توکان موقعي تي بي دليءَ ۽ بزدليءَ جو مظاهرو نه ٿيڻ گهرجي. ڇوته تنهنجي ئي ڏِي تي مون هي معرڪو پنهنجي ذمي کنيو آهي.“ تمام شهري ۽ سپاهي، هن جي چرپائپ واريون ڳالهيون ٻڌي کيس چريو پيا سمجهندا هئا. شهر جا ٻار تماشو ڏسڻ لاءِ هن جي پٺيان پيا ڊوڙندا هئا. هو جيڪي ڪجھ

چوندو هو، اُتي بيٺل نندو وڏو پيو ڏُهرائيندو هو. ماڻهو ڪيس سورنهن آنا مريد مست سمجهندا هئا. انهيءَ ڳولا ۾ هن ڪي هڪ ڏينهن موقعو ملي ويو. ٿيو هيئن جو عين اُن وقت جڏهن مرزا صالح سوار ٿي پنهنجي محل ڏانهن وڃي رهيو هو ته اوچتو مريد مست ڇُريءَ ڪي ڪاغذ ۾ ويڙهي، فرياد فرياد ڪندو مرزا صالح ڏانهن وڌڻ لڳو. مرزا جا چوبدار سندس درخواست وٺڻ لاءِ ڏانهس وڌيا، ليڪن هن اهو ڪاغذ ڏيڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ چوڻ لڳو ته "هيءُ ڪاغذ آءٌ پاڻ مرزا صالح جي خدمت ۾ پيش ڪندس ۽ ڪجھ ڳالهيون روبرو سمجهائيندس." نيٺ مرزا صالح چوبدارن کي حُڪم ڪيو ته اُنهيءَ فريادي کي اڳڻ ڏنو وڃي، جيئن هُو پنهنجو درد پاڻ بيان ڪري سگهي. انهيءَ بهاني سان جڏهن هي غيرتمند سنڌي مرزا صالح جي ويجهو پهتو، تڏهن ڪاغذ ۾ ويڙهيل ڇُري ڪڍي، ڏند ڪرٽي، پنهنجيءَ پوريءَ قوت، طاقت ۽ غيرت سان مرزا صالح جي پيٽ ۾ هڻي ڪڍيائين، جنهن سان مرزا صالح جا آندا ٻاهر نڪري آيا. اِهو لقاءُ ڏسندي، مرزا جي چوبدارن، مريد کي به شهيد ڪري ڇڏيو. مرزا صالح ٿڏي تي مري ويو. مريد جي جسم تي بيشمار گهاءَ هئا ۽ سندس جسم ٽُڪرا ٽُڪرا ڪيو ويو هو. سندس غيرتمند رت مادر وطن جي سيني کي رنگين بڻائي ويو. سندس هيءُ شعر، لاڙ ۾ مشهور آهي:

گهگهيليءَ جي گارِ تان، ڪريان محشاري گهاءُ،
مرزا صالح ماريان، ٻي نه ڪريان ڪاءِ.

سندس شهادت، چنچر جي ڏينهن، **23** شعبان، **970**هه ۾ ٿي.

***

# ڄام ڪنگهار

سنڌ مان سنڌين جي آزاديءَ جو پوريءَ ريت خاتمو ڪرڻ ڪان پوءِ مرزا شاهه حسن ارغون، مڪر ۽ فريب جي ذريعي باغي سنڌين کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي هئي. هن سوچيو ته ساموئي شهر جا اُهي ماڻهو، جي ساموئيءَ تي ارغون قبضي ڪان پوءِ ڪڇ ڏانهن لڏي ويا آهن ۽ اُتي رهيا آهن، تن کي پنهنجو ڪرڻ گهرجي، نه ته اُهي سدائين ارغون حڪومت لاءِ خطري جو سبب بڻيا رهندا.

اُنهن سمن ۾ چام ڪنگهار نالي سمن جو چڱو مڙس هو، جنهن جو ڌهڪاءُ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ مشهور هو. هُو وڏو دلير باهمت ۽ وطن دوست انسان هو. هن ڪڇ ۾ رهي، جاڙيجن ۽ سوڍن سان ملي، دشمنن سان مقابلي جون تياريون پئي ڪيون. اِهي حالتون جاچي، مرزا شاهه حسن، چام ڪنگهار کي هيٺيون خط لکيو:

”توکي خبر آهي ته ڪافي وقت ڪان اسان توهان جي پائرن جي مُلڪ تي قبضو ڪري چُڪا آهيون. اسان هيءُ مُلڪ فتح ڪيو آهي ۽ اُن کي گند ڪچري ڪان صاف پاڪ ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي تنهنجي لاءِ مناسب آهي ته ڪڇ جا بهترين گهوڙا، جن جي مشهوري پڌي وجي ٿي، اسان لاءِ وٺي اچ ۽ اسان ڪان نوڪريون ۽ عهدا حاصل ڪري، هِن توهان جي پنهنجي مُلڪ ۾ آرام سان اچي رهه. اسان جي پاڙي ۾ رهي، تون پنهنجي ناداني ۽ غفلت جي ڪري، اسان جي برابريءَ ۽ هڪجهڙائيءَ جا جيڪي خيال رکين ٿو، تن کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏ. جيڪڏهن توکي اسان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري منظور هجي ته تنهنجي لاءِ مناسب آهي ته قيمتي تحفن سان گڏ پنهنجي گذريل ڪوتاهين ۽ ڏوهن تي لڪت ۾ معافي وٺي، اسان جي قدم بوسيءَ جي سعادت حاصل ڪر. اهڙي صورت ۾ هن مُلڪ کي پنهنجو اباڻو مُلڪ سمجهي، امن جي جڳهه تصور ڪر. جيڪڏهن نه، ته پوءِ خوب ياد رک ته اسان جو ارادو احمد آباد ۽ گجرات ڏانهن آهي. اسان جڏهن ايڏانهن ويندا سين، تڏهن تنهنجي واٽ وٺي ويندا سين ۽ غرور جي اُها هوا جيڪا تنهنجي دماغ ۾ ويٺل آهي، سا ڪڍي ڇڏينداسون.“

جڏهن هيءُ خط، جنهن ۾ ڌمڪي ۽ نرمي ٻئي موجود هيون، چام ڪنگهار کي پهتو، تڏهن هن ارغون فاتح کي جيڪو جواب ڏنو، سو آزاديءَ جي تاريخ ۾ قومي غيرت ۽ آزادي پسنديءَ جو بي مثال پروانو آهي. چام ڪنگهار لکيو:

”اسان جابلو ماڻهو پٿر وانگر آهيون. اسان پنهنجي عزت ۽ ناموس جي حفاظت چڱيءَ طرح ڪري ڄاڻون ٿا. اسان پنهنجي معمولي روزيءَ تي قناعت ڪريو ويٺا آهيون. اسان وٽ ايتري دولت ناهي جو گهوڙا ۽ قيمتي جنسون پنهنجي مُلڪ مان حاصل ڪري، تنهنجي لاءِ موڪليون. اسان جي گذارن جي صورت هيءَ آهي، جو اسان ڪن

بکين اُگهاڙن راجپوتن کي لُٽ مار لاءِ سنڌ ۽ گجرات موڪليندا آهيون. اهي تلوار جي زور سان جيڪي ڪجهه ڦري آڻين ٿا، ان تي اسان جو گذارو آهي. اُن حالت کان پوءِ به جيڪو شخص پنهنجي ننگ ۽ ناموس جي شيشي کي هن پٿر سان چڪناچور ڪرڻ چاهي: پنهنجي شيشي کي هن سنگِ خارا تي اڇلائڻ گهري ۽ پنهنجو مال دولت هنن بکين اُگهاڙن جي حوالي ڪرڻ جي خواهش ڪري، ته پوءِ سندس مرضي. ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوشيءَ جي ڳالهه ٿيندي، جو خدا تعاليٰ ڪنهن جي روزي ان جي گهر موڪلي ڏئي. اسان اچڻ جا منتظر آهيون.“

انهيءَ خط جي لهجي (جنهن ۾ پوري ادبي طنز موجود آهي) مرزا شاهه حَسن کي مچرائي وڌو ۽ هو هڪدم لشڪر وٺي ڄام ڪنگهار تي ڪاهي ويو. ڄام جي سپاهين ۽ ساٿين ٻي پناهه ارغون فوج سان کليل جنگ وڙهڻ نا مناسب سمجهي، مڪمل ڇاپا مار جنگ شروع ڪئي. سنڌي سپاهي رات جو لِڪي، شاهه حسن جي لشڪر تي راتاها هڻندا هئا ۽ جيڪي ڳوهه ۽ تلاءَ مرزا شاهه حسن جي رستي ۾ ايندا هئا، تن ۾ مُئل جانور ۽ ٿوهر وجهي، پاڻيءَ کي زهريلو ۽ ناقابل استعمال بڻائي وري جبلن ۾ لِڪي ويندا هئا. مرزا شاهه حسن انهن مصيبتن کان بيزار ٿي، گجرات ۽ احمد آباد جي فتح جو ارادو بدلائي، ڄام ڪنگهار جي سپاهه سان نالي ماتر صلح ڪري موٽي آيو. ڄام ڪنگهار ان کان پوءِ به خاموش ٿي نه ويٺو ۽ ارغونن سان وڙهيو، جنهن جو تفصيل ڇوٿين ويڙهه واري عنوان ۾ ڏنو ويو آهي.

* * *

# ڄامي جوکيو

ٺٽي واري حصي ۾ ارغونن جي اچڻ کان وٺي انگريزن جي قبضي تائين سنڌ جا ٻه قبيلا، جوکيا ۽ ڪرمتي، آزادي ۽ خود مختياريءَ لاءِ پنهنجي پوري حب الوطنيءَ سان

وڙهندا رهيا. هنن جي جنگ جو طريقو به سنڌ جي بين حصن جي سنڌين وانگر ڇڙوڇڙ جنگ وارو هو. هُو وقت جي نزاڪت ڏسي، صلح ڪري پُر امن ٿي ويهي رهندا هئا ۽ جڏهن حالتون پنهنجي فائدي ۾ حق ۾ ڏسندا هئا ته هڪدم هٿيار سنڀالي، ميدان ۾ لهي ويندا هئا. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي وقت ۾ هنن جو اهو طريقو جاري رهيو. هنن وٽ ٿي هزار ويڙهاڪ جوان هميشه موجود رهندا هئا، جيڪي بهترين شهسوار، شمشيرزن ۽ تِير انداز هوندا هئا. خاص ڪري مغلن جي تلوار بازيءَ ۽ بندوق جي مقابلي ۾ هو تِير اندازيءَ کان ڪم وٺندا هئا ۽ اُنهيءَ فن ۾ هُو پنهنجو مَٽ پاڻ هئا.

هي اُن دور جو ذڪر آهي، جڏهن سيد بايزيد بخاري ٺٽي جو حاڪم ٿي آيو. اُن وقت جوکيا ۽ ڪرمتي، ساڪري واري حصي ۾ ڏاڍي آرام ۽ اطمينان سان پنهنجو ماگ وسايو ويٺا هوندا هئا. ڪڏهن مغلن سان وڙهندا هئا ته ڪڏهن صلح ڪري ڇڏيندا هئا. جنوٽيڪ اُن دور ۾ ڪنهن به سنڌيءَ جي دل ۾ مغل بادشاهت لاءِ احترام جو ته سوال ئي نه ٿي پيدا ٿيو. پر وقت وقت جي ڳالهه آهي. ان هوندي هڪ ڳالهه طئي هوندي هئي ته اُن تَر جا جوکيا پهرين بجار جوکئي ۽ پوءِ سندس پُٽ حاجي جوکئي جي اڳواڻيءَ ۾ مغلن جي ڪاڻ ڪڍڻ لاءِ قطعي تيار نه هوندا هئا ۽ پنهنجي ٿوري به بيعزتيءَ جي بدلي ۾ مغل سپاهيءَ جي سِسي لاهي وٺندا هئا.

سيد بايزيد پنهنجي هڪ پُٽيلي شاهه محمد کي پنجاهه سوارن سان ناريلي قلعي جو ٺاڻيدار ڪري موڪليو. اُهو شاهه محمد شاهه عام مغل ڪارندن وانگر ترڙو ۽ قوشر باز هو، سو هڪ دفعي ويٺل ڪچهريءَ ۾ حاجي جوکئي کي پادر اچلائي هنيائين. شاهه محمد جي انهيءَ حرڪت سان غيرتمند ۽ آبرو دار جوکين کي باهه وٺي ويئي، ان ڪري هو محفل مان اُٿي، جبل ڏانهن روانا ٿيا. شاهه محمد جوکين جي پٺيان وڃي گهٽيئي صلح جون ڳالهيون ڪيون، پر وريو ڪي به ڪين. جوکين ڪيس جواب ڏنو ته هاڻي فيصلو تلوار ڪندي. نيٺ معاملو وڃي جنگ تائين پهتو. مغلن وٽ تلوارون ۽ نيزا هئا ۽ حاجي جوکئي جي همراهن تِيرن سان ويڙهه شروع ڪري ڏني. نتيجي ۾ ترڙو شاهه محمد شاهه پنهنجي سپني ساٿين سميت ختم ٿي ويو ۽ جوکين وڃي جبل وسايو. وڃڻ وقت جوکيا مغلن جا هٿيار ۽ گهوڙا به وٺي ويا. اهو حال ٻڌي، با يزيد بخاريءَ جوکين جي ناڪي بنديءَ جو حُڪم ڏنو ۽ پڙهو گهمائي ڇڏيائين ته جوکين ڏانهن اناج جو هڪ داڻو به وڃڻ نه ڏنو وڃي. انهيءَ ناڪي بنديءَ کان تنگ ٿي، جوکين وقتي طرح مغلن سان ٺاهه ڪيو، پر بقول تاريخ مظهر شاهجهاني: ”هو آخر تائين سرڪشيءَ کان باز ڪين آيا.“

***

# مناهين دَل

چاڪر هالا پرڳڻي ۾ مغلن خلاف وڙهندڙ سنڌين جي عوامي لشڪر جو تعداد ڏهه هزارڪن هو. اهو لشڪر سنڌ جي ٽن قبيلن، ٻيرن، شورَن ۽ دَلن تي مشتمل هو. انهيءَ عوامي سپاهِ آزاديءَ جي اڳواٽي اسماعيل شورو، مناهين دل ۽ دائود شورو ڪندا هئا.

اِنهن ٽنهي قبيلن جو پاڻ ۾ ناقابل شڪست اتحاد ۽ اتفاق هو. جڏهن بابو پليجي، پنهنجي وطني ڀائرن ۽ عزيزن سان غداري ڪري، مغلن جو لشڪر چاڙهائي، رات وچ ۾ ٻيرن کي ختم ڪرايو، تڏهن شورن ۽ دَلن گڏجي، بابو پليجي کي انهيءَ غداريءَ جو پورو سبق سيکاريو هو. اِنهيءَ عوامي سپاهِ آزاديءَ پنهنجي جانباز اڳواڻن جي رهنمائيءَ ۾ مغل فوج جي پگهاردار ۽ باقاعدي تربيت يافته فوج سان ڪيتريون چڪريون ۽ چوٽون کاڌيون؛ ڪيترا معرڪا ۽ ميدان سَر ڪيا؛ ڪيترا حملا ۽ جولان ڪيا، جن ۾ هنن مُغلن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا.

هتي آءُ دَل قبيلي جي ناماري اڳواڻ ۽ سورهيه سرواڻ، مناهين دلَ جي هڪ معرڪي جو ذڪر ڏيئي رهيو آهيان. مناهين دل ڪٿي ڄائو، ڪيئن نپنو، هن جي پڇاڙيءَ واري زندگي ڪٿي ۽ ڪيئن گذري؟ اُن جي باري ۾ مون کي ڪابه معلومات ملي نه سگهي آهي. مظهر شاهجهاني، ابتدا ۾ ايترو لکي ٿي ته: هن خطي جي سرڪش ماڻهن جو هڪ سرواڻ مناهين دل به آهي- ۽ ان کان پوءِ ليکڪ هن جي هڪ لڙائيءَ جو هڪ واقعو پنهنجي مخصوص مغل نوازيءَ واري انداز ۾ لکيو آهي، جيڪو هن ريت آهي:

***1025*** ھ ۾ مير عبدالرزاق مظفر خان معموري، ٺٽي جو حاڪم ٿي آيو. هن کي اهو منصب عطا ٿيڻ شرط محب وطن سنڌين جي آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ جي تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ خاص هدايتون پهتيون. مير عبدالرزاق جڏهن ٺٽي پهتو ته اُتي ٺٽي ۾ رهندڙ مغل ڪارندن کيس اهو ٻڌايو ته **شال پرڳڻو** هن وقت مغل جي خلاف سنڌين جي سرگرمين جو مرڪز بڻيل آهي، جتي مناهين دل مغل فوجن لاءِ **"موت جو فرشتو"** بڻيو وينو آهي. اِهي ڳالهيون ٻڌي، مظفر خان معموري، ٺٽي ۾ رهندڙ پنهنجي منصبدارن سان گڏ گهوڙا سنجي، ٺٽي مان روانو ٿيو. جڏهن سندس فوج **شال** جي پسگردائيءَ ۾ پهتي ته دل قبيلي جو ناميارو سردار "مناهين" پنهنجو ڪٽڪ وٺي، مغل فوج جو اڳ جهلي، جنگ ۾ جُنبي ويو. هن پنهنجي ساٿين سان گڏجي اهڙو ته زورائتو حملو ڪيو، جو پهرين وارَ ۾ ئي ڪافي مغل فوج کي ختم ڪري ڇڏيائين، مظفر خان اڪين سان سڀ ڪجهه ڏسي به ماٺ ڪري ويهي رهيو ۽ اڳتي نه وڌيو، (شايد اڳتي وڌڻ جي همت ڪانه اٿس) سندس فوج گاهه پٺي ۽ ڪاٺَ ڪِلي لاءِ پريشانيءَ ۾ پئجي ويئي. مناهين، مغل سپاهه کي سيڪت ڏيئي، وري پنهنجي نڪاڻن ڏانهن موٽي ويو. ايتري ۾ مغل فوج کي مغلن جي مشهور سفاڪ ڪارندي، مير ابوالبقا جي مدد پهچي ويئي. اُنهيءَ گڏيل لشڪر جبل جي پرسان رهندڙ سنڌي عوام تي اوچتو حملو ڪري، هزارين ماڻهو قتل ڪري ڇڏيا. انهيءَ لڙائيءَ ۾ ڪافي مغل فوج به ناس ٿي. گُمان غالب آهي ته انهيءَ ويڙهه ۾ مير ابوالبقا جا ٻه پُٽ، داڙو بند جبل وٽ شورن هٿان قتل ٿيا. ٻنهي طرفن جي انهيءَ ڳري جاني نقصان کان پوءِ مُغلن ۽ سنڌي سپاهه جي وچ ۾ ٺاهه ٿيو. جنهن مطابق

مناهين دل پنهنجي ساٿيءَ حميد شوري سان گڏ، صلح جي شرطن مطابق وقتي طرح پنهنجون سرگرميون ختم ڪري، پنهنجي علائقي ۾ ويهي رهيو.

***

# موندر خان چانڊيو

سنڌ تي مغل تسلط جي پُوري دور ۾ جيڪي قبيلا مغلن سان مُهاڏو اٽڪائيندا رهيا، تن ۾ چانڊين جو قبيلو سر فهرست آهي. مغل مؤرخن گهٽي ۾ گهٽيون گاريون به چانڊين کي ئي ڏنيون آهن. چانڊين جي قبيلي جو هڪ سردار، جنهن مغل شاهيءَ سان جبريون چوٽون کاڌيون ۽ نيٺ بکر جي قلعي ۾ قيدي حالت ۾ گزاري ويو، سو آهي

مُوندر خان چاندبيو. جيتوڻيڪ چاندين ۽ مغلن جي جنگين ۾ موندر خان جو ذڪر نہ آيو آهي، پر انهيءَ پوري دور ۾ مظهر شاهجهانيءَ صرف هڪ نامور چانڊئي **”مُوندر“** جو ئي ذڪر ڪيو آهي. اُن ڪري، اِهو وسهڻ لاءِ ڪافي سبب آهن تہ چاندين ۽ مغلن جي گهڻين جهڙپن ۾ چاندين جي لشڪر جي قيادت موندر خان ئي ڪندو رهيو.

***1004*** ھ ۾ مرزا ڪوڪہ ڪي بکر جو پرڳڻو جاگير طور مليو. هن پنهنجي پُٽ مرزا انور کي بکر موڪليو. مرزا انور کي بکر پهچڻ شرط خبر ملي تہ چاندبيا ٻروچ بکر پرڳڻي جون ديهون ويران ڪرڻ لڳا آهن. مرزا انور پنهنجي ملازم حيدر بيگ کي چاندين تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليو. چاندين موندر خان چاندئي جي اڳواڻيءَ ۾ پنهنجو لشڪر گڏ ڪري، مرزا حيدر بيگ تي جوابي حملو ڪيو. اهو حملو ايترو تہ زبردست ۽ سخت هو، جو مرزا حيدر بيگ شڪست کائي وٺي ڀڳو. سندس مال اسباب، گهوڙن ۽ نغارن تي چاندين قبضو ڪيو. بکر جي مغل فوج کي اِها ڀيرين زبردست شڪست هئي، جيڪا چاندين موندر خان جي اڳواڻيءَ ۾ ڏني. انهيءَ شڪست سڄيءَ سنڌ ۾ مغل فوج کي ٿرٿلي ۾ وجهي ڇڏيو. مغلن نہ صرف نٿي، بکر ۽ سيوهڻ جي جاگيردارن جي فوجن کي گڏي، چاندين تي حملي ڪرڻ جي رٿا تيار ڪئي، پر اُن سان گڏوگڏ هنن سنڌين جي قبائلي اختلافن مان ڀرپور فائدو وٺڻ جي سازش تيار ڪئي. اِنهيءَ سلسلي ۾ مظهر شاهجهانيءَ جي مصنف، يوسف ميرڪ، تفصيل ڇاڻائيندي لکيو آهي تہ: ”سيوهڻ جي حاڪم بختيار بيگ، مرزا انور کي چتاءُ ڏنو تہ آءٌ تيار آهيان. جيئن توهان بکر مان سوار ٿي نڪرو تہ ٻڪ ڇاڇجو تہ آءٌ اڳواٽ اتي هوندس. ان کان پوءِ چاندين جي چوڪسيءَ لاءِ پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيائين، جن جي ڏَس پٽي تي شام جو شڪار جي بهاني سيوهڻ ڇڏي، منڇر ڏانهن راهي ٿيو. هڪ ٻہ آڙيون ڦاسائي، چڱو سوڙ وٺي، اُتان سيوهڻ هليو. شهر کان اورتي هڪڙي مزار وٽ ترسي گهوڙن تان لٿو. ڀر وارن ڳوٺن ۾ پنهورن، ڪوريجن ۽ سميجن ڏانهن خط لکي، تيز رفتار گهوڙي سوار هٿان ڏياري موڪليائين تہ اُنهن ڳوٺن جا چڱا مُڙس صبح جو سوير اچي ڪنور ڪوٽ (ڳاهن جي پرڳڻي ۾) وٽ حاضر ٿين. اُهي انتظام ڪري، پاڻ اُتان سانجهيءَ مهل سوار ٿي، سڄي رات پنڌ ڪري، سج اڀرڻ ڪنور ڪوٽ پهتو. منجهد تائين سمورو لشڪر ۽ سپڻي راڄ اچي ڪَٺا ٿيا. پوءِ بختيار بيگ پنهورن جي سردارن عيسيٰ، موسيٰ ۽ جلال کي گهرائي چيو تہ چاندين کي هن مهل تائين منهنجي ڪابہ خبر نہ پيئي آهي تہ ڪو مان مٿن چڙهائي ڪرڻ وارو آهيان. سپاٽي انهن کي جيڪڏهن منهنجي سُڌِ پيئي تہ چاندين بدران اوهان جون سِريون سلامت نہ هونديون. پوءِ چئني سردارن کي ساڻ ڪري، سج لٿي جو اُتان اُسهيو ۽ رات ڏينهن ڏوڙيو لائي، صبح تي چاندين مٿان وڃي ڪڙڪيو. چاندبيا بہ سِر تان آهو پلي، ميدان ۾ لهي آيا ۽ وڏي دليريءَ سان جنگ ڪرڻ لڳا. هنن سمجهيو تہ هيءُ لشڪر بہ حيدر بيگ جي لشڪر وانگر بکر کان چڙهي آيو آهي، سو ڏاڍي همت ۽ حوصلي سان ويڙهہ ۾ جنبي ويا. ايتري ۾ خبر پين تہ هي بختيار بيگ ترڪمان، سيوهڻ جو حاڪم آهي. مظهر

شاهجهانيءَ جو مصنف لکي ٿو ته، ”اها خبر پورڻ شرط هنن جا ڍڪر لڳي ويا، پوءِ به شاهي لشڪر سان چڱيون چوٽون کاڌائون.“ انت چاندين هارايو ۽ سندن ڪيترا ڪونڌر ڪُسجي ويا ۽ ڪافي قيدي ٻڌيا. بختيار بيگ اڌ کان وڌيڪ قيدين جون مُنڍيون لاهي، ڪجهه ٿورن بچيل قيدين سان گڏ پنهنجي ماڻهن هٿان مرزا انور ڏانهن ڏياري موڪليون.

اُن کان پوءِ به موندر خان جي جدوجهد ختم ڪانه ٿي. هو ***1038***ھ تائين مختلف معرڪن ۽ جنگين ۾ مغلن سان مقابلو ڪندو رهيو. جڏهن ***1038***ھ ۾ محمد علي بندري بکر جو حاڪم ٿي آيو، تڏهن هڪ خونريز ويڙهه کان پوءِ هن موندر خان جي زال ۽ ٻارن کي گرفتار ڪري، بکر جي قلعي ۾ آندو. زال جي گرفتاريءَ جو ٻڌي، موندر خان هلي اچي مغلن وٽ پيش پيو. جتي مغلن کيس بکر جي قلعي ۾ قيد ڪري رکيو. پانئجي ٿو ته هو اُتي ئي مري ويو.

***

# ٽوٽان نوحاڻي

***1001***ھ ۾ مغلن طرفان بختيار بيگ سيوهڻ جو صوبيدار ٿي آيو. هن ايندي شرط سنڌي ماڻهن جي مغلن خلاف آزاديءَ جي تحريڪ ۽ چرپر کي طاقت ۽ تشدد ذريعي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ هن اُنڙن، نومڙين ۽ نوحاڻين تي حملا ڪيا. جواب ۾ سنڌي ماڻهن پنهنجي وَس ۽ وِت آهر هُن جي لشڪر ڪشين سان واهه جون چڪريون ۽ چوٽون کاڌيون، مات ٿيا ته به مُنهن نه موڙيائون.

صدين کان بلوچن جو نوحاڻي قبيلو، هاڻوڪي دادو ضلعي جي نئينگ ڳوٺ ۾ رهندو پئي آيو ۽ اجا تائين اُتي موجود آهي. اُهي سرڪش ۽ اڙدا ڀروچ، پنهنجي جسم وانگر دل جا به پهاڙ هئا. هنن مغل شاهيءَ جي ڪٽڪن تي اک ئي نه ٽي چنڊي ۽ پوريءَ ريت مغلن سان عدم تعاون ڪندا ٿي رهيا. جهڙوڪر هنن مغلن سان سول نافرمانيءَ جي هڪ محدود شڪل وارو رويو ۽ رستو اختيار ڪري ڇڏيو هو. نوحاڻين جي اها روش، مغلن کي ڪين آئڙي، تن نوحاڻين کي سيکت ڏيڻ لاءِ مٿن حملو ڪري ڏنو. انهيءَ ويڙهه ۾ نوحاڻين جا سترهن جنگي سردار شهيد ٿي ويا. اُنهن ۾ **توتان نوحاڻي**، قومي آزاديءَ جي حاصلات لاءِ ڏاڍيءَ همت ۽ بي خوفيءَ سان وڙهيو ۽ مغل فوج جا ڪيترائي سپاهي قتل ڪري ڇڏيائين.

مظهر شاهجهانيءَ وارو لکي ٿو ته: ”نيٺ رحمان قلي وجي توتان سان اٽڪيو. توتان هڪل ڪري، رحمان قليءَ جي پٺيان پيو. رحمان قلي وجي پَٽ تي ڪريو ۽ ٻئي ڇٽا پاڻ ۾ ڳنڍجي پيا. رحمان قلي مغل سپاهي زرهه بند هو، تنهن ڪري توتان جو وار مٿس ڪارگر نه پئي ٿي سگهيو. هوڏانهن رحمان قليءَ جا ڏک ڀروچ کي ڇچريندا ٿي ويا. آخر ڀروچ جا پساهه پورا ٿي ويا.“

اها روايت مظهر شاهجهانيءَ جي آهي. اُنهيءَ تاريخ جي سنڌيڪار محترم نياز همايونيءَ، سنڌي ترجمي جي حاشيي ۾ مولوي خان محمد نوحاڻيءَ نئينگ واري (*) جي روايت نقل ڪندي لکيو آهي ته: ”توتان هڪ بهادر ڀروچ هو، جنهن پنهنجي مائٽ موندر ۽ چڪي خاصخيليءَ سان ڳڏجي مقابلو ڪيو. اُنهيءَ جنگ جي باري ۾ سگهڙن جا ڪيئي بيت مشهور آهن، جهڙوڪ:

ڏڙ ڏُٻيو، سر لٿيو، پوءِ چڪي هنيون چار،
توتان جي ترار، موندر مست ملهائيو!

نئينگ کان ڏيڍ ميل ڏکڻ طرف هڪ تاريخي قبرستان اجا تائين موجود آهي، جنهن ۾ انهن جهونجهارن جون قبرون نشانبر آهن.“

---

(*) مولوي حاجي خان محمد رڳو نالي جو مولوي آهي. هي صاحب، راقم جو به انتهائي پيارو ۽ قربائتو دوست آهي. انهن تاريخي جاين ڏسڻ ۽ سندس ناياب ڪتب خاني

جي ديدار لاءِ ڪيترا دفعا دعوت ڏني اٿس. پر واندڪائي نه ملڻ سبب وڃي نه سگهيو آهيان.

# ناتالو نوحاڻي

توتان نوحاڻي واريءَ مشهور جنگ ڪان پوءِ، نئينگ وارا نوحاڻي پنهنجي گهٽ تعداد ۽ دشمن جي بي پناهه طاقت ڏسي، مغلن جي آڏو مجي ويهي رهيا هئا. ڀل ڏيڍ سال گڏ ڪڏهن ڪڏهن جنگين ۾ مغلن جي مدد پڻ ڪندا هئا. پر نوحاڻي ٻروچن جي انهيءَ روش کي ڪن مغلن، سميجن واري وقتي ماٺ سمجهيو. ان ڪري هنن سيوهڻ جي مغل جاگيردارڪي نوحاڻين تي حملي لاءِ تيار ڪيو. مغل جاگيردار، سنئون

سڏو ٻروچن تي حملي ڪرڻ بجاءِ پنھنجي روايتي ميڪر ۽ فريب کان ڪم وٺندي، ظاھر اھو ڪيو تہ ھُو سميجن تي حملي لاءِ تياري ڪري رھيو آھي. اُن بھاني سان ھو منديجيءَ واري گھيڙ وٽ اچي ويٺو. اتان اُگھينءَ نماز جو نوحاڻين تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪري نڪتو. ھوڏانھن ويچارن نوحاڻين کي نڪا جن نہ ڪن تہ ڪو مغل حملو ڪرڻ وارا آھ، سو بيپرواھ ٿيو سُتا پيا ھئا. اوچتو اسر مھل سُتل نوحاڻين تي مغل لشڪر اچي ڪڙڪو ڪيو. تڙ تڪڙ ۾ نوحاڻين جو چڱو مڙس ناتالو نوحاڻي ماڻھو گڏ ڪري ميدان ۾ لھي آيو ۽ جنگ ۾ جُنبي ويو. پر ڪٿي نند مان اُٿيل ٻي ھٿيار ماڻھو ۽ ڪٿي باقاعدي ھڪ خونخوار تيار فوج. ان جي باوجود نوحاڻين واھ جو مُڙسي ڏيکاري. ناتالو پاڻ، پيائرن، پُٽن ۽ پنجاھ سائين سميت ڪيترن مغلن کي قتل ڪرڻ کان پوءِ وڃي مالڪ کي مڙيو. باقي مَردن، عورتن، ٻارن ٻچن، پوڙھن ۽ ڦٽيلن جنگ جي باھ مان ڀڄي وڃي جبل ۾ جان بچائي. اُن ڏينھن کان وٺي نوحاڻين کي پَڪ ٿي ويئي تہ غير ملڪي آقائن تي ڪڏھن بہ ڀروسو ڪري نہ ٿو سگھجي. ان ڪري وطن لاءِ وڙھندڙ طاقتن کان الڳ ٿي ويھي رھڻ نہ رڳو پنھنجو پاڻ کي تباھيءَ جي منھن ۾ وجھڻو آھي، پر دشمن کي بہ مضبوط ڪرڻو آھي. تنھنڪري، اُھي پنھنجا ماڳ ڇڏي، وڃي جبل ۾ نومڙين سان مِليا ۽ مغلن لاءِ تباھيءَ ۽ موت جا فرشتا بڻجي ويا. بقول يوسف ميرڪ تہ: ’ انھن سَن ۽ حويلي پرڳڻي کي تباھ ڪري ڇڏيو.‘

”دين ڌرم جي دوکي لُتجي، نيت اسان اک کولي اچي،

سنڌ سوا ٻي ڳالھ نہ ٿيندي، پلي تہ سامھون گولي اچي.“

***

# قاسم باريجو

سنڌي عوام جي قتلام ۾ غير ملڪي حملي آورن جتي وسان ڪين گھٽايو، اُتي ھتي جي مقامي عالم ۽ دانشور بہ غير مُلڪي آقائن کي راضي رکڻ ۽ خوش ڪرڻ لاءِ سنڌي عوام جي ٻي دردانہ قتل ۽ غارتگيريءَ لاءِ پنھنجا قيمتي مشورا ۽ سياسي بصيرت مفت ۾ مغل سردارن جي حضور ۾ پيئي نڇاور ڪئي آھي.

سنڌ جي تاريخ تي بھترين ڪتاب ”مظھر شاھجھاني“ لکندڙ يوسف ميرڪ، جتي احمد بيگ جھڙي شيطان صفت کي ڳاريون ڏنيون آھن. اُتي تسبيح پڙھيان ترار لڪائيندڙ

شمشير بيگ کي سنڌين جي قتل ۽ غارتگيريءَ جا قيمتي مشورا ڏيندو رهيو آهي. سندس مشورن تي قتل ٿيل سنڌين جو تعداد ڪتاب جي مُنڍ ۾ لکيو ويو آهي. هتي جنهن سنڌي سرويچ **قاسم باريجي** جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، اُن کي به يوسف ميرڪ جي مشوري تي سندس قبيلي ۽ ڪٽنب سميت قتل ڪيو ويو هو. قاسم باريجي جو ڏوهه صرف ايترو هو ته هن پنهجي قبيلي جي ماڻهن سان گڏجي، اُن ظالمانه ۽ غاصبانه نظام کي مڃڻ کان انڪار ڪيو هو، جيڪو اُگري مان سنڌ تي مسلط ڪيو ويو هو.

قاسم باريجو، ان وقت جي بوبڪ پرڳڻي جي جبل واري حصي جي پرسان رهندڙ هو. هن شمشير بيگ طرفان مڙهيل اجائي ۽ ناجائز ڍل ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن تي شمشير بيگ، يوسف ميرڪ کان پڇيو ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي. اُن صلاح جو جيڪو جواب يوسف ميرڪ ڏنو. اُن متعلق هو پاڻ لکي ٿو:

”مون ورندي ڏني ته جيڪڏهن چاندين وانگر هنن تي به منزلون ڪري چڙهائي ڪندين ته ڪجهه ڪين ورندو. هنن جا گهَٽ ڏکيا آهن. سندن ڳوٺ هتان پنجن پهرن جي پنڌ تي آهي، جي اُتي يڪو چڙهي هلين ته ڪجهه نه ڪجهه ٿي سگهي ٿو.“

شمشير خان، يوسف ميرڪ جي اِها صلاح قبول ڪري، سڄي رات پنڌ ڪري، اَسر ويلي وڃي باريجن تي ڪڙڪيو. ٻنهي ڌُرين ۾ سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ باريجن جو سردار قاسم باريجو پنهنجن پُٽن ۽ ساٿين سميت انتهائي سورهيائيءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويو.

***

# مير پنهور

تاريخ مظهر شاهجهاني پڙهندي، اسان کي اها خبر پوي ٿي ته سنڌ جو پنهور قبيلو گهڻو ڪري مغلن سان ويڙهه کان پري هو. الٽو ڪڏهن ڪڏهن اهو قبيلو سنڌين ۽ مغلن جو پانهن ٻيلي به ٿيندو هو. ان جي باوجود، انهيءَ قبيلي ۾ ڪجهه اهڙا به ماڻهو هئا، جن مغلن ۽ سندن ڪارندن کي نفرت ۽ حقارت سان ڏٺو ٿي. جڏهن مغل ڪارندن جون ارڏايون ۽ اُرهه زورايون وڌي ٿي ويئون ته پنهورن به سِر تريءَ تي رکي، سندن اُرهه زوراين جو مُنهن ٽوڙ جواب ٿي ڏنو. انهيءَ سلسلي ۾ پنهورن جي هڪ سردار، عيسيٰ پنهور جي پُٽ مير پنهور جي بهادرانه شهادت ۽ مغلن سان دليرانه جنگ جو واقعو، خاصي

اهميت رکي ٿو. جيتوڻيڪ اُن واقعي جو پس منظر هڪ معمولي ڳالهه تي بنياد رکي ٿو. تاهم نفرت جو اظهار معمولي ڳالهين ۽ شين جي بهاني بازيءَ جو ڳولائو رهندو آهي.

ٿيو هيئن جو، جڏهن سيوهڻ پرڳڻي جو ڪجهه حصو گهورئي هندوءَ کي مليو، تڏهن هن پنهنجي پُٽ ماڻڪ کي اهو حصو سنڀال لاءِ ڏنو، ماڻڪ انتهائي سرڪش، مغرور ۽ عام مغل ڪارندن وانگر ترڙو هو. هن ڪان هڪ پيري سواريءَ دوران سندس چهبڪ هٿ مان ڪري پيو. ان تي هن پنهورن جي سردار عيسيٰ کي چيو ته ”منهنجو چهبڪ کڻي ڏي.“ تنهن تي عيسيٰ پنهنجي ماڻهوءَ کي چيو ته ’واڻئي جي تارازيءَ جي ڳني ڪري پيئي آهي، سا کڻي ڏينس.‘ ماڻڪ، اهي اکر دل ۾ رکيا. هڪ ڏينهن هن پنهورن کي مهمانيءَ جو فريب ڏيئي پاڻ وٽ گهرايو. پنهور جيئن وٽس پهتا ته هن سڀني کي قيد ڪري، ڳاهن واري قلعي ۾ رکيو. سڀني سردارن کي هٿيڪو ڪري، پنهنجو لشڪر وٺي وڃي عيسيٰ پنهور جي ماڳ تي ڪڙڪيو. اهو حال ڏسي، عيسيٰ پنهور جي پُٽ مير پنهور، تڙ تڪڙ ۾ ماڻهو گڏ ڪري مغلن سان ويڙهه جو اعلان ڪيو. ٻنهي ڌرين ۾ زبردست جنگ لڳي. پنهورن سِر تريءَ تي رکي، پاڻ ملهائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. هنن آخري ماڻهوءَ ۽ آخري پساهه تائين وڙهڻ جو پختو ارادو ڪيو. وڙهندي وڙهندي نوجوان مير پنهور پنهنجي ننگ ۽ ناموس تان قربان ٿي ويو. ماڻڪ، مير پنهور جي سِسي وٺي سندس پوڙهي پيءُ سردار عيسيٰ وٽ ڳاهن واري قلعي ۾ کڻي ويو. قيدي پيءُ جي جهونجهار پُٽ جي چهري تي نظر پئي، ته ڇڙڪ سورهيه پُٽ جي سِسي کيس چئي رهي هجي:

”بابا! غيرتمند ۽ بهادر پُٽ، قيدي پيئرن وٽ هن ريت ايندا آهن.“

***

# دائود شورو

حيدرآباد کان دادوءَ ويندي، اندس هاءِ وي تي هڪڙو ننڍڙو ڳوٺڙو، خاڻوٽ، ۽ مانجهند جي وچ تي موجود آهي. روڊ جي کابي پاسي هڪ ننڍي هوٽل ۽ ساڄي طرف هڪ بورڊ لڳل آهي، جنهن تي لکيل آهي: ”ڳوٺ چام خاصائي شورو“ اِنهيءَ بورڊ ۽ ڳوٺ وٽان لنگهندي، لکها سنڌ واسين ڪڏهن اهو سوچيو به ڪونه هوندو ته هيءُ ننڍڙو ڳوٺڙو سنڌ جي قتيل تاريخ ۾ هن سر زمين جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي بي مثال جدوجهد جو شاندار مورچو رهيو هوندو ۽ ان ڳوٺ جي رهواسين، سيوهڻ ۽ ٺٽي جي وچ ۾ خشڪيءَ ۽ دريائي رستي تي هر وقت موت جا ملائڪ ويهاريا هوندا- ۽ ڪڏهن انهيءَ ڳوٺ ۾ هن ماتر

پوميءَ جا سوين وِير سنڌ جي شينهن پُٽ، دائود شوري جي اڳواڻيءَ ۾ آزاديءَ جي جهنڊين وانگر سر بلند رهيا هوندا!

انهيءَ ڳوٺ جي شورن ۽ هوسڙن، ملاحن، ٺٽي جي فوجدار خسرو بيگ جي پُٽ کي سندس لشڪر سميت ناس ڪري ڇڏيو هو. انهن جي جنگ جو طريقه ڪار ان دور جي ڇاپا مار جنگ وارو هو. هنن تي جڏهن مغل فوج باقائدي چڙهائي ڪندي هئي ته جبلن ۾ روپوش ٿي ويندا هئا.

ان واقعي کان پوءِ مغلن جي موڪليل صوبيدار سائين ڏنه ۽ سندس ڀاءُ شجاعت راءِ کي انهيءَ رستي سان سيوهڻ ويندي فوج سميت، شورن قتل ڪري ڇڏيو هو. انهن جو سمورو سامان، زريءَ پريل ڪپڙا، خُرجينون، نغارا ۽ عربي گهوڙا به پنهنجي قبضي ۾ ڪيا هئائون.

جڏهن شمشير بيگ اوزبڪ، ٺٽي جو صوبيدار مقرر ٿيو، تڏهن سيوهڻ جي جاگير مرزا دوست محمد ۽ مير ابوالبقا کي ملي. هڪ دفعي اُنهن پنهنجي هڪ چاڪر، محبت جي هٿان نار جي گدرن جي ٻيڙي پرائي، درياهه جي رستي شمشير خان ۽ مظفر خان ڏانهن ٺٽي موڪلي. جيئن ئي اُها ٻيڙي ٺٽي ويندي خاصائي شوري جي ڳوٺ جي پرسان پهتي ته دائود شوري جي هوسڙن ملاحن ان تي حملو ڪيو. محبت خان کي سپاهين سميت قتل ڪري، گدرا ۽ ٻيو سامان وجهي دائود جي حوالي ڪيائون. مير ابوالبقا کي جڏهن اها خبر پئي ته ڪيس چُوچڙيون وٺي ويون. هو ان ئي ڏينهن سانجهيءَ نماز مهل سيوهڻ مان ٻيڙين ۾ سوار ٿي، ٽي پهر رات جي پنڌ هٽي، پوئين پهر اچي خاصائي شورن تي ڪڙڪيو. دائود شوري کي مغل سپاهه جي يلغار جي سُڌِ اڳ ۾ پئجي چڪي هئي، سو پنهنجو آل عيال وٺي، جبل ڏانهن روانو ٿي چڪو هو. مغل لشڪر ڳوٺ کي باهيون ڏئي، رهيل سهيل معذور ۽ پوڙهن شورن ۽ هوسڙن کي قتل ڪري، ٻين کي قيدي بڻائي، ڏاڙيلن وانگر ڳوٺ کي ڦري، روانو ٿي ويو. مغلن جي موٽي وڃڻ کان پوءِ دائود وري ساڳيءَ جاءِ تي ويٺو.

مير ابوالبقا کان پوءِ شاهه خواجه سيوهڻ جو صوبيدار ٿي آيو. هن جي دور ۾ به دائود شوري جون مغلن سان چڪريون جاري رهيون ۽ سندس ڳوٺ خاصائي شورو مغلن جي خلاف چاڪر هالا جي پرڳڻي جي سنڌين جي بغاوتن ۽ لڙاين جو مرڪز رهيو. اهو ڳوٺ، شاهه خواجه جي جاگير ۾ هو، جتان ڪيس هڪ پائي به ڍل وصول نه ٿي ٿِي. تاريخ ۾ آهي ته اُنهن شورن جو مُنهن سدائين جهيڙن ۾ هوندو هو ۽ ڍل ڏيڻ کان آڱوٺو ڏيکاريو ويٺا هوندا هئا. ان ڪري، شاهه خواجه انتهائي رازداريءَ ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ شورن تي حملو ڪيو. اتفاق سان دائود پاڻ موجود نه هو، ان ڪري لڙائيءَ جو پورو انتظام نه ٿي سگهيو. دائود جي پر پُٽ ڪيترا شورا قتل ۽ ڪيترا قيد ٿيا. مغل سپاهين، دائود جي غير حاضريءَ جو

فائدو وٺي، دائود شوري جي زال کي گرفتار ڪيو. شاهه خواجه اهي قيدي وٺي سيوهڻ آيو. دائود شورو پنهنجي زال ۽ ساٿين جي گرفتاريءَ جو ٻڌي سيوهڻ اچي مغلن جي پيش پيو. جڏهن هن پنهنجي اڪين سان پنهنجي زال ٻَڌل ڏٺي، تڏهن مغلن جي آڻ مڃي، پنهنجي زال ۽ ساٿين کي آزاد ڪرايائين.

***

# اسماعيل شورو

هندوستان ۾ مغل بادشاهه اڪبر، مقامي شورشن ۽ سازشن کي ٻُنجو ڏيڻ کان پوءِ پر وارن ملڪن کي فتح ڪرڻ جي تياري ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ هن پنهنجي استاد ۽ سرپرست بيرم خان جي پُٽ عبدالرحيم خان خانان کي وڏو لشڪر ڏئي سنڌ فتح ڪرڻ جو حُڪم ڪيو. مرزا عبدالرحيم خان خانان مغلن جو شاهي لشڪر وٺي سنه **998**هه ۾ سنڌ تي حملو ڪيو. سنڌ تي ان وقت ترخان گهراڻي جو آخري حاڪم مرزا جاني بيگ حڪومت ڪري رهيو هو.

مرزا جاني بيگ لاءِ تاريخدانن جو چوڻ آهي ته هو ترخان گهراڻي جي سپني حاڪمن مان چڱو، سلڇڻو، سمجهدار ۽ بهادر حاڪم هو. هن جي ماءُ سنڌياڻي هئي ۽ سندس گهر ۾ به سنڌي عورت هئي، جنهن انڙپور وٽ تلوار ڪڍي مغلن سان مقابلو ڪيو هو. مغلن جي حملي وقت جاني بيگ **35** هزار لشڪر وٺي خان خانان جي سامهون ٿيو. جاني بيگ جي ان لشڪر ۾ **20**هزار ارغون ۽ ترخان ۽ **15** هزار سنڌي هئا. مغلن ۽ جاني بيگ جو مقابلو پورو هڪ سال هلندو رهيو، جنهن ۾ آخري جنگ لڪيءَ وٽ لڳي. جنهن ۾ **2** هزار سنڌي ۽ **5** هزار مغل مئا. انهيءَ جنگ ۾ جاني بيگ کي شڪست آئي ۽ هوڏانهن مغلن جا به ٻه وڏا نامور جرنيل لڪيءَ وٽ مارجي ويا، جن ۾ اڪبر جي مشهور رَتن راجا توڏر مل جو پُٽ ڌارو مل به هئو. جاني بيگ جي شڪست کائڻ ۽ مغلن جي مڪمل قبضي کان پوءِ به سنڌي ماڻهو هڪ سؤ سالن تائين ٻاهرين غاصبن ۽ لٽيرن جو وڏي بهادري ۽ همت سان مقابلو ڪندا رهيا. ان سلسلي ۾ سنڌ جي هر ذات، پاڙي، قبيلي ۽ راڄ، بي پناهه حب الوطنيءَ جو ثبوت ڏيندي پنهنجو پاڻ ملهايو. تاهم اهي سڀ ذاتيون، پاڙا، قبيلا ۽ راڄ ڪنهن مرڪزي تنظيم، قيادت ۽ نظام نه هئڻ ڪري، ڇڙوڇڙ، اڪيلا ۽ بي يارو مددگار وڙهندا رهيا. نتيجي طور مغل سامراج جي وڏي، منظم ۽ جارح فوج کي شڪست ڏئي سنڌ مان نه ڪڍي سگهيا. انهن ذاتين ۾ انهن جي سردارن جي بي پناهه قربانيءَ ۽ جرئت جا داستان هن مادر وطن جي پاڙيءَ پاڙيءَ تي پکڙيا پيا آهن، جن کي گڏي هڪ تاريخي سلسلي ۾ ڳنڍي سنڌي عوام اڳيان پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ انتشار، اختلاف ۽ ڇڙوڇڙ واري حالت ۾ سنڌ جا ٽي قبيلا هئا، جن پاڻ ۾ مڪمل اتحاد، اتفاق ۽ يڪجهتيءَ جو مظاهرو ڪري، ڏهن هزارن جو لشڪر رضاڪارانه بنياد تي تيار ڪيو، جو حالتن آهر جنگي حڪمت عمليون اختيار ڪندو وڙهندو رهيو. اهي ٽي قبيلا هئا، شورا، ٻبر ۽ دَل، جن جو اتحاد مغل سامراج جي خلاف حب الوطنيءَ ۽ سنڌ دوستيءَ جي جذبي تي مبني هو. اهي ٽئي قبيلا سَن کان وٺي شال تائين پکڙيا پيا هئا ۽ انهيءَ پوري ايراضيءَ ۾ مغل سامراج جو جيئڻ، مسافري ڪرڻ ۽ امن سان ويهڻ جنجال ڪري ڇڏيو هئائون. ٽنهي قبيلن جي گڏيل لشڪر جو گهڻو ڪري اڳواڻ اسماعيل شورو هوندو هو، جنهن پنهنجي حڪمت عمليءَ، ڏاهپ ۽ بهادريءَ سان مغلن کي ٽوٽا چٻايا؛ ۽ سنڌي حب الوطنيءَ جو مانُ مٿاهون ڪيو. اسماعيل شوري جي انهن ڇَڪرين مان ڪِن جو احوال هتي ڏجي ٿو:

(**1**) ترخانن جي پوئين دور ۾ مغلن جو اثر رسوخ وڌي ويو هو، جيڪو سنڌي ماڻهن لاءِ برداشت کان ٻاهر هو، ان ڪري هنن ترخانن تي حملا شروع ڪري ڏنا. انهيءَ سلسلي ۾ شورن جي، ٺٽي جي حاڪم خسرو بيگ سان اٽڪت ٿي پئي. خسرو بيگ شورن کي سيکت ڏيڻ لاءِ پنهنجي وڏي پُٽ رستم کي فوج ڏئي، سنڌي ماڻهن کي قتلام ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. نتيجي طور سنڌين ۽ ٺٽي جي فوج جي وچ ۾ خونخوار جنگ لڳي، جنهن ۾ رستم پنهنجيءَ فوج سميت قتل

ٺٽي ويو ۽ سنڌي ماڻهن سوڀ حاصل ڪئي. انهيءَ شڪست جو ٻڌي، ٺٽي جي حاڪمن، ان اڳينءَ فوج ڪان وڌيڪ فوج سنڌي ماڻهن تي چاڙهي موڪلي. ان فوج جو ٻُڌي شورا، نومڙيا ۽ ٻيون ذاتيون جبلن ۾ روپوش ٿي ويون. ٺٽي جي لشڪر بلوچستان جي سرحد تائين ڳولا ڪئي، پر سنڌي ماڻهن ڪي لهي نه سگهيو.

(2) جهانگير جي وقت ۾ مظفر خان معموريءَ کي ٺٽي جو حاڪم ڪري موڪليو ويو. ان وقت به ٺٽي جو گورنر خسرو بيگ هو ۽ سيوهڻ جو جاگيردار شمشير خان اوزبڪ هو. شمشير خان ٽي هزار ماڻهو مظفر خان سان گڏجي ٺٽي موڪليا. ٻيو لشڪر اڳ ۾ ئي مظفر خان سان گڏ هو. ايترن گهڻن ماڻهن کي ڏسي، خسرو بيگ انهيءَ مصيبت کي ٽارڻ لاءِ دل ۾ ٻهه پچائي، مظفر خان کي چيو ته "شورن، ٻبرن ۽ دل ذات وارن تنگ ڪري ماريو آهي، اوهان مهرباني ڪري پاڻ سان آندل لشڪر کي انهن سرڪش ماڻهن کي سيکت ڏيڻ لاءِ چاڙهي موڪليو." مظفر خان اها ڳالهه منظور ڪئي ۽ مغلن جو لشڪر سنڌين سان وڙهڻ لاءِ روانو ٿيو. مغلن جي اچڻ جي خبر اسماعيل شوري ۽ سندس ساٿين کي اڳ ۾ ئي پهچي وئي هئي، سي به پنهنجو لشڪر تيار ڪري مغلن جو اڳ جهلي ويهي رهيا. سنڌين جي لشڪر جو تعداد يوسف ميرڪ (مظهر شاهجهاني جي مصنف) ڏهه هزار ٻڌايو آهي- ٻه هزار سوار ۽ اٺ هزار پيادا. پر آءٌ سمجهان ٿو ته اهو تعداد مغلن جي شڪست کي فطري رنگ ڏيڻ لاءِ ٻڌايو ويو آهي.

ٻنهي لشڪرن جي دوبدو ٿيڻ کان اڳ سنڌين پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته اسان جي هر سوار سان گڏ چار پيادا ٿين؛ ٻه سڄي ۽ ٻه کٻي طرف، پوءِ مغلن سان باقائدي ويڙهه ڪجي. مظهر شاهجهانيءَ وارو لکي ٿو ته سنڌي پيادن مغلن جي سوارن کي گهوڙن تان هيٺ ڪيرائي قتل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مغلن جا ڪيترائي ماڻهو قتل ٿيا؛ جن ۾ مغلن جو هڪ ڏاڍيل بهادر خواجه محمد سلطان اوزبڪ به شامل هئو. رهيل مغل لشڪر ڀاڄ کائي وڃي نيرون ڪوٽ جي قلعي ۾ پناهه ورتي. اهڙي طريقي سان سنڌي، مغلن کي ميدان جنگ ۾ شڪست ڏيڻ کان پوءِ، قلعي جو گهيرو ڪري اُن وقت تائين ويٺا رهيا، جيسين تائين ٺٽي ۽ سيوهڻ مان بيپناهه لشڪر اچي نه ڪڙڪيا. انهن فوجن جي اچڻ ڪانپوءِ سنڌي لشڪر قلعي جو گهيرو ڇڏي وري جبلن ۾ گم ٿي ويو.

(3) اهو ڏک اهڙو نه هئو، جنهن کي مغل آسانيءَ سان وساري ڇڏين. ان ڪري ٺٽي جي گورنر مظفر خان ٺٽي ۾ موجود لشڪر ساڻ ڪري شورن، ٻبرن ۽ دَل ذات وارن کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ خاطر "شال" تي زورائتو ۽ ڀرپور

حملو ڪيو. مظفر خان جو لشڪر جيئن شال جي ويجهو پهتو تيئن سنڌين جو لشڪر مناهين دل جي اڳواڻيءَ هيٺ مغلن جي سامهون ٿيو. مغل لشڪر جي ويجهي اچڻ تي سنڌين واچوڙي واريءَ تيزيءَ سان مغلن تي حملو ڪري ڪيترا ماڻهو قتل ڪيا ۽ هنن کي پٺتي هٽڻ تي مجبور ڪيو. سنڌين جي اها بهادري ڏسي، مغلن جو بهترين سپهه سالار مظفر خان اڳتي وڌڻ جو حوصلو هاري، اُتي چانوٽي هٽي ويهي رهيو. سنڌين چئني پاسن کان حملا ڪري، مغل فوج جي رسد جا رستا ڪٽي ڇڏيا. اهو سلسلو ڪيترن ڏينهن تائين هلندو رهيو. ايتري ۾ ٺٽي ۽ بدين کان مغلن جي مدد لاءِ نيون فوجون رَسي ويون، جن جي اچڻ سان سنڌين ۽ مغلن ۾ سڌي جنگ شروع ٿي وئي. انهيءَ معرڪي ۾ بيشمار مرد، عورتون ۽ ٻار قتل ٿيا، پر اسماعيل شورو پنهنجو جٿو وٺي وري به نڪري وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ان جنگ کان پوءِ واپس ورندي، مغلن حميد شوري سان جنگ ڪئي، جنهن ۾ حميد شوري هارايو. پر بدين جي جاگيردار مير ابوالبقا جو پاءُ نُوراللهؒ ڪيترن ٻين سپاهين سان گڏ سنڌين جي هٿان قتل ٿي ويو.

(*4*) مغلن سان جنگين دوران بابو نالي هڪ پليجو سردار سنڌي ماڻهن خلاف مغلن جو چاڙتو ۽ دلال ٻٽيل هو، هو نه رڳو سنڌين جو ساٿ نه ڏيندو هو، پر وطن دوست ۽ حريت پسند سنڌي سپاهين جي گُسڻ، پنڊڻ، گهٽڻ، گهيڙڻ ۽ نڪاڻن کان مغلن کي واقف ڪندو رهندو هو. بابو پليجي، ٻبرن جي هڪ راڄ کي پنهنجي پرسان اچي رهايو ۽ هنن کي يقين ڏياريائين ته توهان جو ڪو وار ونگو نه ڪندو. هنن کي انهيءَ دلبي ۾ رکي، ٻئي پاسي مغل فوج کي راتو واهه چاڙهي، اُنهن ٻبرن جي راڄ کي قتل ڪرائي ڇڏيائين.

شورن، بابو پليجي جي انهن بدمعاشين، وطن فروشين ۽ غدارين جي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ طرف ته هنن بابوءَ جون پنيون ٻارا ۽ باغ ساڙائي ناس ڪرائي ڇڏيا ۽ ٻئي طرف ان پوري علائقي ۾ ڪنهن به مغل ۽ ان جي چاڙتي کي زنده نه ڇڏڻ جو قسم کنيو. اِهي خبرون ٺٽي ۾ مظفر خان کي پهتيون. هن بابو پليجي جي صلاح سان پنهنجي سوٽ مرزا محمد کي وڏو لشڪر ڏئي اسماعيل شوري کي ختم ڪرڻ لاءِ موڪليو. مرزا محمد شاهي لشڪر سان اوچتو اچي ڪڙڪيو.

سنڌين جي عادت هوندي هئي ته مغلن سان مقابلي وقت پنهنجو آل اولاد ۽ مال متاع جبلن ڏانهن موڪلي ڇڏيندا هئا ۽ صرف مرد ماڻهو ميدان ۾ رهجي ويندا هئا. جڏهن مغلن جو لشڪر بي خبريءَ ۾ اوچتو اچي ڪڙڪيو، تڏهن اسماعيل شوري گهٽ ماڻهن کي مال متاع ۽ آل اولاد کي جبلن ڏانهن موڪلڻ جي ڪم سان لڳايو ۽ پاڻ ڪن ماڻهن سان گڏجي مغل لشڪر سان مقابلو ڪرڻ لڳو، نتيجي طور نه مال متاع

نڪري سگهيو ۽ نه وري سنڌي سورهين جو هي مختصر جٿو حملي آورن جي سيلاب کي روڪي سگهيو.

اسماعيل شورو ڏارين سان وڙهندي **1025**هه ۾ مادر سنڌ جي حفاظت ڪندي شهيد ٿي ويو. مغلن سامان ڦُريو، گهرن کي باهيون ڏنيون ۽ بيشمار سنڌي ماڻهن کي قيد ڪيو. اهڙي طريقي سان **30** سالن تائين مغل سامراج جي خلاف جدوجهد ڪندي، اسماعيل شوري پنهنجي حب الوطني ۽ قومي غيرت جو لافاني ۽ لاثاني سبق، سنڌي قوم جي ماڻهن لاءِ قائم ڪيو.

***

# جهونجهار شورو

جهونجهار شورو، سنڌ جي سورهيه سرواڻ اساعيل شوري جو پُٽ هو. اسماعيل شورو سنڌ جي لاءِ مغلن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو هو.

سنڌ جي آزاديءَ ۽ حُريت جي جيڪا شمع سنڌ جي لافاني عظيم انسان، اسماعيل شوري، پنهنجي رَت سان روشن ڪئي هئي، سا سندس شهادت کان پوءِ وِسامي ڪانه ويئي- پر بقول شاعر:

جي راهه اجل ڪنهن ورتي آ،

هن پيرن ڪئي پِي پرتي آ!

اسماعيل شوري کان پوءِ سندس پُٽ جهونجهار شوري، آزاديءَ جي جهنڊي کي بلند رکڻ جو پڪو ارادو ڪيو. هن پنهنجي تڙيل پکڙيل ساٿين کي گڏ ڪري، مغلن سان ويڙهه جو سلسلو جاري رکيو. پنهنجي پيءُ وانگر هن جي ڪردار جي خاص خوبي هئي، آڻ نه مڃڻ، دشمن جي اڳيان هشيار ڦِٽا نه ڪرڻ، پنهنجي مادر وطن جي آزاديءَ واري حق تان هٿ نه کڻڻ ۽ مغل شاهيءَ جا سنڌ مان ٽڏا پَٽڻ. انهيءَ مقصد جي راهه ۾ هن نوجوان ۽ دلير انسان کي نه مغل سلطنت جي طاقتور فوج جو دٻپ هو ۽ نه وري سنڌين جا باهمي اختلاف ٿي هن جي حوصلي کي پست ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيا. هو هڪ اهڙو نوجوان هو، جنهن جي ذهن ۾ بغاوت، حوصلو ۽ همت، روز نوان، تازا ۽ توانا ٿيندا رهيا ٿي. جيتوڻيڪ جهونجهار شوري جي ڪارنامن ۽ ڪاوشن جي تفصيل کي تاريخ ۾ بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي، صرف ان آخري معرڪي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ هو گرفتار ٿيو. انهيءَ واقعي متعلق مظهر شاهجهانيءَ لکيو آهي ته:

”جڏهن **1028** هه ۾ سيد بايزيد ٺٽي جو صوبيدار ٿيو، تڏهن هن سان سندس پُٽ به هئا. جيڪي ڏاڍا چالاڪ هئا. جهانگير بادشاهه هنن کي حڪم ڏنو هو ته اُهي، جابلو ماڻهن جي ڪَن مهٽ ڪن. (*) جهانگير جي حڪم جي بجا آوري ڪندي، سيد بايزيد جا پُٽ، مغل سپاهين جي لوڏ وٺي، شورن ۽ دلن تي ڪاهي آيا، جيڪي جبل جي پاسي ۾ تڙيل پکڙيل هئا.“

جيئن شڪارگاهن ۾ شڪار ڪيو ويندو آهي، تيئن سنڌي ماڻهن جو گهيرو ڪيو ويو. سنڌين به سندرا ساهي مُغلن جو مقابلو ڪيو. پنهي ڌرين جا ڪيترا ماڻهو قتل ٿيا. نيٺ صُلح جي بهاني دغا سان جهونجهار شورو به گرفتار ٿي پيو. جهونجهار جي گرفتاريءَ کان پوءِ ٻين ڪيترن ماڻهن کي قتل ۽ گرفتار ڪري، ڳوٺن جو سامان سڙو لُٽي، باهيون ڏنيون ويون.

جهُونجهار شوري اهڙيءَ دغا سان گرفتار ٿيڻ کان پوءِ بيوسيءَ واري حالت ۾ به مغلن جو فرمانبردار ٿي ويهي رهڻ کان انڪار ڪيو. نتيجي طور کيس ٺٽي جي جيل ۾ وجهي، اذيت ۽ عذاب جا وحشيانه طريقا استعمال ڪرڻ سان گڏ لالچ ۽ لوڀ به ڏنا ويا. پر هن سورهيه سنڌيءَ مصيبتن تي ٿهڪ ڏنا ۽ لالچن کي انتهائي حقارت سان ٺُڪرائي ڇڏيو ۽ عذاب سهندي ٺٽي جي جيل ۾ شهيد ٿي ويو.

(*) هن نندي ڪنڊ جي بادشاهه طرفان بذات خود حڪم ڏيڻ ثابت ٿو ڪري ته چاڪر هالا پرڳڻي جي عوام جي جدوجهد دهليءَ جي ديوارن کي ٿرٿلي ۾ وجهي ڇڏيو هو.

***

# يوسف سميجو

هي سن **1208** هه آهي. سنڌ مڪمل طور مغل شاهيءَ جي قبضي ۽ تسلط هيٺ اچي چُڪي آهي. پوري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي عوام خلاف مغل نوابن طرفان رَت ۽ باهه جي راند جاري آهي. قابض قوتن طرفان سنڌين جون تباهيون بربياديون جاري آهن ته هوڏانهن سنڌي عوام جو ڏارين خلاف بغاوت جو جذبو به جوان آهي. جيڪو به مغل نواب ٿي بدلي ٿي اچي ٿو، اُن کي سپ ڪان ڀرين سنڌ جي هڪ باغي، ارڏي، دلير ۽ محب وطن قبيلي سميجي جي خاتمي لاءِ خاص هدايتون ڏنيون ٿيون وڃن.

اهڙي قسم جون هدايتون ڪٽي، **1208** هه ۾ مرزا حسام الدين مرتضيٰ نئي پهچي ٿو. ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو ته نصرپور پرڳڻو، جنهن جي پيداوار وِيهه لک جهانگيري روپيا ٿيندي هئي ۽ جنهن پرڳڻي صرف هڪ سال ۾ ٻارهن هزار خرار اناج ڊل طور ڏنو هو. اُن پرڳڻي ۾ اڄ ويراني آهي ۽ سرڪار کي هڪ ڪوڏي به وصول نٿي ٿئي. انهيءَ ساري گڙ ٻڙ جو

ذميوار، سميجي قبيلي جو چڱو مڙس يوسف سميجو آهي. اِها خبر ٻُڌڻ شرط حسام الدين پنهنجي پُٽ صمصام الدوله کي سميجن مٿان مقرر ڪيو. صمصام الدوله نصرپور پرڳڻي پهچي، هالن لڳ نِئيءَ جي ڳوٺ ۾ ڏابو ڪيو. هيءُ ڳوٺ، هالن کان هڪ ميل پنڌ تي خُود هالن جيڏو ئي هو. هن ڳوٺ وٽ ڪڏون کوٽي، مورچا قائم ڪيا ۽ هالن جي ٺاٽيدار موسيٰ خان افغان سان هڪ جٿو فوج جو گڏي، ڪيس سميجن تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ موڪليو. انهيءَ وچ ۾ يوسف کي سندس جاسوسن اڳواٽ ئي مغلن جي حملي جو ٻُڌائي ڇڏيو هو. جڏهن سڄي مغل فوج اُنهن آزاديءَ جي پروانن کي ختم ڪرڻ لاءِ مينهن واچ ڪندي روانو ٿي، تڏهن يوسف سميجي پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪندي، ڳوٺ خالي ڪرائي، جنگي جوانن کي مغل فوج جي لنگهه جي چوڌاري جهنگل ۾ لڪائي ويهاري ڇڏيو. جيئن ئي مغل فوج سميجن جي ڳوٺ کي ويران ڏسي موٽ کاڌي، تيئن ئي يوسف پنهنجي ساٿين سميت بکايل شينهن وانگر مٿن حملو ڪيو. محب وطن سپاهه جو هيءُ حملو مغل فوج لاءِ موت جو طوفان ثابت ٿيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي مغل سپاهه جي لاشن جا ڍير لڳي ويا ۽ رهيل فوج ڀڄي وئي.

يوسف سميجو نَر جو معزز ۽ با اثر سردار هو. هُو مغل شاهيءَ جا پرڪار ڏسي، پنهنجي هر ذاتي شيءِ ڇڏي، ويڙهاڪ جٿن سان شامل ٿيو هو. سو انهيءَ معرڪي مان واندو ٿي، ڏينهن ڏٺي جو کيبرن جي مغل چوڪيءَ تي واچوڙي وانگر وڃي ڪڙڪيو. اُتي مغلن طرفان مقرر ٿيل سپني ماڻهن کي سندن تمندار حاجي محمد سميت قتل ڪري رمندو رهيو. مغل بچ جڏهن اِن واردات جي خبر ٻُڌي، تڏهن يوسف جي پُٽ وٺڻ جي همت نه ساري واپس موٽيو. پر پنهنجي بهادريءَ جو ڀرم رکڻ لاءِ هالن ۽ سماٽي ڳوٺن جي غريب ماڻهن کي قيدي بڻائي، پنهنجي پيءُ وٽ نٿي وٺي ويو. پٽس بيڏوهي ماڻهن تي هٿرادو ڏوهن جي آڙ ۾ ڳاٽي ڀڳا ڏنڊ وڌا. جڏهن ڏنائين ته هي غريب ماڻهو ڏنڊ ڏيڻ جهڙا ناهن ته کانئن شرعي ضابطا لڳائي ورتائين.

يوسف کي جڏهن بيڏوهي عوام سان مغل سپاهه جي اِنهيءَ ظالمانه روش جي خبر پئي، تڏهن وري نٿي ۾ رهيل مغل سپاهه تي راتاهو هنيائين ۽ پوري ڳوٺ کي تباهه ڪيائين جنهن ۾ مغلن جا بي شمار سپاهي ۽ طرفدار قتل ٿيا ۽ رهيل ماڻهن وڃي هالن ۾ پناهه ورتي.

اڳتي هلي تاريخ، يوسف سميجي جي باري ۾ خاموش آهي. جيتوڻيڪ حسام الدين کان پوءِ مير ابوالبقا "وينجهري" جي ڳوٺ تي حملو ڪري، ڪيترن سميجن کي قتل ڪيو. پر ڇا يوسف ميرڪ جي وڏي ڀاءُ جو اهو حملو ۽ قتلام ، سميجن جي دلين مان مغل شاهيءَ جي نفرت گهٽ ڪرائي سگهيو؟ تاريخ جو واضح جواب آهي، هرگز نه ..... هرگز نه .....!

***

# پريو اُنڙ

بختيار بيگ جي موت ڪانپوءِ سنڌ جي محب وطن ماڻهن، خاص ڪري سميجن ۽ اُنڙن، پنهنجيءَ طاقت آهرمغلن سان ويڙهه جا سانباها شروع ڪيا. اُنڙن، مغلن سان نفرت سبب هر انهيءَ ماڻهوءَ ۽ قبيلي ڪي پنهنجي ويڙهه ۾ نشانو بڻائڻ شروع ڪيو، جنهن جي باري ۾ هنن ڪي ذرو به شڪ هو ته اهو مغلن جو طرفدار آهي. اُن سلسلي ۾ هنن پنهورن ۽ ڪوريجن تي حملا ڪرڻ به شروع ڪري ڏنا، جيئن بکر کان وٺي سيوهڻ تائين واري علائقي ۾ ڪوبه ماڻهو يا قبيلو مغلن جو وفادار نه رهي ۽ ان پوري علائقي مان مغلن جو پرپور خاتمو ڪيو وڃي ۽ اتي سندن آزاد حڪومت قائم ٿئي. پنهورن ۽ ڪوريجن سان هٿ ڳنڍڻ لاءِ هنن درياهه سنڌ جي سيوهڻ واري پاسي بکر جي راڄڌانيءَ ۾ ڏار ڏار پرڳڻن جي ڳوٺن ڪي اچي باهيون ڏنيون. سميجا، اِئين هٽندا مارينداء ڳاهن جو پرڳڻو ڳاهينداء وڃي ڪانهريءَ سامتاٽيءَ ڪان نڪتاء جتي بهاءُالدين پنهور ويٺل هو. هوڏانهن درياهه جي اوپر واري طرف اُنڙن جو لشڪر پرئي انڙ جي مهنداريءَ ۾ جنگ ۾

جُنبي ويو ۽ جوڻيجن واري پرڳڻي ۾ ڪوريجن ۽ پنهورن جون سنڌيون هڻڻ شروع ڪري ڏنيون.

حقيقت ۾ سميجن ۽ اُنڙن جي اِها بنيادي غلطي هئي، جنهن سنڌ ۾ قبائلي اختلافن کي باهه ڏني ۽ ان قبائلي اختلاف ۽ تضاد مان مغلن پورو پورو فائدو ورتي، سميجن ۽ اُنڙن جي مخالف قبيلن جي مدد سان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ سپاهه کي ڪچلڻ شروع ڪيو. بهرحال، سميجن ۽ اُنڙن، درياهه جي پنهي پاسي اهڙي زوراٽي يلغار ڪئي، جو سيوهڻ ۽ اُن سان لڳاپيل پورو علائقو بغاوت ۽ جنگ جي لپيٽ ۾ اچي ويو. ڪوريجا ۽ پنهور، پيو ڪو حيلو نه ڏسي پاڻ ۾ مِلي هڪ ٿي ويا ته ڀريائين سميجن سان وڙهجي، جيڪي اسان پنهي جا جاني دشمن ٿي بيٺا آهن، پوءِ پنهنجا اختلاف به نبيري وٺبا. (ڪاش! سڀ سنڌي مغلن جي مقابلي ۾ اها سوچ پيدا ڪن ها.) اِها صلاح ڪرڻ کان پوءِ هنن مغلن کي پنهنجي ڀرپور ساٿ جي آڇ ڪري، اُنڙن تي حملي ڪرڻ لاءِ مغل فوج موڪلڻ جي درخواست ڪئي.

اها سِتاءَ ستي، چار پنج هزار لشڪر وٺي، پنهور ۽ ڪوريجا درياهه ٽپي، جوڻيجن جي پرڳڻي ۾ ٻبريءَ ڳوٺ اندر اچي ٺانيڪا ٿيا، جتي مغلن جو لشڪر به اچي هنن سان گڏيو. هوڏانهن سميجن ۽ اُنڙن جا به پنج ڇهه هزار سپاهي پرئي اُنڙ جي اڳواڻيءَ هيٺ گچيري ڳوٺ ۾ اچي گڏ ٿيا. اِهي خبرون ٻُڌي، مغلن، پنهورن ۽ ڪوريجن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته پيش قدمي ڪري سميجن تي ڪاهيو وڃي. پوءِ رات وچ ۾ نهي سنبري، ٽي هزار سوار بهاءُالدين پنهور وٽ ٺمائي روانا ٿيا. ٻئي پاسي اُنڙ به اها ڪُڪُوٽ ڪري، راتو واهه گهوڙن تي چڙهي پيا. پرهه ڦُٽيءَ مهل ٻئي لشڪر اچي ٻلهه ٿيا، خونا خوني جنگ لڳي ويئي. پنهي ڌرين جا ڪيئي ماڻهو رتو رت ٿي ڪُسجندا ويا. نيٺ مغل سنڌين جي مقابلي ۾ وڙهندڙ سنڌين هار کاڌي. اتي بهاءُالدين پنهور به اچي پهتو، جنهن گرفتار ٿيل محب وطن سنڌي بهادر پرئي اُنڙ کي مغلن جي مدد سان شهيد ڪيو. اهڙيءَ ريت انڙن انهيءَ جنگ ۾ وقتي شڪست کاڌي.

پريو اُنڙ، محب وطن سنڌي ۽ آزاديءَ جو ڪوڏيو سرواڻ هو. هن جي هميشه اها حڪمت عملي هئي ته پنهنجيءَ ڪمزوريءَ جي وقت گهڙيءَ کن لاءِ ٺاهه ڪري آڻ نه مڃي، دشمن جي دانگي پچڻ جي هر ڪا تدبير ڪرڻ گهرجي. هو هڪ دفعو اڳي به پنهنجي بهادر ساٿيءَ بودلي سميجي سان گڏ گرفتار ٿيو هو، پر پوءِ قاسم ارغون جي سفارش تي آزاد ٿيو هو. ان باري ۾ تاريخ سنڌ ۾ لکيل آهي ته: بختيار بيگ جڏهن ڀريون پيرو سيوهڻ پهتو، تڏهن هن پنهنجي نائب شهسوار کي لاڪاٽ پرڳڻي ۾ سميجن ۽ اُنڙن جي ٽپي ڏانهن موڪليو ته هو اتي وڃي ڊپ اڳاڙي. هو جيئن ئي اتي پهتو ته سميجن ۽ اُنڙن، پرئي جي اڳواڻيءَ ۾ شهسوار کي سندس سپاهه سميت قتل ڪري ڇڏيو. مغلن شهسوار جو وير وٺڻ لاءِ وڏو لشڪر انڙن ۽ سميجن تي چاڙهي موڪليو. پنهي راڄن پاڻ ۾ صلاح کان پوءِ فيصلو ڪيو ته حالتن آهر مغلن سان ٺاهه ڪرڻ گهرجي ۽ ان لاءِ مغلن وٽ وڃي پيش پئجي. پر اهو ٺاهه ٺئي ئي ٺئي، ان کان اڳ پنهي ڌرين ۾

خونخوار جنگ لڳي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا گهڻا ئي ماڻهو قتل ٿيا. نيٺ پريو، بودلو ۽ جيئندو مغلن وٽ پيش ٿيا. مغلن قتل ٿيل بهادر سنڌين جون مُنڍيون ڪارن ۾ وجهائي، قيدين سميت سيوهڻ روانيون ڪيون، جتي پريئي، بودلي ۽ جيئندي کي جيل ۾ وڌو ويو. آخر قاسم خان، **24** هزارن جي ضمانت ڏئي قيدين کي آزاد ڪرايو. انهيءَ ڦهري ڪاروائيءَ ۽ فريب ڪاريءَ جو پلاند وٺڻ لاءِ پريئي پنهنجي پوري طاقت سان مغلن خلاف جنگ شروع ڪئي، جنهن ۾ پنهنجن جي سازش ۽ ڌارين جي فريب جي وَر چڙهي، **1008**ھ ۾ ڳچيري وٽ شهيد ٿي ويو.

(مظهر شاهجهانيءَ جي سنڌي ترجمي تان ورتل)

***

# طالب اُنڙ

آءٌ اڳ ۾ لکي آيو آهيان ته سميجن ۽ اُنڙن جي لشڪري وقتي طرح ڳچيري جي جنگ ۾ شڪست آئي ۽ سنڌن سورهيه سردار پريو اُنڙ شهيد ٿي ويو. پريئي جي شهادت کان پوءِ جيڪڏهن مغلن ۽ سنڌن حامين اِهو ٿي سمجهيو ته انڙن ۽ سميجن جي طاقت ختم ٿي ويئي، ته اُها سنڌن ڀُل هئي. اُنڙ وري طالب اُنڙ جي قيادت ۾ پنهنجي طاقت ڳڏ ڪري، ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ رهيا ته ڪڏهن ٿو وجُهه ملي، جو مغل سپاهه جي رت سان ڪُهاڙين جا ڳِن ڳاڙها ڪجن. اِهو موقعو کين جلد ئي ملي ويو.

سيوهڻ ۾ جڏهن نورالدين ڪروڙي، عملدار ٿي آيو، تڏهن هن ايندي شرط پنهنجي پائيتي تيمور بيگ کي ٽي هزار سوار ڏئي، اُنڙن تي حملي لاءِ موڪليو. تيمور بيگ هڪليندو اچي، ”وينجهري“ جي قلعي ۾ ويٺو ۽ اُنڙ سونهري ڍنڍ جي وچاڀ ۾ اچي پرگهٽ ٿيا، جنهن جي چوڌاري پاڻي هو. هن پيري جنگ جو سبب هيءُ ٿيو، جو اُنڙن ربيع جي ڍل ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. اِهو انڪار تيمور بيگ کي نه آئڙيو، ان ڪري اُنڙن سان

وچڙي پيو. جڏهن سونهري ڏينهن تي پهتوته اُنڙن جو هڪ واهڻ سندس آڏو آيو. هن جي ماڻهن واهڻائين کي پائيتال ۾ وڌو. ائين ڪندي تيمور بيگ کي پريان ڌوڙ اڏامندي نظر آئي. پڇا ڪيائين ته اها ڌوڙ ڇاجي آهي؟ ڪن وراڻيو واچوڙو هوندو، ته ڪن چيو ته ٿي سگهي ٿو ته غنيم هجي. انهيءَ سوال جواب هلنديءَ، اُنڙن، طالب اُنڙ جي قيادت ۾ اچي مُنهن ڪڍيو ۽ ايندي شرط مغل سپاهه جي سِسين ۾ لابارو وجهڻ شروع ڪري ڏنائون. اها حالت ڏسي، تيمور بيگ جا پَير اکڙڻ لڳا ۽ سندس ماڻهن ۾ ڀاڄ شروع ٿي. انڙن انتهائي همت ۽ حوصلي سان مغلن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو. مغلن لاءِ زمين تنگ ٿيڻ لڳي ۽ سنڌين جا تِيرَ ڳڙن وانگر وسي رهيا هئا. ٿوري دير ۾ مغلن جي لاشن جا ڍير لڳي ويا ۽ ميدان سنڌين ماريو. سنڌين، مُغلن جا گهوڙا، هٿيار پنهوار ۽ وهٽ به قُري ورتا. تيمور بيگ ساهه بچائي اچي وينجهري ۾ وينو. اُنڙن، قلعي کي گهيرو ڪري، قلعي جي چوڌاري پيل اناج وغيره کنيو ۽ جيسلمير ڏانهن روانا ٿي ويا.

ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ وري سردار خان جي صاحبيءَ دوران سندس هڪ ملازم درويش بيگ ۽ هڪ ٻئي مغل ڪارندي ماڻڪ سنگهه، وري اُنڙن جي ڳوٺ "ڏيڙان" تي حملو ڪيو. اُنڙ سندن سالار طالب اُنڙ جي اڳواڻيءَ ۾ اڳي ئي موقعي جا منتظر هئا، تن هڪ زبردست راتاهو هنيو. ان راتاهي ۾ هنن مغلن جا پنج سوءَ سپاهي قتل ڪري ڇڏيا. انهيءَ معرڪي ۾ به طالب اُنڙ مغلن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. صبح ٿيڻ تي درويش بيگ پارڻ بچائي وڃي سيوهڻ پهتو، جتان انهيءَ شرمناڪ شڪست جي خبر جهانگير بادشاهه کي موڪلي ويئي.

وقت اڳتي وڌندو رهيو. طالب اُنڙ واچوڙي وانگر سنڌ جي هڪ ڪُنڊ کان ٻيءَ ڪُنڊ تائين عوام کي بغاوت لاءِ اياريندو رهيو.

هاڻي سيوهن جي جاگيرداري، مير نمڪين جي قبضي ۾ اچي چڪي هئي. هوڏانهن اُنڙن جي باغيانه ڪاروائين ۽ مغل سپاهين جي موت جون خبرون هر وقت جهانگير کي پهچي رهيون هيون. جنهن مير نمڪين کي، سنڌ جي گهٽن گهيڙن، ريتن رسمن ۽ ماڻهن کان چڱيءَ ريت واقف هئڻ ڪري، سميجن جي خاتمي لاءِ سخت هدايتون ڏئي موڪليو.

مير نمڪينَ، پنهنجي پُٽ ابوالبقا کي سميجن جي خاتمي لاءِ مرزا غازي بيگ کان تحريري اجازت وٺي ڏني ۽ پارڻ قنڌار روانو ٿي ويو. مير ابوالبقا سان ٻهريون مقابلو ڳچيري جي ٻُگهين ڪيو. اُن باري ۾ مير ابوالبقا جو پاءُ، تاريخ نويس يوسف ميرڪ لکي ٿو:

"ٻُگهين ڪاهيون ڪوٺي، چوڌاري لوڙها ڏيئي، جنگ جون تياريون اڳ ئي ڪري ڇڏيون هيون، سو ٻنهي ڌرين ۾ اچي ٻڙڌڪ متو. ابوالبقا جا ڪيئي سپاهي ۽ گهوڙا زخمي ٿي پيا. نيٺ ابوالبقا لوڙها ٽپي اندر ٿيو. ڪيترن کي قتل ڪيائين ۽ باقي رهيل قيدي ٿيا."

مير ابوالبقا اُنڙن تي حملن ڪرڻ جي سلسلي ۾ اڳتي وڌندو ويو ۽ وڃي هالا ڪنڊيءَ تائين پهتو. اتي خبر پيس ته اُنڙن جو مشهور سردار ۽ جنگي جوڌو طالب اُنڙ ساڳرو ٽپي، نصرپور جي پِٽن ڏانهن ڌوڪيندو پيو وڃي. اها ڳالهه ٻڌي ابوالبقا ان جي ڪڍَ پيو ۽ انت وڃي اُڀ ورتائين. طالب نصرپور جي پِٽن تائين پهچي نه سگهيو ۽ اتي موجود صيد ڳڙهه (لڳ ٽنڊو الهيار) جي قلعي ۾ وڃي ويٺو. طالب، صحرائي باز وانگر سدائين کليل ميدانن ۾ مغل فوج جو شڪار ڪندو رهيو هو، تنهن کي قلعي بند ٿي وڙهڻ جو تجربو گهٽ هو. تاهم هن همت نه هاري.

پراڻي قلعي ۾ موجود جهڙي تهڙي سامان سان هن وجود جي ويريءَ سان پوئينءَ وير تائين وڙهڻ ۽ مقابلو ڪرڻ جو پڪو ۽ پختو ارادو ڪيو. ابوالبقا قلعي جو گهيرو ڪيو ته قلعي مان مٿس تِيرن، توبن ۽ بندوقن ٺم لائي ڏني. مغل فوج پهريون ڏڪ پچائي ويئي، جنهن ۾ سندس ڪافي ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. ابوالبقا اهو حال ڏٺو ته جنگي هاٿين ذريعي قلعي جا دروازا پيراياين. قلعي جا در پِٽجڻ شرط مغل فوج قلعي ۾ ڪاهي پئي. ٻنهي ڌرين ۾ سخت جنگ لڳي. ڌڙ ڌڙڪڻ، ڪنڌ ڪرڻ ۽ لوٿون لُڇڻ لڳيون. رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. سارو ڏينهن دوبدو ويڙهه هلندي رهي. نيٺ طالب اُنڙ پنهنجي ٻارهن سؤ ساٿين سميت شهيد ٿي ويو. اهو واقعو ***1017*** هه ۾ پيش آيو.

(مظهر شاهجهانيءَ جي سنڌي ترجمي تان ورتل)

***

# لاکو اُنڙ

پرئي اُنڙ جي شهادت کان پوءِ سندس پُٽ لاکي به مغلن خلاف آزاديءَ ۽ بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. هن مغلن سان ٺاهه ڪري انهن جو زيردست ٿي ويهڻ کي وڏي ۾ وڏي لعنت سمجهي، آزاديءَ ۽ حريت کي پنهنجو مقصد بڻايو. ٿوري وقت ۾ ئي لاکي جي جدوجهد ۽ مغل شاهيءَ سان تصادم پوري سنڌ ۾ مشهوري حاصل ڪري ورتي. جنهن ڪري مغل ڪاردن جي ننڊ حرام ٿيڻ لڳي. مغلن جي مشهور خوني ڪارندي مير ابوالبقا پنهنجي هڪ منظور نظر خدمتگار ”منظور“ کي لاکن واري ٽپي تي مقرر ڪيو ۽ ”جمال“ نالي دلال کي انڙن ۽ سميجن واري حصي تي مقرر ڪيو. منظور، مغلن جي پراڻيءَ عادت موجب انڙن تي ڪاهه ڪئي، جيڪا خبر لاکي کي اڳ ۾ ئي پئجي ويئي. ان ڪري هن پنهنجي عوامي لشڪر سان منظور جي پُٺ وٺي ان جا گهَٽ گهيڙ سوڙها ڪيا. منظور جيڏانهن به ڪاهڻ جي ٿي ڪئي ته انڙن مٿس وار پئي ڪيا. انهيءَ چڪتاڻ ۾ لاکي هٿي مغلن جا ڏاٽا ڪِڏي ڇڏيا ۽ ويهارو کن مغل سپاهي اجل جو شڪار ٿي ويا. انهن جا گهوڙا، سامان ۽ هٿيار به لاکي هٿ ڪيا. منظور ڀڄي وڃي جهانگير آباد جي قلعي ۾

پناهه ورتي. مير ابوالبقا کي جڏهن انهيءَ عبرتناڪ شڪست جي خبر پئي ته ڪيس سخت بخار وٺي ويو، ان ڪري پنهنجي وڏي پُٽ عتيق الله کي وڏو لشڪر ڏيئي، سميجن تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ مُڪائين. هن جي پهچڻ تي اُنڙن ڳالهيون هلائڻ لاءِ چيو، پر عتيق الله مفتوح قوم جي جانباز حريت پسندن سان ڳالهائڻ پنهنجي شان جي خلاف سمجهي جنگ ڪرڻ لاءِ زور پرڻ لڳو. انهيءَ هوڏ ۾ هُو صاپيءَ واري ڍنڍ تي پهتو ئي مس ته پريان جوار جي پوڪ پويان پرو پيس، جتي سميجا پنهنجو سامان سڙو، مال متاع ۽ ٻار ٻچا، جيسلمير ڏانهن موڪلي ويٺا هئا. عتيق الله پنهنجي غرور ۾ سميجن تي ڪاهه ڪئي. اجا مغلن جو لشڪر حملو ڪري ئي ڪري، ان ڪان اڳ ۾ لاکي اهڙو ته زورائتو حملو ڪيو، جو پهرئين ڪي ڌڪ سان مغلن جي چاليهن فوجين کي گهوڙن تان ڪيرائي، ڪُهي ڇڏيائين. خُود لاکو به دودي سومري وانگر سورهيائيءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. لاکي جي شهادت جي باوجود، اُنڙن عتيق الله کي ذلت آميز شڪست ڏني ۽ هو ڀُوت ڦلهو ڪري، جهانگير آباد جي قلعي ۾ موٽي آيو. سندس سمورو سامان به اُنڙ ڦري ويا. لاکي جي شهادت **1024**هه ۾ ٿي.

(مظهر شاهجهاني جي سنڌي ترجمي تان ورتل)

***

# ميان نصير محمد ڪلهوڙو

سنڌ جي ممتاز اديب، محمد ابراهيم جويي جي تحقيق مطابق ڪلهوڙا، سنڌي آهن، جن سنڌ ۾ قومي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ شاندار جدوجهد ڪئي هئي. سنڌ جي انهيءَ نامور گهراڻي جي عظيم فرزندن مان هڪ ميان نصير محمد ڪلهوڙو آهي.

"تحفة الڪرام" ۾ آهي ته: ميان شاهل محمد جي شهادت کان پوءِ سندس پائيٽو، ميان نصير محمد، **1068**هه ۾ پنهنجي بزرگن جي مسند تي ويٺو. هيءُ پنهنجي بزرگن کان به ڳوءِ کٽي ويو. سندس همعصر هِن جي جماعت ڏسي ساڙ کائڻ لڳا: نيث مقامي ماڻهو جنگ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ بکر جي مغلن کي سنڌ جي هنن فقيرن تي چاڙهي آيا. اُن ڪري فقير نصير محمد ٺٽ ڏانهن هليو ويو، پر اُتي پوک جي انتظام نه هئڻ ڪري هو وري موٽي پنهورن جي علائقي ۾ آيو. مير پنهورن جو سردار فقير صاحب کي ٽڙي ڪيڻ لاءِ بکر جي حاڪم جي صلاح سان وڏي لشڪر سان ڪاهي آيو. ان لشڪر ۾ پٽي پٺاڻ سبيءَ جو حاڪم مرزا خان به شريڪ هو. ڪجهه جهڙپن کان پوءِ اُهو پٺاڻ حاڪم صلح جي بهاني سان فقير صاحب کي قيد ڪري، بادشاهه عالمگير وٽ وٺي ويو. فقير صاحب اتي ڪافي عرصو قيد رهيو. پٺيان سندس فقيرن تي ڪيترا ڀيرا مغلن حملا ڪيا ته جيئن

هيءُ مذهبي روپ ۾ قومي سنڌي تحريڪ بلڪل ختم ٿي وجي. انهيءَ وچ ۾ ميان نصير محمد به مغلن جي قيد مان ڀڄي نڪتو ۽ پنهنجي وطن پهچي ويو. اِهي حالتون ڏسيء سنڌي ماڻهو سندس چوڌاري گڏ ٿيڻ لڳا.

هاڻي فقير نصير محمد پنهورن جي اهڙي علائقي ۾ اچي رهيو، جنهن جي هڪ طرف جبل ۽ ٻئي پاسي پاڻي هو، اتي هن شهر "گهاڙي" آباد ڪيو. پنهنجو اصلي علائقو "فوج فقير" ۽ ڪاڇو، عنايت فقير کي ڏنائين. هاڻي سندس اُهي فقير، جيڪي اڳي تجرد واري زندگي گذاريندا هئا، سي شاديون ڪري عيالدار ٿي پيا ۽ ملڪ ۽ زمين وڌائڻ جو فڪر ڪرڻ لڳا ۽ مير يعقوب بکر جي حاڪم کي زبردست شڪست ڏنائون. اهڙيءَ ريت، مغلن جي اقتدار جي حامين سان ڪيترين جنگين ۾ فقيرن کي سوڀ نصيب ٿي. نيٺ هنن لاڪاڻو پرڳڻو مغلن ڪان مقاطعي تي ورتو ۽ ساهتي پرڳڻي تي طاقت سان قبضو ڪري ورتائون. انهيءَ پرڳڻي ۾ ڪلهوڙن جي هڪ فقير "فيروز ويرڙ" نئون شهر ٻڌايو، جيڪو اڳتي هلي نوشهري فيروز جي نالي سان مشهور ٿيو. انهيءَ ريت ميان نصير محمد جي مريدن، سنڌ تي هڪ قِسم جو اقتدار حاصل ڪري ورتو. اهي ڪوششون، سنڌ ۾ قومي حڪومت جي قيام لاءِ پيڙهه وارو پٿر هيون، جن ۾ ميان نصير محمد جي درويشانه قيادت کي وڏو دخل آهي.

***

# ميان دين محمد

***1792***ع ۾ ميان دين محمد، پنهنجي پيءُ نصير محمد جي فقيريءَ واري مسند تي ويٺو. هن پنهنجو آبائي طريقو جاري رکيو. اُهي زميندار، جيڪي ميان ميان نصير محمد جي زماني ۾ ناڪام ٿي، خاموش ٿي زندگي گذاري رهيا هئا، سي هاڻي موقعو ڏسيء ميان دين محمد سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مير پنهور، جنهن جو شهر "فتح پور" فقيرن جي قبضي ۾ هو، سو دهليءَ جي بادشاهه وٽ فريادي ٿي ويو ۽ ميرزا خان پني پٺاڻ جي نالي شاهي حڪم وٺي آيو ته اُهو مير پنهور جي مدد ڪري. پر مرزا پني فقيرن جي مقابلي ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو. آخر دربار شاهيءَ مان انهيءَ مهم لاءِ امير شيخ جهان مقرر ٿيو ته اُهو فقيرن کي ختم ڪري. ان حڪم پٽاندر امير شيخ جهانَ، مير پنهور جي ڏس تي فقيرن تي حملو ڪيو- ڪلهوڙن طرفان سندن مريدن، ڏيري جي قلعي مان نڪري، مغليه لشڪر جو مقابلو ڪيو ۽ گوٺ گيريلي وٽ مغليه فوجن تي راتاهو هنيو، جنهن مغليه لشڪر جا اوسان خطا ڪري ڇڏيا. هيڏانهن ميان دين محمد گهاڙيءَ مان هڪ لشڪر فقيرن جي مدد لاءِ موڪليو. ٻنهي لشڪرن گڏجي، امير شيخ جهان جي لشڪر تي سخت حملو ڪيو، جنهن ۾ امير شيخ جهان مارجي ويو ۽ بکر جي حاڪم پڇي

جان بچائي. ٻئي دفعي قنبر بروهي وڏو لشڪر وٺي، فقيرن تي ڪاهي آيو، ليڪن ان کي به سخت ناڪاميءَ جو مُنهن ڏسڻو پيو.

امير شيخ جهان جي قتل ۽ بکر جي حاڪم اللهه يار جي ڀاڄ جي خبر ٻُڌي، شهزادي معزالدين (جيڪو عالمگير جو پوٽو، لاهور ۽ ملتان جو گورنر ۽ سنڌ جو نگران هو) سِڌو سنڌ جو رخ ڪيو. جڏهن ميان دين محمد شهزادي جي اچڻ جي خبر ٻُڌي، تڏهن ميان صاحب پنهنجي ننڍي ڀاءُ مير محمد کي پن وڪيلن سان گڏ بکر موڪليو. جن شهزادي کي سڀ حالتون سمجهائيون، سندس دل صاف ڪري ڇڏي، جنهن ڪري هو مطمئن ٿي، لاهور واپس روانو ٿي ويو. پر اوچتو ئي اوچتو، انهيءَ وچ ۾ عجيب واقعو پيش آيو. ٿيو هيئن جو شهزادي جي واپس وڃڻ کان پوءِ ڪلهوڙا خاندان جي ناماياري سپهه سالارشاهه بهارا جي وڏي ڀاءُ مقصود فقير جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته شهزادي اسان جي بهادريءَ جا جوهر ته ڏٺا ئي ڪونه، ان ڪري ڪيس پنهنجي طاقت جو اندازو ڏيکاري. اهو خيال ايندي ئي هن لشڪر تيار ڪري، ميان دين محمد کي ٻڌائڻ کان سواءِ ماڇيلي تي حملو ڪري ڏنو ۽ پوءِ اڳتي وڌي، اُچ ۾ مغليه ماڻهن جو قتلام شروع ڪري ڏنائين.

شهزادي معزالدين کي جڏهن ڪلهوڙن جي لشڪر جي هن ڪاروائيءَ جي خبر پئي ته هُو سخت ڪاوڙ ۾ واپس آيو. شاهي فوجن سيوهڻ ۾ ترسي، ميان دين محمد جي علائقن ۾ لُٽ مار شروع ڪري ڏني. مغل فوج ڇهه مهينا سيوهڻ ۾ رهي. نيٺ ميان دين محمد صلح جي لاءِ درخواست ڏني ۽ پاڻ شهزادي وٽ هلي آيو. شهزادو معزالدين، ميان دين محمد کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو، باقي ميان صاحب جي رهيل ماڻهن جي نگرانيءَ لاءِ هڪ فوج ڇڏي ويو ته اها باقي ماڻهن کي گرفتار ڪري وٺي اچي.

ميان دين محمد جو وچٿ ڀاءُ ميان يار محمد هاڻي ميان دين محمد جو قائم مقام هو، سو اُن لاءِ تيار نه هو ته ڪو پنهنجي ماڻهن ۽ واسطيدارن کي مغل فوج جي حوالي ڪيو وڃي. هن مغل فوج سان جنگ جو اعلان ڪيو ۽ انتهائي ثابت قدميءَ سان مغل فوج جو مقابلو ڪيو. ٻنهي ڌرين ۾ سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ تاريخدانن جي مطابق رت جون نديون وهي هليون. ميان يار محمد جي طرفان تاجي فقير، جادي فقير ۽ بختيار فقير پنهنجن پنهنجن جٿن سان گڏجي واهه جو پاڻ ملهايو. انهيءَ جنگ ۾ مغل فوج جا ٻه زبردست بهادر، راجا گجه سنگهه پٽي ۽ سورج مل، اودي پور وارو ميدان جنگ ۾ مارجي ويا ۽ نئين گاج جي ڪناري تي ڪلهوڙن جي لشڪر مغل فوج کي زبردست شڪست ڏني. اها جنگ ***1799***ع ۾ ٿي. شهزادي انهيءَ شڪست کان بي پرواهه ٿي، ميان دين محمد کي ملتان ۾ شهيد ڪرائي ڇڏيو.

***

# فيروز فقير ويڙ

جڏهن ميان نصير محمد کي، ميرزا خان پنيءَ دوکي سان گرفتار ڪرائي هندوستان وٺي ويو، تڏهن به سنڌ ۾ مغلن جي خلاف فقير جي آزاديءَ جي جنگ جهڪي ڪانه ٿي ۽ اِنهيءَ جنگ کي جاري رکندڙ فقيرن مان، فيروز فقير ويڙ سرِ فهرست آهي.

هڪ دفعي فيروز فقير جي قيادت ۾ فقيرن بکر جي گورنر مير يعقوب کي عبرتناڪ شڪست ڏني. اُن کان پوءِ به فقير ننڍين ننڍين جنگين ۾ مغلن جي حامين کي شڪستون ڏيندا رهيا. پوري ساهتي پرڳڻي تي فيروز فقير ۽ فريد فقير جي ڪوشش سان قبضو ٿيو. انهيءَ پرڳڻي ۾ فيروز فقير هڪ نئين شهر جو بُنياد وڌو جنهن کي اڄ ”نوشهرو فيروز“ چيو وڃي ٿو.

اڳتي هلي ميان دين محمد جي دؤر ۾ سنڌين جي نا اتفاقي، وري ميرزا پنئي کي فقيرن تي حملي ڪرڻ لاءِ کُهلي آئي، پر اُن جي دال نه ڳري ۽ فيروز فقير جي اڳواڻيءَ ۾ فقيرن کيس سخت شڪست ڏني. انهيءَ شڪست جو بُڌي، مغليه دربار مان مغلن جو ناميارو سردار امير شيخ جهان، فقيرن کي تباهه ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيو. انهيءَ شخص ايندي شرط فقيرن تي حملو ڪيو.

فقيرن طرفان اُتي ڏيري جي قلعي مان ٻاهر نڪري، فيروز فقير جي اڳواڻيءَ ۾ گهيريلي ۾ مغل لشڪر تي ڇاپو هنيو، جنهن مغلن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون.

هوڏانهن ميان دين محمد فيروز فقير جي مدد لاءِ پيو لشڪر موڪليو. ٻنهي لشڪرن ڳڏجي فيروز فقير جي اڳواڻيءَ ۾ مغل فوج تي حملو ڪيو، جنهن ۾ مغل سردار مارجي ويو ۽ بکر جي حاڪم پڇي جان بچائي.

❋❋❋

**پورو ٿيو.**

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net